





Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# سنڌ بچايو – ڪنڌ بچايو

(جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ سنڌن فرقيوار ذهنيتن ڪان)

(1946ع)

## محمد ابراهيم جويو




روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2014ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

## سنڌ سلامت ڪتاب گهر



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# SAVE SIND–
## SAVE THE CONTINENT

(from Feudal Lords, Capitalists and their Communalisms)

by

Published by
Mohd. Ibrahim Joyo
Hon: Secretary,
The Sind Renaissance Association,
8, Haji Chandoo Bldg.,
Barnes Street,
Karachi. 3

**Rupees Two and annas eight.**

Printed by
Ahmed A. Jivaji,
Aage Kadam Printery,
South Napier Road;
Karachi – 2.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944






Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ارپنا

پنهنجي پياري ڌيءَ

نيلوفر جويو جي نالي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (243) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي اهم ڪتاب ”**سنڌ بچايو، کنڌ بچايو** “ ناميارو ليکڪ، مفڪر، ڏاهي، سنڌ جي محسن ۽ سنڌ جي صديءَ جي صدا سائين **محمد ابراهيم جويو** صاحب جو لکيل آهي. ياد رهي ته جويو صاحب 1946ع ۾ هيءُ ڪتاب ”سنڌ بچايو- کنڌ بچايو“ انگريزيءَ ٻوليءَ ۾ لکيو هو Save Sindh Save the Continent جڏهن گڏيل هندستان جي هندو- مسلم مسئلي جي حل لاءِ، نندي کنڊ کي، فرقيواريت جي بنياد تي، هندن توڙي مسلمانن جي مٿئين طبقي جي مرضيءَ ۽ انهن جي مخصوص مفادن کي اڳيان رکندي، ورهايو پئي ويو.

2014ع ۾ هڪ دفعو وري هي ڪتاب روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو پاران ڇپايو ويو آهي. اسان ٿورائتا آهيون پياري دوست محسن جويي صاحب جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# سنڌاءُ


هو مون کي چون ٿا: خليل جبران 08

ٻه اکر (سنڌي ڇاپي لاءِ) 09

ائين نہ ٿي جو اسان کان وسري وڃي 14

دانهن 17

(پهرين انگريزي ڇاپي جو مهاڳ جو سنڌي ترجمو)

سنڌ بچايو ـ ڪنڌ بچايو 25

کليل خط 78

(سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن ڏانهن 5 جون 1947ع تي انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل ۽ ڇپائي ورهايل خط)

ترجي گٿي سنڌ 84

(ٻئي انگريزي ڇاپي لاءِ لکيل "After Piece" جو سنڌي ترجمو)




Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

لبنان جي ناليواري ليکڪ ۽ شاعر خليل جبران پنهنجي هڪ ليک ۾ هڪڙي سهڻي ڳالهه
ڪئي آهي، جا هينئر ريت آهي:

”هو مون کي چون ٿا:
جي تون ڪو غلام ستل ڏسين، ته ان کي نه جاڳاءِ،
ممڪن آهي ته هو آزاديءَ جو خواب ڏسندو هجي!
آءٌ انهن کي چوان ٿو:
جي اوهين ڪو غلام ستو ڏسو ته ان کي جاڳايو.
۽ هن کي آزاديءَ جي ڳالهه ٻڌايو!“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ٻه اکر

**(سنڌي ڇاپي لاءِ)**

هيءُ ڪتاب ” سنڌ بچايو- ڪنڌ بچايو.......“ انگريزيءَ ٻوليءَ ۾ مون اٽڪل 68 ورهيه اڳي لکيو هو جڏهن گڏيل هندستان جي هندو- مسلم مسئلي جي حل لاءِ، ننڍي کنڊ کي، فرقيواريت جي بنياد تي، هندن توڙي مسلمانن جي مٿئين طبقي جي مرضيءَ ۽ انهن جي مخصوص مفادن کي اڳيان رکندي، ورهايو پئي ويو. رٿا اها هئي ته جن علائقن ۾ مسلمان آبادي اڪثريت ۾ آهي، انهن کي ملائي، هڪ نئين ۽ مسلمانن جي پنهنجي رياست جو قيام عمل ۾ آندو وڃي. ان ڏس ۾ جيڪي بندوبست ڪيا پئي ويا، اهي ڪنهن طرح به مسلمانن جي نالي ۾ نهندڙ انهيءَ نئين رياست ۾ شامل ٿيندڙ مسلمان اڪثريتي اڪاين لاءِ فائديمند نه هئا ۽ نه وري سياسي، معاشي ۽ تاريخي حوالي کان قبولڻ جوڳا نه هئا، انهن کي هنن ڪتاب ۾ اُنهيءَ دور جي حالتن پٽاندر، بحث هيٺ آندو ويو آهي. ان ۾ خاص طرح به معاملا هئا. هڪ معاملو هيءُ هو ته سنڌ اسيمبليءَ ۾ 1946ع جي چونڊن جي نتيجي ۾ سنڌ مان چونڊجي آيل نمائندن کان، مسلمانن جي نئين رياست ۾ شامل ٿيڻ يا نه ٿيڻ بابت راءِ ورتي پئي ويئي. حقيقت اها آهي ته اهي چونڊون، انگريزن جي انتظام هيٺ، سنڌ ۾ ساڳيءَ طرح هندستان جي مختلف پرڳڻن جي عام سياسي ۽ انتظامي معاملن کي هلائڻ واسطي منعقد ٿيون هيون. انهن چونڊن توڙي انهن جي نتيجي ۾ چونڊجي آيل نمائندن کي ڪو اضافي، مخصوص يا غيرمعمولي اختيار مليل نه هو، خاص طرح، اهڙو ته انهن چونڊن جي بنياد تي، مسلمان اڪثريتي علائقن جي قسمت جو فيصلو ڪيو ويندو- ۽ اُهو به اهڙو فيصلو، جيڪو قومن جي قطعي سياسي غلاميءَ، معاشي محتاجيءَ ۽ تاريخي توڙي ثقافتي تباهيءَ جهڙا نتيجا آڻيندڙ هجي

پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ يا ٿيڻ وارو فيصلو هڪ غيرمعمولي فيصلو هو. ان لاءِ ڪي خاص ۽ الڳ نوعيت جا انتظام گهربل هئا، جن تي سوچڻ جي ڪابه تڪليف نه ڪئي ويئي ۽ سنڌ سميت هندستان جي مڙني تاريخي وطنن مٿان اهڙو فيصلو غيرجمهوري، غيرقانوني ۽ غيراخلاقي نموني مڙهيو پئي ويو — اهو به انهن جي پنهنجن نمائندن جي هٿان، ته جيئن اهڙي فيصلي جي حق ۾ ڪو جوڳو جواز موجود ڪري سگهجي.

ٻيو اهم معاملو هيءُ هو ته چونڊيل نمائندن جي اڳيان رڳو به چونڊون رکيون ويون هيون- يعني اهي رڳو پاڪستان يا هندستان ۾ شامل ٿيڻ جي حق ۾ پنهنجي راءِ ڏيئي ٿي سگهيا. انهن ٻنهي چونڊن کان سواءِ، ڪنهن به ٽين چونڊ جو انهن کي ڪوبه اختيار نه هو ۽ نه ئي اهي نمائندا پنهنجي طور تي، ان پاسي ڪو ڌيان ڏيئي رهيا هئا ته ڪا چونڊ رهيل آهي، جيڪا انهن ٻنهي چونڊن کان به وڌيڪ اهم ۽ ضروري آهي. اها چونڊ، پڪ سان، سنڌ جي تاريخي حيثيت جي بحاليءَ واري هئي، يعني سنڌ تاريخ جي هر ڪنهن زماني ۾ هڪ آزاد


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۽ خودمختيار وطن پئي رهي آهي. انگريزن پڻ ان کي هڪ وطن جي حيثيت ۾ فتح ڪيو هو انڪري، انصاف جي تقاضا اها هئي ته سنڌ کي اها حيثيت برقرار رکڻ جو حق ۽ اختيار ڏنو وڃي، جنهن حيثيت ۾ انگريزن ان کي فتح ڪيو هو. نه رڳو ايترو پر، سنڌ جي آئيندي جي فيصلي جو اختيار سنڌي عوام جي اڪثريتي راءِ جي بنياد تي پڻ ڪيو ويو وڃي. اهي اهڙا معاملا هئا، جيڪي ان وقت جي سگهاري ۽ فيصلي جو نام نهاد اختيار رکندڙ ٽڪنڊي، مسلم ليگ، ڪانگريس ۽ انگريز حڪمرانن کي ياد به نه هئا. هن ڪتاب ۾، مون انهن مڙني معاملن تي، پيرائتي نموني روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته جيئن ان وقت جي اسان جي سنڌي نمائندن جو ڏيان انهن پاسن ۽ پهلوئن ڏانهن ڇڪرائي سگهجي.

جيتوڻيڪ، انهيءَ فيصلي جو اختيار رکندڙ ٽڪنڊي، اهو ئي ڪيو جيڪو انهن ڪين ڪرڻو هو پر تاريخ جي رڪارڊ تي اها ڳالهه آيل آهي ته مون سميت ڪيترائي اهڙا ماڻهو هئا، جيڪي سنڌ جي پنهنجي اصل ۽ تاريخي حيثيت جي بحاليءَ جي حق ۾ ڳالهه رکندا پئي آيا هئا. هن ڪتاب کان سواءِ، مون پنهنجن ان وقت جي سنڌي نمائندن، جن کي سنڌ جي آئيندي ۽ قسمت جو فيصلو ڪرڻو هو، لاءِ هڪ کليل خط پڻ لکيو هو، جيڪو سنڌ اسيمبليءَ جي ڀاهران ٻيهي، مون انهن ۾ ورهايو هو اُن خط ۾ پڻ ساڳيو ئي موقف اختيار ڪيو ويو هو ته اسان جا نمائندا ڪوبه فيصلو ڪرڻ کان اڳ، سنڌ جي فائدي ۽ نقصان جي سمورن پهلوئن کي سامهون رکن. اُن وقت، جيڪي ڪجهه مون، پنهنجي اُن عمل جي موٽ ۾، ڀوڳيو اُهو به تاريخ جي رڪارڊ تي آهي.

ان کان سواءِ هن ڪتاب ۾، مون اهو به ڇاٽائڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي هئي ته ڪهڙيءَ ريت، اسان جي ماتر ڀومي سنڌ ۽ اسان سنڌواسين کي، مذهب جي آڙ ۾، هڪ بالادست قوم جي غلاميءَ ۾ ڏنو پئي ويو، جنهن جي اسلام پڻ اجازت نه ٿو ڏئي ۽ نه ئي سڌريل دنيا جو ڪو اصول اهڙي گنجائش رکي ٿو ته ڪنهن هڪ يا هڪ وڏيڪ قومن کي، انهن جي مرضيءَ خلاف، ڪنهن اهڙي مڪمل طرح ٻين جي رحم ڪرم تي ڇڏيو وڃي. اهي سڀ ڳالهيون انڪري ڪيون ويون هيون، جو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي محب وطن ماڻهن کي انگريزن جي انتظامڪاريءَ دوران، سيني سگهارين سياسي ڌرين جي نيتن ۽ ارادن جي پرک هئي، انهيءَ ڏس ۾ پڻ ڪيترائي مثال، هن ڪتاب ۾ شامل ڪيل آهن.

اها وڏي بدقسمتي ڇئبي، جو اُن وقت جي اسان جي سنڌي نمائندن وقت جي پڪار جو ساٿ نه ڏنو ۽ نتيجي ۾ اسان جي حصي ۾ جيڪا غلامي آئي ۽ ان غلاميءَ، پنهنجي پاڻ مان جن واڌو اذيتن ۽ عذابن کي جنم ڏنو انهن جو بيان ۽ ڪاٿو پڻ رڪارڊ تي آيل آهي. بهرحال، جيڪڏهن وقت جي پڪار کي مثبت نموني موٽ ڏني وڃي ها ته سنڌ کي پنهنجيءَ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو درجو واپس ملي ٿي سگهيو اها ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهه نه هئي، ۽ جيڪڏهن رڻيل هندستان يا پاڪستان جي حدبندين اندر، اسان جي شموليت جو فيصلو ڪرڻو ئي هو ته اُن ۾ پڻ خبرداريءَ ۽ دانشمنديءَ کان ڪم وٺندي، ان کي سنڌ جي پنهنجي حڪومتي نظام ۾ هر قسم جي آزادي ۽ خودمختياريءَ توڙي وفاق ۾، هر سطح تي، برابر شرڪت ۽ مداخلت، ۽ پڻ اسان جن پنهنجن مقامي قدرتي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اقتصادي وسيلن تي اسان جي مڪمل حق جي مڃتا سان مشروط ڪرڻو هو تہ جيئن اسان جي تاريخي، سماجي، سياسي ۽ قومي جي حيثيت ۾ تاريخي حقن ۽ مفادن جو بچاءُ ٿئي ها ۽ اهڙيءَ ريت، اسين هڪ قوم طور، پيهر پنهنجيءَ آزاديءَ جي مٺي ميوي چکڻ واريءَ حالت ۾ اچي سگهون ها ۽ دنيا جي ٻين آزاد قومن وانگي آجي زندگي ماڻڻ جو موقعو ماڻي سگهون ها.

هن ڪتاب جو هيءُ ترجمو مون پنهنجن ڪن نوجوان دوستن، هم خيالن ۽ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي گهڻ-گهرن جي مدد سان ڪيو آهي، جن ۾ سنگرام علي آڪاش ۽ محسن علي جويي جا نالا اهم آهن. هن پيشڪش کان اڳ بہ، ڪن دوستن پنهنجي طور تي، ترجما ڪيا هئا، جيڪي پڻ چڱا هئا، پر معيار جي لحاظ کان اجا ڪجھ بهتريءَ جي گهرج هئي تہ جيئن هيءَ ترجمو اصل مسودي سان ٺهڪندڙ بنجي سگهي ۽ ڪتاب ۾ سموهيل پيغام صحيح نموني، عام پڙهندڙن تائين پهچي سگهي.

ايئن بہ نہ آهي، تہ هيءُ ڪم ڪو هڪ يا ٻن ڏينهن ۾ يا مهيني ٻن ۾ پورو ٿيو آهي. هن ترجمي تي ڪم ڪندي، اسان سيني کي ڪي ڇھ ست ورهيہ جو وقت لڳو آهي. ان جو سبب هيءُ هو تہ دوستن جون پنهنجيون ذاتي مصروفيتون، ڪم ۽ ذميواريون پڻ هيون، ڪين اهي بہ نباهڻيون هيون، جنهن جي ڪري، هيءُ ڪم ڪيتري وقت لاءِ التوا ۾ پڻ پئي رهيو. ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون حالتون بہ پيدا ٿيون، جو ايئن لڳندو هو تہ شايد هيءُ ڪم پورو نہ ٿي سگهندو، پر جس آهي، عزيزم محسن علي جويي کي جنهن هن ڪم سان لاڳاپيل دوستن سان، هر حال ۾ ۽ لڳاتار رابطو رکيو ۽ ڪم جي سلسلي کي هر ڀيري اتان ئي جوڙيو جتان اهو ٽُٽو هو. سچ پچ تہ، آئون محسن عليءَ جي اهڙي اورچائپ، مستقل مزاجيءَ ۽ سچي وابستگيءَ کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهان.

ان کان سواءِ، مون لاءِ پنهنجي ئي ڪتاب کي ترجمو ڪرڻ پڻ مسئلو رهيو آهي. منهنجي ويجهو اها ڳالھ پاڻ وڏائڻ جي دائري ۾ پئي آئي، اهو سبب هو جو دوستن احبابن جي خواهش ۽ اصرار کان پوءِ بہ، مون ڪيترائي سال هن ڪم ۾ هٿ نہ وڌو. جڏهن آئون ڀرپور نموني ڪم ڪرڻ جهڙو بہ هئس. منهنجن خيالن ۾ ڪنهن قدر ڦيرو مون کي پيل دل جي دوري کان پوءِ آيو جنهن کان پوءِ مون کي اهو احساس ٿيڻ لڳو تہ اهو وقت اچي ويو آهي، تہ پنهنجن رهيل ڪمن کي، پنهنجي ئي حياتيءَ ۾ اُڪلائجي. سڀاڻي جي ڪنهن کي خبر آهي! — ۽ خبر نہ آهي تہ باقي ڪيترو وقت بچيو آهي. هونءَ تہ مسئلو موت جو نہ آهي، حياتيءَ جو آهي تہ ڪهڙيءَ ريت ان جي پل پل مان فائدو وٺجي ۽ هر گهڙيءَ کي سگهاري بنائجي ۽ ڪيئن ان کي پنهنجي وطن ۽ وطن واسين ۽ پڻ ڪل انسانذات لاءِ ڪارج ڀريو بنائجي. ان ڏس ۾، سنڌ جي مهان شاعر شيخ اياز جو هڪ شعر منهنجي ياد تي اُڀري بيٺو آهي.

موت تي ڪهڙي ميار،
جئن اچي، جاتي اچي.
ڳالھ آهي زندگيءَ جي، توڙ تائين مڄُ نہ هار،



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## سنڌ بچايو، ڪنڌ بچايو : محمد ابراهيم جويو

جو چوڻ چاهين چئي ڏي، آهه جڻ پوئين پُڪار،
اوچتو وڃندي ڪِري پونديءَ ڪڏهن هٿ مان ستار،
موت تي کهڙي ميار،
جئن اچي جاتي اچي.

آئون پنهنجيءَ زندگيءَ مان بلڪل مايوس نہ آهيان. مون ڪان جيترو پڳو مون اوترو ڪم ڪيو آهي ۽ ڪيل ڪم مان مطمئن آهيان. البت، ائين آهي تہ اجا تائين اهو احساس ضرور ٿئي ٿو تہ ڪيترائي اهڙا ڪم هئا، جيڪي سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ ضروري هئا، اهي نہ ٿي سگهيا آهن، ان هوندي بہ اها پڻ حقيقت آهي تہ اجا اسان ڪان پوِ نہ ڪيترائي ماڻهو ايندا، جيڪي اهي رهيل ڪم پورا ڪندا ۽ پڻ اهي ڪم ڪندا، جيڪي اسان اجا سوچيا بہ نہ آهن. هيءُ علم ۽ قلم جو ڪم ڪڏهن بہ ڪٽڻو نہ آهي. دنيا جي هر حصي وانگي، هن ڏيهہ ۾ پڻ ڏات ۽ ڏانءَ جو ڏڪار نہ اچڻو آهي. هيءُ سوچ ۽ فڪر جو- سچي سوچ ۽ فڪر جو هيءُ ڀرپور جهرڻو سدائين ڀيو وهڻو آهي ۽ ذهنن ۽ دلين جي آبياري پئي ٿيڻي آهي ۽ اهو دور بہ سنڌ ۾ اچڻو آهي، جنهن بابت اسان رڳو سوچي ۽ ويچاري ئي سگهيا آهيون،

نيٺ تہ ايندو،
نيٺ تہ ايندو،
جيڪو ڪيئي قول قلاري،
ڌرتيءَ تي هبڪارون ٿيندو،
اهڙو باران نيٺ تہ ايندو
فصلِ بهاران نيٺ تہ ايندو!

هي جيڪي ناسور تمن تا،
تن کي ڪوتہ چتائي ڏسندو
ڪوئي درمان نيٺ تہ ايندو
فصلِ بهاران نيٺ تہ ايندو!

توڙي پاڻ نہ هونداسين، پر،
پنهنجي ياد تہ هوندي ان سان
اهڙو انسان نيٺ تہ ايندو
نيٺ تہ ايندو،
نيٺ تہ ايندو،


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

فصلِ بهاران نيٺ تہ ايندو.

مون هن ترجمي جي رعايت سان ڪجهہ ذاتي احساس بہ ونڊيا، اميد تہ پڙهندڙ ان کي قبول ڪندا. ڇو تہ هن نموني ٻڌجي ويهڻ جو موقعو گهٽ ملي ٿو. آئون پنهنجو گهڻو تڻو وقت ڪتابن پڙهڻ ۾ گذاريان ٿو. هن عمر ۾ ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي وندر ۽ ورونهن ٿي سگهي ٿي. بهرحال، هن وقت هيءُ ڪتاب ترجمي جي صورت ۾ اوهان لائق پڙهندڙن جي هٿ ۾ آهي، ان جي افاديت جو اوهان ئي بهتر فيصلو ڪري سگهو ٿا.

هتي هڪ هيءَ وضاحت ڪرڻ بہ ضروري ٿو سمجهان تہ اصل انگريزيءَ واري مسودي جا ٻہ ڇاپا ڇپجي چڪا آهن. پهريون ڇاپو جون، 1947ع ۾ ڇپيو هو جنهن جي ٽائيٽل جو عڪس، هن ڪتاب جي شروعات ۾ ڏنو ويو آهي، ۽ ٻيو ڇاپو 2001ع ۾ ڇپيو هو.

ڇپجڻ جي هر مرحلي ۾ بہ پنهنجن انهن دوستن ۽ هم خيالن جو ٿورائتو آهيان، جن هن اهم ڪم ۾ هٿ ونڊايو. جن جي مدد، وقت، ڌيان، دلچسپيءَ ۽ مشورن سبب ئي هيءُ ڪتاب ترجمي جي صورت ۾ اوهان تائين پهچي سگهيو آهي. ان کان سواءِ روشني پبليڪيشن جي دوست ۽ ياءُ علي نواز گهانگهري جي پڻ مهرباني، جنهن هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي هر مرحلي کي ڪامياب بنايو ۽ ڊگهي عرصي تائين ڪتاب جي مڪمل ٿيڻ جو انتظار ڪيو.

**محمد ابراهيم جويو**

A -41 صحافي ڪالوني

حيدرآباد، سنڌ.

30 جون 2014ع



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ائين نہ ٿي جو اسان کان وسري وڃي ۽ پيهر اُها اسين واقع ٿيڻ ڏيون!

هندستان مان نوابي گهراڻي سان تعلق رکندڙ بہ پينرون آيون. هڪڙي: بوميار (بمبئي) ۽ ٻي: رينوا. انهن سان گڏ سندن هڪ ننيڍڙي پر ويڳي شهزادي (سنڌ) بہ گڏ هُئي، پر انهيءَ ننيڍڙيءَ شهزاديءَ سان الميو اِهو ٿيو تہ اُها ٻالڪپڻ ۾ ئي يتيم ٿي ويئي ۽ اهڙيءَ ريت اُها پنهنجي ويڳي ڀيڻ (بمبئي) جي نگهبانيءَ هيٺ ڇڏي وئي، جنهن ساڻس ويڳو ورتاءُ جاري رکيو.

انگريز آيا ۽ سنڌ فتح ڪيائون ۽ اُنهن هن ننيڍڙي شهزادي يعني(سنڌ) کي ماهيگيرن جي هِڪَ ننيڍڙي ڳوٺ، يعني بمبئي جي حڪمرانن جي نظرداريءَ هيٺ ڏنو. جنهن جي ويڪر ڏيڍ ميل ۽ ڊيگهہ يارنهن ميل هُئي. اِها 80 ورهيہ اڳ جي زماني جي ڳالهہ آهي_ _ 80 ورهيہ بہ اُداس ڪري ڇڏيندڙ نظر اندازيءَ وارا ورهيہ! انَ ريت ڪولهين جا اِها ننيڍڙا ماهيگير ڳوٺَ سنڌ جي محصولن جي ٻَلَ تي، اُسريا ۽ سَگهارا ٿيا ۽ نيٺ پوءِ وَڃي پاڙيرا ٿيا. سنڌ جيڪا [مغل بادشاهہ] اڪبرِ اعظم کي سڀ کان وڌيڪ ڏنُ ڏيندڙ رهي هُئي پر هِنَ پيري اُنَ جو [مُعاشي ۽ انتظامي لحاظ کان] ماڳهين وڌيڪ استحصال ڪيو ويو. ان جو ئي نتيجو آهي، جو اڄ سنڌ ڪنڊرن جو ڍير بڻيل آهي ۽ اُها نظرانداز ڪيل ۽ ويڳاڻپ جي وَر چڙهيل آهي. سنڌو، اُهو درياهہ جنهن جا تاريخ جي هر زماني ۾ ڳيچ ڳايا ويا آهن ۽ جنهن بابت ڪيترائي رومانوي قصا ڪهاڻي مشهور آهن، انهيءَ تي، سکر جي ماڳ وَٽ بئراج اڏي پاڻيءَ کي ذخيري ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪابہ اڳيرائي نہ ڪئي ويئي. ايئن ڪيو وڃي ها تہ هوند هزارين ايڪڙ زرخيز ۽ اَڻ ڇُهي زمين پوکيءَ لائق ٿي پوي ها اهڙي ريت سنڌ [رڳو گهريلو گهرجن لاءِ نہ، پر] دنيا لاءِ اناجَ جو خَزانو بڻجي وَڃي ها ۽ انَ فائدي سان گڏُ، اهڙو ذخيري ڪيل پاڻي بجليءَ جي پيداوارتوڻي ڪارخانن جي صنعت جي گهرجن جي پورائي طور پڻ ڪم اچي ها.

ڪيڏي نہ دکدائڪ ڳالهہ آهي، جو هِڪَ بئراج جي اَڻاٺ سبب اِهي سَڀ فائدا موجود نہ ٿي سگهيا آهن ۽ اهو قيمتي ملڪيت جهڙو پاڻي سڌو وَڃي سَمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو.

سنڌ ۾ بي بَها گندرف گاڏڙ گرم چشما موجود آهن، جيڪي دُنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ هُجن ها تہ اُهي چڱي ۽ لاپائتي نموني ڪَتب آندا وَڃن ها ۽ اُنهن مان گهڻو فائدو ماڻيو وڃي ها. انهيءَ کان سِواءِ سنڌ معدني خزانن سان مالا مال آهي، جيڪي اجا تائين اَڻ ڇُهيا آهن. ايترن وسيلن کان پوءِ بہ سنڌ پوئتي پيل آهي. پڪن رستن جو تہ وجود ئي ناهي، بس جنهن پاسي هلجي، رستو اهو ئي آهي. هر قسم جوڏنڌو ڏاڙي هِتي موجود آهي. شاندار بندرگاهہ موجود آهي جيڪو هندستان کان يورپ کي ويجهو آهي،



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اهو ترقي ڪري رهيو آهي، پر هوريان هوريان. اِها ترقي بہ انهيءَ بندرگاهہ کي محصولن جي وَڏ ۾ وَڏ اوڳاڙيءَ جي لالچ سبب ملي آهي، ۽ ٻئي پاسي حالت اِها آهي، جو سنڌ جي پيدوار مان اوڳاڙيل محصولَ، سنڌ جي بندرگاهہ جي ترقيءَ بدران بمبئيءَ جي بندرگاهہ جي ترقيءَ تي خرچ ڪيا پيا وڃن.

اها آهي ويچاريءَ ننڍڙيءَ سِنڊريلا (سنڌ) شهزاديءَ جي سموري رام ڪٿا. جيڪا آئرلنڊ ۾ لکيل هِڪ ناولَ "Castle Rack Rent" جهڙو خاڪو پيش ڪري ٿي.

هن مهل سنڌ جو وجود رڳو انهيءَ مَٿي ڄاڻايل ٿورڙن ڏنل ۾ موجود ڪيل وسيلن تي برقرار آهي. اِن جي مَحصولن جو گهڻي ڀاڱي ڀاڱو اُنَ جون ظالم ويڳيون پينرون ڦٻائي وڃن ٿيون ۽ هيءَ سندن ويڳي ۽ ويچاري پيڻ (سنڌ) رڳو انهيءَ لاءِ جنڊ هَلائيندي ۽ ڪشٽ ڪٽيندي رهي ٿي. اُن جي حيثيت اُنهيءَ ٻانهيءَ جهڙي آهي، جنهن کي محنت / پورهئي جو ڪوبہ اَجُورو نہ ملندو آهي ۽ سندس پورهئي جي ڪمائيءَ منجهان ٻيا سُکيا ستابا ٿڄي پوندا آهن.

"Jangles from Sind," by Omar (Mrs. A. Ives-Currie) Written in 1922, and published in 1936, to whidh Sir, H. Dow the 2nd Governer of Sind, wrote, "as an old Sindhee" the foreword.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ضروري وضاحت

”...... هيءَ ڪتاب سال اڳ پڌرو ڪرڻ جو ارادو هو، پر ڪن سببن ڪري ائين ٿي نہ سگهيو. تنهن هوندي بہ، حڪومت برطانيہ جي هندستانين کي اقتدار اعليٰ سونپڻ بابت اعلانيل ۾ تازه ترين آچ هن ڪتاب ۾ پيش ٿيل ڳالهہ تي ڪنهن بہ طرح اثر انداز نٿي ٿئي. سواءِ ڪن ضروري تاڪيدي هيٺ مٿانهين جي اصل ڳالهہ ۾ خاص طور سنڌ بابت اُن جي بنيادي دليل جي اهميت ۾ اُن جو وزن ساڳيو ئي رهي ٿو.

(م. ا. ج 15_6_1947ع)“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# دانهن

## (پهرين انگريزي ڇاپي جي مهاڳ جو سنڌي ترجمو)

مون هنن صفحن ۾ پنهنجن سنڌ واسي ڀائرن، مسلمانن توڙي هندن، جي سوچ ۽ مناسب عمل لاءِ ڪي نقطا، ڪي پنهنجا خيال ۽ ويچار پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اڄ اسين سنڌ واسي اتهاس جي هڪ اهڙي ٻه واٽي تي بيٺا آهيون، جتان اسين هڪ صديءَ ڊگهي غلاميءَ جي اونداهي رات منجهان جند آجي ڪري، آزاديءَ جي نئين باک کي ويجهي ڏسنداسين، يا هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي لاءِ ڪيترن ئي پيڙهين تائين، پنهنجن پاڙيسرين جي سياسي بالادستي ۽ اقتصادي غلامي قبول ڪري ويهنداسين. اڄ جي رٿيل پاڪستان توڙي هندستان ۾، اسين پنجيتاليهه (45) لکن کان وڌيڪ ماڻهو آهيون، رڳو اهو واعدو ڪيو پيو وڃي. ته اسان مان هر ڪنهن فرد کي مڃيو ويندو، پر اسان جي گڏيل ۽ هڪ وحدت ۾ سموهيل وجود کي بحيثيت هڪ قوم قبولڻ جو واعدو نٿو ڪيو وڃي.

هن معاملي جو تت هيءُ آهي ته ٻنهين صورتن ۾، اسين عددي اڪثريت هيٺ پوريءَ طرح لُٽيا ۽ لتاڙيا ويند اسين. حالتون اهو ئي اشارو ڪري رهيون آهن ته اسان جا مڙني اقتصادي وسيلن ۽ اسان جي حڪومتي نظام جي سڀني جاين تي ڌارين جي هڪ هٽي قائم ٿي ويندي.

ڇا اسين پنهنجن ماڻهن جي فلاح بهبود ۽ پنهنجي سياسي ۽ اقتصادي حق جي، هن طرح زور زبردستيءَ ۽ هڪ پاسائين نموني، ڦرجڻ کي ماٺ ميٺ ۾ قبولي ويهي رهون؟ يا اسان کي باخبر ٿي، اٿي بيهڻ کپي ۽ هڪ قوم طور پنهنجيءَ انفراديت کي مڃائڻ کپي ۽ منهنجيءَ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ کي موٽائي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ کپي، جيڪا هڪ صدي اڳ اسان انگريزن هٿان وڃائي هئي. اهي اسان لاءِ اهم ۽ بنيادي سوال آهن، جيڪي مون هن ننڍڙي ڪتاب ۾ اٿاريا آهن ۽ انهن جي حوالن ڏيڻ جي به وس آهر ڪوشش ڪئي آهي.

انڊين نيشنل ڪانگريس جي سوچ ۽ پڻ آل انڊيا مسلم ليگ جي سوچ مان ائين لڳي ٿو ته اسين سنڌي ماڻهو ڪي مال متاع جا اسم آهيون، جن کي رڳو هم گير هندستان يا هم گير پاڪستان ۾ واڙي ڇڏڻو آهي. پوئين اسيمبلي جي چونڊن وارن نتيجن کي ٻن تجويز ڪيل رياستن جي حق ۾ اسان جي هڪ فيصلي طور ظاهر ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ 70 ۽ 30 سيڪڙو تناسب رهيو. اسيمبلي لاءِ چونڊيل نمائندن وسيلي مليل 70 سيڪڙو لاءِ اهو چيو پيو وڃي ته انهن پاڪستان جي چونڊ ڪئي آهي ۽ ساڳئي نموني 30 سيڪڙو لاءِ اهو چيو پيو وڃي ته اُهي هندوستان ۾ وڃڻ جي گُهر ڪري رهيا آهن. هتي سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته سنڌ ڪٿي آهي!؟ 70 سيڪڙو ۽ نه ئي 30 سيڪڙو انهيءَ سوال تي ڪوبه ڌيان نه ڏنو آهي. وڏي هوشياري سان انهيءَ معاملي کي هڪ پاس ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اهو معاملو ماڻهن اڳيان رکيو به ويو ته رڳو 15 سيڪڙو ماڻهن جي اڳيان رکيو ويو. انهيءَ 15 سيڪڙو منجهان به وڏ ۾ وڏ اڌ چونڊن ۾ حصو ورتو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪانگريس ۽ ليگ جي سياڻن ۽ سياسي ڊاڪٽرن پنهنجن واسطيدار مريضن کان سندن مرض جي پڇا ڪرڻ کان سواءِ انهن کي اِهو مشورو ڏنو تہ اوهين بيماري آهيو ڇا اوهين نيڪ ٿيڻ چاهيو ٿا؟ اِها هئي مرض جي تشخيص ۽ اِها هئي انهن جي درد جي دوا!. مرض کي بلڪل بہ نہ ڄاتو ويو ۽ مرض جي تشخيص جيڪڏهن ڪئي وئي هئي تہ انهيءَ جي وضاحت بلڪل نہ ڪئي وئي ۽ جيڪا دوا لکي ڏني وئي اُها نہ تہ ڪڏهن ٿهي هئي ۽ نہ ئي مختلف مرڪب ملائي تيار ٿي هئي. ووٽرن کي ٻين ٻنهہ هاڃيڪار نسخن منجهان هڪ چونڊڻ جو اختيار ڏنو ويو. پاڪستان/ هندستان اِهي نسخا سندن ابوجهہ ذهين اڳيان اڪسير طور لهرايا ويا. اهڙي ريت چونڊ ڪئي وئي پر رڳو ٿي رڳو ٻن لفظن منجهان. انهن لفظن کي نہ تہ ڪنهن ڄاتو ٿي نہ ئي انهن جي سمجهاڻي انهن کي ڏني وئي هئي. اُهي ماڻهن لاءِ ڳجهارت بڻيل هئا پر حقيقت اها آهي تہ جن انهن ٻنهي لفظن جي چونڊ ڪئي، چونڊيندڙن لاءِ سياسي ۽ معاشي غلامي هئي.

زميندارن شاهوڪارن ۽ ڪامورن انهن ابوجهہ ڪوبہ شڪ نہ ڪندڙ ٻي يارو مدد گار ووٽرن کي ڌوڪي دباءُ ۽ هيسائڻ جي هٿڪنڊن وسيلي، ٻنهين لفظن منجهان هڪ لفظ چونڊڻ لاءِ اڪسايو. فاشي انداز واري گذاريل چونڊن جا چيمپيئن هاڻي پنهنجي پوک کي ڀرپور نموني لٽي رهيا آهن ۽ اُنهن کي پگهارن ۾ غير معمولي واڌاري جي روپ ۾ بي انداز مراعتون ملي رهيو آهن ۽ انهن کي ۽ سندن اقتدار ۾ آڻڻ واري ٽولي کي ڦرلٽ ڪرڻ منافي ڪمائڻ ۽ رشوتون وٺڻ جي پوري پوري آزادي ڏني وئي آهي. انهيءَ سياسي جي اڊنگائپ جي بنياد تي اسان جا 45 لک ماڻهو جيڪي هندستان جي مختلف عددي اڪثريت رکندڙ قومن ۽ انهن جي حڪمران طبقي جي ملڪيت هئا اُهي هاڻي، پاڪستان ۾ پنجاب ۽ اتان جي ٽوانن، نونن، دولتانن، ممدوٽن جي ملڪيت ۾ ڏنا پيا وڃن.

پاڪستان ۽ هندستان ٻئي سهڻا لفظ هوندا ۽ جڏهن ٻنهين لفظن منجهان ڪنهن هڪ جي چونڊ جو سوال اڀري تہ اهو ڪهڙو ماڻهو هوندو جيڪو ٻنهي مان هڪ جي چونڊ نہ ڪري ٽوٽي جو هڪ لفظ جي چونڊئي چو نہ هجي پر هتي سوال ڪا شيءَ چونڊڻ جو نہ پر قوم جي حيثيت ۾ سڀ ڪجهہ وڃائڻ وارو آهي.

مون هن ڪتاب ۾ جيڪي نقطا، خاص طرح، شامل ڪيا آهن، اُهي هي ٿي آهن:

(1) تہ اسان سنڌي قوم کي پنهنجيءَ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو درجو واپس ملڻ کپي، ۽ جيڪڏهن رٿيل هندستان يا پاڪستان جي حدبندين اندر اسان جي شموليت گهربل آهي تہ اسان کي حڪومتي نظام جي هر آئيني اداري۔ قانونساز اداري ٽوٽي ڪابينا وغيرهہ ۾، تاريخي، سماجي ۽ سياسي لحاظ کان،هر ڪنهن شامل ٿيندڙ اڪائيءَ جي برابر درجو ملڻ کپي، اهو اسان جو جنمي حق آهي،

(2) تہ اسان سنڌ واسين جو پنهنجن قدرتي اقتصادي وسيلن تي حق مجيل هئڻ کپي، ۽ اسان جو پنهنجي وطن، سنڌ اندر پنهنجي حڪومتي نظام جي هر وڏي کان وڏي ۽ ننڍي کان ننڍي پُرزي تي پورو اختيار هئڻ گهرجي: ۽



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

(3) تہ هاڻي وقت آيو آهي، جڏهن آزاديءَ جي ميوي جي صورت ۾، اسان جي سموري قوم کي، هر قسم جي سوڙهہ، جهالت ۽ ڏپ کان آجي زندگي ماڻڻ جا موقعا ملڻ گهرجن.

هن وقت، هڪ اهم ڳالهہ خاص طرح، منهنجي اڳيان آيل آهي، آئون جنهن کي واضح ڪرڻ گهران ٿو. تازو، پنهنجي موقف سان دلچسپي ۽ ساڃهي وقت ان بابت اٽپوري جاڻ رکندڙ ڪن بين الاقواميت پسندن مون کان هڪ سوال پڇيو: "ڇا، تون سنڌي قوم پرستيءَ جو پرچارڪ آهين؟". ان جي جواب ۾، آئون اهو چوڻ ٿو چاهيان تہ، قوم پرستي، جيئن اها حقيقت ۾ آهي، ننڍي کنڊ ۾ رائج مذهب توڙي انهن مخالف فرقيوار ڌڙن کان گهٽي ياڳي چڱي آهي، جن اسان سيني کي ماڻهوءَ مان ڦيرائي جانور بڻائي ڇڏيو آهي.

اهي سوال پڇندڙ ماڻهو اُهي آهن، جن هندستان ۽ پاڪستان جي نالن جي آڙ ۾ بہ جادوئي پيتيون تيار ڪري ورتيون آهن، اُهي، گهرج پوڻ تي، انهن مان هڪ نہ ٻي ڀُلائيندڙ شيءِ ٻاهر آڻيندييون رهن ٿيون (۽ اڃتي بہ آڻيندييون رهنديون) ۽ هڪڙن اَبوجهہ ماڻهن هٿان ٻين اَبوجهہ ماڻهن کي رتوڇاڻ ڪرائيندييون رهن ٿيون. جيڪڏهن سندن قومپرستي اها آهي تہ هڪڙن ماڻهن هٿان ٻين کي مارائجي تہ پوءِ آئون اهڙي قومپرستيءَ جو پرچارڪ ناهيان. قومپرستيءَ جي اهڙي تصور جو جديد ۽ ترقي پسند قومپرستيءَ سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. ان سان گڏ، ان کي اعليٰ تهذيب رکندڙ، امن ۽ سلامتيءَ جي اصلوڪي مذهب اسلام بہ چڱي نظر سان نہ ڏٺو آهي. ان جا بہ سبب آهن. هڪ سبب هيءُ آهي تہ ان قسم جي قوم پرستي قومن جي وچ ۾ جنگين پيدا ڪرڻ کي اٽڪر بڻائيندي آهي؛ ٻيو سبب هيءُ آهي تہ، اها قوم پنهنجي اندر بہ ٿورن جي گهڻن مٿان تهذيبي، سياسي ۽ اقتصادي بالادستيءَ ۽ استحصال جي بنياد تي وڏي ويجهي ٿي. اهڙي قوم پرستيءَ جو وڏيڪ موزون ۽ علمي اصطلاح يا نالو بهرحال "فسطائيت" آهي.

فسطائيت کي تحرڪ ڏيندڙ بہ مک يا بنيادي خيال آهن:

پهريون خيال هيءُ آهي تہ جيڪي ڪجهہ بہ پنهنجي قوم جي مفاد ۽ سهولت ۾ آهي، اُهوئي صحيح آهي ۽ اهوئي عمل ۾ آڻجي، پوءِ ايئن ڪرڻ سان ڀلي ٻي ڪا قوم يا ٻيون ڪي قومون غلام بڻائيون پون يا مرڳوئي ختم بہ ڪرڻيون پون، ۽

ٻيو: بنهہ ماٺ ميٺ ۾ اهو ميڃيو ويو آهي تہ مراعت يافتا ۽ سُکيا طبقا ئي قوم جو اڪيلو ۽ خاص شان آهن، ۽ انهيءَ ڪري، انهن ٿورائيءَ واري طبقي جي دولت، سُک ۽ وڏائي، سڄيءَ قوم جي دولت، سُک ۽ وڏائي ڳڻي ۽ سمجهي وڃي.

پهرئين خيال جو پورو اظهار ٻن آمريڪي سياسي فلسفين-- اسٽيفن ڊيڪاٽر (Stephen Decatur) ۽ جان جي ڪرٽينڊن (John J. Crittendon) ڪيو آهي، جيڪو لفظن جي صورت ۾، اسان وٽ موجود آهي. منجهائن پهرئين جو چوڻ آهي: "اسان جو مُلڪ! ڌارين قومن سان پنهنجن لاڳاپن ۾ شال سدائين صحيح هجي؛ پر اهو صحيح هجي يا غلط، وري بہ آهي اسان جو ملڪ!". ٻئي جو چوڻ آهي: "منهنجي خواهش آهي تہ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

منهنجو ملڪ سچ تي هجي، پر اهو سچ تي يا ڪوڙ تي، آئون پنهنجي ملڪ جي پاسي آهيان.“ ﭘنهي خيالن جون پاڙون اونداهي دور جي جاگيرداراڻي سلطنت شاهيءَ ۾ کُتل آهن، جڏهن عام ماڻهو هاريءَ يا نوڪر جي حيثيت ۾، پنهنجي جان توڙي پورهيي سميت، امن ۽ جنگ ﭘنهي حالتن ۾، پنهنجن آقائن ۽ مالڪن جي ماڻهوءَ طور ئي ڳڻيو ويندو هو. ساڳيي  خيال جي بنياد تي، هندستان جو عام طرح، هر عام ماڻهو شهنشاهه شاهجهان جي محبت جي يادگار تاج محل تي فخر ڪري سگهي ٿو ۽ اُن بابت اهڙي نموني ڳالهائي سگهي ٿو،جهڙوڪ، اُهو سندس ذاتي ملڪيت هجي. اهڙيءَ ريت، ساڳي سوچ هيٺ، ڪنهن ملڪ جي ٿورڙن جاگيردارن، زميندارن ۽ صنعتڪارن جي ملڪيتن ۾ واڌاري ڪي، اُن سموري ملڪ جي قومي سرمايي ۾ واڌارو سمجهيو ٿو وڃي.

قوم پرستيءَ جو اهو ئي پاسو هو جنهن جاپان جي ڏتڙيل غلام هارين جي انبوهن ڪي، پنهنجي شهنشاهه ۽ سندس ٿورڙن ويجهن اميرن ڪبيرن واسطي، گذريل مهاڀاري ويڙهه ۾ دشمن توبن جي منهن ۾ وڃڻ ۽ خوشيءَ سان، انهن جو ڪاچ ٿيڻ ڪي پاڻ لاءِ وڏي فخر جو عمل ٿي سمجهيو.

انهن ﭘنهي بنيادي ڳالهين کان سواءِ، قوم پرستيءَ ۾، بهرحال، ٻي ڪابه ڳالهه ناهي، جيڪا ان کي ڏڪار لائق يا اڻ وڻندڙ بنائي. انهن ﭘن هٺ نوڪين ۽ اڻگن اضافن کان آجي قوم پرستيءَ ۾ فسطائيت نه هوندي آهي. فسطائيت هونءَ به هڪ عالمي مصيبت توڙي قومن اندرهڪ وڏي اذيت ئي ثابت ٿيندي رهي آهي. قوم پرستي قومي توڙي عالمي سطح تي، ڀائيچاري ۽ امن ﭘري هوندي آهي. اُها ﭘن اعليٰ ترين انساني چڱاين جي بنياد تي ﭘيڻل هوندي آهي: هڪ، پنهنجي وطن ۽ پنهنجن ماڻهن سان محبت ۽ ٻيو دنيا سان ۽ وسيع انسانذات سان محبت، يعني حب الوطني ۽ انسان دوستي. انهيءَ ڪري، جيڪي ﭘين الاقواميت، ڀائيچاري يا لڳ لاڳاپن جي نالي ۾، ڪن ٻين ماڻهن مٿان پنهنجي بالادستي قائم ڪرڻ ۽ قائم رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اهي، حقيقت ۾، انسانذات جا بدترين دشمن آهن. ڏڪار جوڳي ۽ اڻوڻندڙ قوم پرستي يا ان ۾ فسطائي لاڙي جا الزام، پوريءَ طرح بلڪ جائز نموني، اُنهن تاڪ ۾ رهندڙ ۽ هيچ رکندڙ قومن تي رکڻ کپن، ۽ نه اُن قوم يا انهن قومن تي، جيڪي پاڻ کي دغاباز قومن توڙي ماڻهن جي جارحيت توڙي ﭘين الاقواميت جي دعويدارن ۽ پرستارن جي اڙداين کان، پنهنجيءَ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو بچاءُ ڪري رهيون هجن.

جيڪڏهن ڪي ماڻهو پنهنجي دائري ۾، هڪ الڳ ۽ نياري سماجي، سياسي ۽ معاشي اڪائيءَ جا ڏڻي آهن، ته اُها سندن ڪا خطا ته نه ٿي پئي. اِها هڪ فطري ڳالهه آهي ته اهي، ان ئي بنياد تي، ٻين ماڻهن سان پنهنجا لاڳاپا وڌائيندا رهن. سماج ۾ لاڳاپا جو هڪ سلسلي جي صورت ۾ هوندا آهن. ماڻهوءَ کي هڪ خاندان يا ڪٽنب، هڪ ذات، هڪ قبيلي، هڪ قوم ۽ پڇاڙيءَ ۾ سڀني قومن جي گڏيل ڀائيچاري يا انسانذات جي صورت وٺڻ تائين سفر ڪرڻو هوندو آهي. انساني برادريءَ جي هن پکڙيل ۽ وڏي ميل ميلاپ يا ڀائيچاري مان، ان جي ڪنهن به هڪ ننڍي ميل ميلاپ يا ڀائيچاري سان، وفاداري ڪا اعتراض جوڳي ڳالهه ٿي نٿي سگهي، جيستائين اهو ڀائيچارو يا وفاداري ڪن ٻين کي نقصان پهچائي فائدي کڻڻ تائين محدود نه آهي، يا سڄيءَ انسانذات جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

گڏيل وسيع مفادن جي مخالفت ۾ نہ آهي. ايئن آهي تہ پوءِ ان کي نندي سگهجي ٿو.

بهرحال، اهڙي ڪا محدود وفاداري يا وابستگي بہ ڪن ناڪاري سببن جي ڪري پيدا ٿي سگهي ٿي، جيئن، ڏپ ۽ هيبت. انهن منجهان بہ اهي هيبت رکندڙ ئي سڄيءَ انسانذات لاءِ وڏو خطرو سمجهيا ويندا آهن، جيڪي اها نيت رکندا آهن تہ پنهنجن قومي مفادن ماڻڻ لاءِ، پنهنجي عددي گهٽائيءَ وسيلي، ڪنهن گهٽ تعداد واريءَ قوم کي، پنهنجو غلام ۽ ماتحت بنائي رکجي. ان طرح، اهڙي رويي وارا ماڻهو سڄيءَ دنيا جي نندا ۽ ڦٽڪاريا ويندا. طاقت جي انڌ ۾ ورتل، هيبت ۾ غرق، اڳرائي ڪندڙ پنهنجن خود غرض ارادن کي لڪائڻ لاءِ بيحد چمڪندڙ ۽ سهڻن لفظن ۾ ڍڪيندا آهن ۽ گمراهيءَ ڏانهن وٺي ويندا آهن ۽ انهن سهڻن لفظن جي آڙ ۾، پنهنجي بالادستيءَ جي قائم ڪرڻ چاهيندا آهن. جيڪڏهن بين الاقواميت يا ڀائيچاري جو مطلب اهو آهي تہ هر قوم کي هر ٻيءَ قوم جو الهہ تلهہ ميڙي ڪٺڻ جو حق آهي تہ پوءِ سڀ کان چڱي ڳالهہ اها ٿيندي تہ ڪميونزم اختيار ڪيو وڃي! ۽ جيڪڏهن قومن يا ماڻهن جي سلسلي ۾، انهيءَ قسم جي ڪميونزم تي صلاح ٻيهي ٿي يا ان جي حق ۾ ڳالهہ رکي وڃي ٿي، تہ پوءِ ڇو نہ اهڙي شروعات هر قوم جي اندران ٿيڻ کپي.

اڃو تہ پوءِ اهو اصول قبول ڪريون تہ هر فرد کي، جائز نموني، ٻئي فرد جي ملڪيت تي حق حاصل آهي! پر ان حالت ۾ ڏک جي ڳالهہ وري بہ هيءَ ٿيندي تہ اُهو نہ تہ سوشلزم هوندو ۽ نہ ڪميونزم، ۽ اسلام ۾ تہ اُهو هرگز قابل قبول نہ هوندو. اها تہ سياسي نراجيت، اقتصادي لٽ مار ۽ سماجي تباهي ئي هوندي ۽ جيڪڏهن نندي ڪنڌ هندستان ۾ اهائي فتني واري صورتحال برقرار رهي ٿي تہ پوءِ اچو تہ پاڻ سڀ اُن جي نتيجن سهڻ لاءِ بہ تيار رهون!

انهيءَ ڪري اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ هر ڀائيچاري جي قيام لاءِ، سڀ کان اڳ، اُن ڀائيچاري ۾ شامل اِڪاين جي وچ ۾ آزادي ۽ برابري ضروري آهي. اهائي صورت فردن جي وچ ۾ قوم طور اندروني ڀائيچاري لاءِ بہ اوتري ضروري آهي، جيتري قومن جي وچ ۾ بين الاقوامي ڀائيچاري يا ڀائيچارن لاءِ ۽ پڻ وسيع تر سڄي نوع انسانيءَ لاءِ هڪ انساني ڀائيچاري لاءِ. اهڙا ڀائيچارا، جيڪي پنهنجي عزت ۽ سلامتيءَ جا ۽ پڻ بين پاڻ جهڙن قومي، بين الاقوامي ۽ انساني ڀائيچارن جي عزت ۽ سلامتيءَ جا پاسدار آهن، ۽ اندروني طور پاڻ وٽ برابريءَ ۽ آزاديءَ جي فضا قائم رکن ٿا ۽ بامروت ۽ پرامن بين الاقوامي ۽ انساني ڀائيچاري جي تعمير جا شيدائي ۽ اُن لاءِ تيار آهن، اُهي ئي هندستان جي قومن جي نجات جا ۽ پڻ عمومي طور سڄيءَ دنيا جي قومن جي خير ۽ بهتريءَ جا ضامن ٿي سگهن ٿا.

ان جي ابتڙ ڪانگريس ۽ ليگ جا سرمائيدار، جاگيردار ۽ زميندار انهيءَ پنهنجي سوچيل مفروضي تي عمل ڪري رهيا آهن تہ "هندستان رڳو هندن لاءِ ۽ پاڪستان رڳو مسلمانن لاءِ فائديمند ٿيندو". اُتيئي ٻيءَ گهڙيءَ اهڙي ئي پاڻ هُرتڙي دعويٰ ڪن ٿا تہ اهو ئي " نندي ڪنڌ جي هندو ـ مسلم مسئلي جو حل آهي!" جڏهن تہ حقيقت هيءَ آهي تہ اهو سندن ذاتي مسئلن جو حل ٿي سگهي ٿو. جوانِ طرح انهن ٻنهين ڌرين مان هر هڪ کي، ڪنهن جهل



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پل ڪان سواءِ پنهنجن پنهنجن ماڻهن جي ڦرلٽ ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو. پر اهو هندو مسلم مسئلي جو الڳ الڳ يا گڏيل مسئلن جو حل نہ هوندو. البت ان سان هڪڙو هر گهڙيءَ تيار ۽ ڪامياب هٿيار انهن ٻن مخالف مٿين طبقن جي هٿن ۾ اچي ويندو، ۽ جڏهن بہ اهي ڏسندا تہ ماڻهو سنڌن ظالماڻي ۽ پيڙهيندڙ ڏاڍ کان تنگ ٿي، بغاوت لاءِ تيار ٿي رهيا آهن تہ آسانيءَ سان پنهنجو اهڙو هٿيار - انسان ۽ انسان جي نفرت جو - هٿ ۾ کڻي، پوريءَ انتقامي مهارت سان استعمال ڪري سگهندا؛ تہ جيئن سنڌن خلاف گڏ ٿيل ڪاوڙ ڏيجي وڃي ۽ عام ماڻهو اُها ڪاوڙ هڪٻئي خلاف استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏين ۽ هڪڙا معصوم ماڻهو پاڻ جهڙن ٻين معصوم ماڻهن کي مارڻ ۾ لڳي وڃن، ۽ اُهو سڀڪجهہ رڳو هڪ خدا جي ٻن مقدس نالن ۾، ۽ هِن مذهب يا هُن مذهب خاطر!

اها دعوا ڪئي پئي وڃي تہ ڪنهن خاص برادريءَ لاءِ خصوصي فائدن ۽ رعايتن جا نتيجا بهتر ۽ مڪمل طرح سمجهہ پريا نڪرندا، پر اصل ۾ ان جو مطلب، سياسي لغت جي لحاظ کان، مٿئين طبقي جا پنهنجا فائدا ۽ رعايتون آهن. هي جيڪي صاحب لوڪ، هر ڪنهن کي، پنهنجي ڏاڍ کان سواءِ باقي هر شيءِ کان، آزاد ڪرائڻ ٿا گهرن، لڳي ايئن رهيو آهي تہ اهي ان اصول تي ڪم ڪري رهيا آهن تہ سنڌن طريقا کهڙا بہ هجن، پر نتيجا سٺا هوندا. سنڌن اهڙيءَ سوچ جي ڪري ئي ڏسي سگهبو تہ خاص نتيجن کي حاصل ڪرڻ لاءِ طريقي جي چونڊ يا ايستائين جو انهن نتيجن تان لڳاتار ڦرڻ جي ڏس ۾ پڇتاءُ يا ندامت جو احساس اٽلپ هوندو.

اهي هيءَ ڳالهہ وساري ٿا ڇڏين تہ خراب طريقن وسيلي ڪنهن چڱي نتيجي تائين نہ ٿو پهچي سگهجي، ۽ انسانذات جي تاريخ ۾، خراب طريقن جا نتيجا خراب ئي نڪتا آهن. سچ هيءُ آهي تہ، نہ تہ نتيجي لاءِ طريقن جو عذر پيش ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ ئي وري طريقن کي نتيجي جي جواز طور پيش ڪري سگهجي ٿو. ٻنهي مان هر هڪ پنهنجو جواز پاڻ ٻڌجڻو آهي. ڇاڪاڻ تہ ائين ڪير بہ چئي نہ ٿو سگهي تہ ڪٿان هڪ جو دائرو پورو ٿئي ٿو ۽ ڪٿان ٻئي جو شروع ٿو ٿئي. طريقا ۽ نتيجا ايترا تہ هڪٻئي ۾ ڳتيل هوندا آهن، جو اُهي سولائيءَ سانہ هڪٻئي کان الڳ نہ ٿا سڃاڃجي سگهجن. ان طرح، انساني عمل جو سڀ کان وڌ خطرناڪ نيم اهو آهي، جنهن انسانذات مٿان، بيان ڪرڻ کان مٿي، مصيبتون آنديون آهن. انهيءَ ڪري ئي اصلوڪي اسلام ۾، ڪنهن مصلحت کان سواءِ انساني مشوري ۽ عمل جي دائري مان هيءَ نيم پوريءَ طرح خارج ٿيل شمارجي ٿو. مطلب تہ نيڪ طريقا ئي رڳو نيڪ نتيجن ڏانهن نيئي سگهن ٿا. انڪري طريقا بہ اوترائي اهم آهن، جيترا نتيجا. انساني زندگيءَ جو سرچشمو نرمل ۽ پوتر رهي ئي نہ ٿو سگهي، جيڪڏهن اُن جو منڍ ٿوريءَ حد تائين بہ، بيئل ۽ گندن تلائن مان نڪرندڙ ۽ انهن تي آڌاري هوندو.

انهيءَ حقيقت جي مدنظر، آئون مٿئين طبقن جي سياست بدران عوام جي سياست جي وڪالت ڪريان ٿو جيڪا سياست مٿئين طبقن جي پارٽين هٿان نہ، پر عوام جي پارٽيءَ هٿان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي، تہ جيئن مٿين طبقن جي اقتدار بدران عوام جو اقتدار قائم ٿي سگهي.

جڏهن سماج صورت اها وڃي بيهي تہ ڪوڙ انعام کٽندو هجي ۽ بدي فائدا ماڻيندي هجي، تڏهن سچ ۽



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

نيڪي لازمي طور اٿلپ ٿيندا ويندا ۽ ڪوڙ جي وڌڻ ويجھڻ ۽ بديءَ جي پکڙجڻ لاءِ ميدان صاف ٿي ويندو. اهڙي سماج وٽ ماڻهن کي ڏيڻ لاءِ بدخياليءَ ۽ ڏيکارڻ لاءِ بداعماليءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ هوندو آهي. اهڙن وقتن ۾ نئينءَ سياست، مٿين طبقن جي سياست کان بنهہ الڳ قسم جي سياست جي گهٽي گهرج هوندي آهي، تہ جيئن بديءَ ۽ بي انصافيءَ جو ڳٽ سماج جي ڳچيءَ ۾ لهي سگهي، ۽ اُن جي جاءِ تي نيڪيءَ ۽ انصاف جي پوري بالادستي قائم ٿي سگهي. اُن لاءِ آئون اهڙي عوامي سياست جي وڪالت ڪريان ٿو جيڪا عوام جي ئي هڪ پارٽيءَ جي هٿن ۾ هلندڙ هجي.

رڳو ۽ رڳو اهڙي ئي هڪ عوام دوست پارٽي سنڌ ۾ عوام جي آزاد ۽ خودمختيار رياست يا اقتدار قائم ڪري سگهي ٿي ۽ اُنجو بچاءُ ڪري سگهي ٿي.

اڄ، اسان جي هاڻوڪي سياسي ليڊرن، مسلمانن ۽ هندن، کي پنهنجن ماڻهن لاءِ قومي فرض پوري ڪرڻ جو گهٽ ۾ گهٽ جو موقعو مليو آهي، پر ڏسڻ ۾ ايئن اهو ٿو اچي تہ هنن هن وقت پنهنجن عقل تي ڳرا تالا هڻي ڇڏيا آهن، ۽ سوچڻ بند ڪري ڇڏيو آهي؛ يا شايد، هو فقط پنهنجن خسيس فائدن لاءِ ئي سوچن ۾ ورتل آهن، ۽ ٻيءَ ڪنهن ڳالهہ جي سمجهڻ جي ڪين فرصت ڪانهي! ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهي، سنڌ ۽ سنڌي قوم جي فائدي کان سواءِ ٻيءَ هر شيءِ بابت سوچڻ ۾ مصروف آهن - ۽ بنهہ گهڻا مصروف آهن.

پر اسان جا اڄوڪا ليڊر ڇا بہ سوچيندا رهن يا ڪندا رهن، اسان کي پورهيي ۾ ڳهندڙ ۽ اونداهيءَ ۾ گهاريندڙ پنهنجي عوام جي ڇوٽڪاري لاءِ پڇاڙڪي پُڪار جو وقت آهي، جنهن جو ادراڪ اسان جي اڄوڪن ليڊرن کي نہ آهي، پر ان جي ابتڙ، اهڙو ادراڪ انهن محب وطن، سچيت ۽ باشعور پُٽن ۽ ڌيئرن، شاگردن ۽ وچئين طبقي جي دانشورن کي آهي. انهن اڳيان اڄوڪين حالتن ۾، چونڊ لاءِ بہ رستا کليل آهن، يعني، يا تہ اهي مٿئين طبقي جي ظالمن جي خدمت، زرخريد خدمت گذارن وانگي ڪندا رهن، انهن جي وڪالت بچاءَ جي شاهدن طور ڪندا رهن، ۽ پاڻ لاءِ انهن کان رضا جي بيک پنندا رهن، ۽ جو ڪجھ ڦرلٽ جو مال سندن انهن آقائن وٽ ظلم ۽ استحصال سان جمع ٿئي ٿو ان ۾، ۽ اُنهن جي رحم ۽ ڪرم تي، ٽڪريلن جيئن، پنهنجي ننڍي پائيواري جاري رکندا رهن؛ يا اهي پنهنجن ويڳاڻن ۽ وسيلن کان آجن عام ماڻهن جا دوست ۽ راهہ ڏيکاريندڙ ٿي رهڻ قبول ڪن. انهن کي ئي، درحقيقت، اسين چئي سگهون ٿا: ”اوهان جي سچي سمجھہ اوهان جي کهڙي ڪم جي، اوهان جا اوچا ۽ پاڪ خيال، اوهان جي نبار زندگي ۽ اُن جا آدرش اوهان جي کهڙي فائدي جا، جيڪڏهن اوهين انهن جي ڪا واهر نہ ٿا ڪريو جيڪي سدائين ڏک ۾ رهن ٿا. جيڪي اوندهہ ۾ آهن ۽ پُٺيل آهن ۽ مونجهاري ۾ ورتل آهن!“

ڪير آهي، جنهن کي اها خبر نہ آهي تہ اسان جا ماڻهو ڪنهن ڏوهہ کان سواءِ ۽ پنهنجن پائرن جي بهترين خدمت، وس آهر، بجا آڻڻ کان پوءِ بہ، پاڻ ڏاڍي ڏکي ۽ اهنجن ڀري زندگي گذارين ٿا، ۽ اخلاقي ۽ روحاني محرومين جا شڪار آهن. انهن جي اڳيان زندگي، ٻاٽ اونداهيءَ، عدم تحفظ، بيمارين ۽ خوارين ۽ دوزخ جي آسه عذابن جو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## سنڌ بچايو، ڪنڌ بچايو : محمد ابراهيم جويو

هڪ اڻ کٽندڙ سلسلو پيو ڏسجي. جڏهن هُنن جي انهن دل ڏاريندڙ حالتن تي ماڻهوءَ جي نگاهه پوي ٿي، تہ قدرتي طور، ڪاوڙ ۽ بيوسيءَ ۾، ۽ اميدن ۾ پريل دل سان، آسمان تائين رسندڙ هڪ دانهن نڪريو ٿي وڃي:

”ڪڏهن، اهو ڪڏهن، تون ماڻهن جو بچاءُ ڪندين؟
اي ٻاجهارا ڌڻي، ڪڏهن؟
ماڻهو جڳ جا مالڪ، ماڻهو
تخت، تاج نہ، پر ماڻهو!
يا خدا، ماڻهن جو بچاءُ ڪر: اِهي تنهنجا آهن.
تنهنجا ٻالڪ، تنهنجن سهڻن ملائڪن جهڙا،
بديءَ کان، ظلم کان ۽ مايوسيءَ کان
يا خدا، ماڻهو بچاءِ!“

(ڪراچي، جون 1947ع)


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# سنڌ بچايو – ڪنڌ بچايو

هر قوم جي حياتيءَ ۾، سدائين هڪ اهڙو وقت ايندو آهي، جڏهن هڪ قوم جي حيثيت ۾، ان جي پرگهور، قومي وجود جي حفاظت ۽ ان کي برقرار رکڻ وارو سوال اُبري نروار ٿيندو آهي، جنهن لاءِ جيئڻ بہ جس سمجهجي ۽ مرڻ بہ. اهو سوال سنڌي قوم لاءِ، هر امڪاني صورت ۾، وقت ڪان اڳ اچي رسيو آهي.

اسان جي انهيءَ سچ سان ڪوبہ اختلاف رکڻ ۽ ان تي اعتراض وارڻ جي جرئت نٿو ڪري سگهي تہ اسين سنڌي هڪ امتيازي قوم آهيون. اسين الڳ سياءَ سان زندگي گذاريون ٿا. اسين زندگيءَ جي هڪ لڳاتار عمل جا ڏٺي آهيون. اسان جي ٻولي الڳ آهي، اسان جون ريتون، اسان جا رواج، طور طريقا، ذوقَ، پائڻُ ۽ اسلوبَ الڳ آهن. اسان جا نالا نيارا آهن، روزاني زندگيءَ سان لاڳاپيل شيون نياريون آهن، ۽ اسان جي زندگيءَ جو رنگ ڍنگ اسان جي انوکي بيهڪ جو ساکي آهي، جنهن جي ڇانوَ ۾ اسين صدين جون صديون جنم وٺندا ۽ جيئندا رهيا آهيون.

جاگرافيائي لحاظ کان، سنڌ جون سرحدون چٽيون ۽ نمايان آهن، ان کي پنهنجيون الڳ آبهوائي حالتون ماٿيل آهن، انوکي زميني بيهڪ ۽ فضا آهي، ان کي پنهنجا منفرد پکي آهن، وڻ ٽڻ ٻوٽا آهن، جن سبب سنڌ، هن وسيع کنڊ، جنهن کي سهنجائيءَ خاطر ڀارت يا هندستان سڏيو ويو آهي، ۾ پنهنجي اڪيلي سر يڪتا حيثيت والاري ٿي. لک ٿورا اسان جي شهہ–رڳ ”سنڌو“ جا، جنهن مان اسان جي ماتر ڀوميءَ کي سندس اتهاسڪ نانءُ مليو. اهو ايئن اسان جي سنڌ سميت پاڙيسري پرڳڻن پنجاب ۽ ڪشمير ۾ موجود آهي، جيئن يورپ ۾ رومانيا جو ڊئنيوب درياهہ، جيڪو سنڌوءَ وانگي يورپ جي پنجن آزاد ۽ خودمختيار وطنن، جيڪي هڪٻئي کان فاصلي تي آهن، کي سيراب ڪري ٿو سيني کي پنهنجي پنهنجي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت ماٿيل آهي، منجهائن ڪوبہ وطن، انهيءَ حيثيت جي بچاءُ لاءِ ۽ ان کي برقرار رکڻ لاءِ حياتي ۽ موت جي جتن ڪرڻ کان سواءِ پوئتي نہ هٽندو.

اسين پنهنجو هڪ نج پچ اتهاس رکون ٿا، اهو اوترو ئي شاندار ۽ اوترو ئي اتساهيندڙ آهي، جيترو دنيا ۾ ٻيءَ ڪنهن قوم لاءِ سندس اتهاس ٿي سگهي ٿو. انهيءَ اتهاس جي صدا کي هٽ ڇراند وسيلي، ڪير پلي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، پر اسان لاءِ وقت جي هن گهڙيءَ ۾، اُها صدا بنھ اُوچي ۽ چٽي نموني شاهدي ڏيئي رهي آهي تہ سنڌ اڻ ٻڱيل يگن کان، دنيا جي نقشي تي هڪ بنھ جداگاڻي ۽ خاص اهميت سان موجود رهي آهي. ان سان گڏ اها بہ حقيقت آهي تہ سنڌي قوم، پنهنجن معاملن کي نبيرڻ ۽ پنهنجين حڪومتن هلائڻ جو حقُ، سدائينءَ کان وٺي، نہ رڳو پاڻ وٽ محفوظ رکيو آهي، پر بنھ گهڻي خبرداريءَ ۽ ذميواريءَ سان، انهيءَ پوتر حق جي هر قيمت تي حفاظت بہ ڪئي آهي. انهيءَ ڏس ۾ سنڌ ڪنهن ٻئي کان سهڪار يا سهارو نہ گهريو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اسان انهيءَ حق جو استعمال، هر دور ۾، ڪنهن نه ڪنهن بہ جهل پل کان سواءِ پئي ڪيو آهي، پوءِ حڪمرانيءَ جو طريقو ڇگهو هو لڳو پر اسان جا ماڻهو، پنهنجيءَ سمجهه آهر، اهڙو وهنوار هلائيندا پئي آيا آهن.

ايئن بہ آهي تہ ماضيءَ ۾ ڪجهه وقت لاءِ اسان پنهنجو حق حاڪميت وڃايو هوندو ۽ ڌاريون زبردست قوتون اسان مٿان قابض ٿيون هونديون. اتهاس ۾ قومن سان اهڙا حادثا ٿيندا رهيا آهن. جڏهن سندن علائقن کي فتح ڪري، ڪنهن ڌاري سلطنت سان ملايو ويو هجي. دنيا جي هر ڪا قوم اهڙن حادثن مان گذري آهي، پر ڪنهن قوم يا وطن تي قبضي کي اهڙي دليل طور استعمال ڪڏهن بہ نہ ڪيو ويو آهي تہ ان جو اڳي ڪوبہ وجود نہ هو ۽ ايئن ڇئي سندن آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ وارن حقن کان مستقل بنيادن تي، قطعي طرح انڪار ڪيو وڃي.

ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ برطانوي شهنشاهت، پنهنجن مقصدن ۽ مفادن خاطر، ننڍي کنڊ جي سڀني ملڪن کي ملائي، وحداني صورت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، اها وحدت اڄڪلهه هندستان يا انڊيا جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. پهرين ڳالهه هيءَ آهي تہ جيڪا ڌرتي اڳيئي وحدت جي شڪل ۾ موجود هجي، تنهن کي ٻين ملڪن سان ملائي، ٿوري عرصي لاءِ هٿرادو انتظام وسيلي ڪنهن نئين وحدت جو روپ ڏجي بہ ڪٿي، تڏهن بہ، وطنن ۾ موجود فطري فرق ۽ انيڪتا يا گوناگونيت کي تبديل نٿو ڪري سگهجي. اها هڪ زبردستي ٿيندي. ساڳئي نموني برما کي پڻ برطانوي شهنشاهت پنهنجي 'عظيم وحدت' ۾ زوريءَ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر پنهنجي انهيءَ مقصد ۾، سالن تائين ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ بہ ناڪام ٿي. برمي عوام اهڙي غيرفطري ۽ غيرعقلي الحاق کي ٽوڙڻ جي گهر ڪئي ۽ اهي پنهنجي آزاد حيثيت بحال ڪرڻ ۾ سوڀارا ٿيا.

جڏهن ڪنهن اسڪولي ٻار کي هندستان جي نقشي چٽڻ لاءِ چئبو تہ اهو مٿئين پاسي اپريل علائقي طور برما ۽ هيٺئين پاسي ماءُ جي هنج ۾ ستل ٻار جهڙي ٽبڪي طور سيلون کي ٻيهاريندو. اسان جو قومي وجود بہ اڳ ئي واضح رهيو آهي. هندستان جي وحدت ۾، پنهنجن مفادن خاطر دلچسپي رکندڙ انگريز، سنڌ ۽ ان جهڙين ٻين قومن جي وجود کي هندستاني قومپرستن اڳيان تڇ حيثيت ۾ پيش ڪندا آيا آهن. حقيقت ۾، انگريز راڄ ۾ قومن جا اهي ننڍا وڏا وجود الڳ الڳ وطن آهن ۽ ٿوري گهڻي فرق سان انهن جو رتبو بہ اهو ئي آهي، جيڪو پاڻ هندستان جو آهي. دنيا جي ڪابہ طاقت، انهن کي آزادي ۽ خوداختياريءَ وارن پنهنجن حقن تي دعوا ۽ انهن حقن کي ماڻڻ کان ڪڏهن بہ نہ روڪيو هو ۽ نہ ئي هاڻي روڪي سگهي ٿي.

هتي هيءَ ڳالهه بہ ياد رکڻ کپي تہ ساڳيءَ برطانوي شهنشاهت، افغانستان کي بہ فتح ڪرڻ گهريو ٿي، ۽ ان لاءِ هن جتن بہ ڪيا. اهڙيءَ مهم جوئيءَ لاءِ وٽن ڪي هٿ ٺوڪيا ۽ هوڏ ڀريا سبب بہ هئا، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هن جيڪي بہ رٿابنديون ڪيون، تن ۾ اها ڪامياب بہ ٿي سگهي پئي. انهيءَ دور ۾ مختلف ملڪن کي ملائي، هڪ وحدانيت ۾ آڻڻ جو مٿن جنون سوار هو. انهن افغانستان کي بہ برطانوي هندستان جي وحدت ۾ شامل ڪرڻ ٿي گهريو۔ ۽ اهو بہ وڏي فخر سان. ڪيتريون ئي ڪوششون ٿيون، پر اها رتا ڪامياب نہ ٿي سگهي، جو افغانستان



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هڪ الڳ ملڪ هو ۽ افغاني الڳ قوم هئا. افغانين انگريزن سان سخت مهاڏو اٽڪايو ۽ اهڙي مهم جوئي پهرئين مرحلي ۾ ناڪام ٿي. انگريز جيئن ئي پوئتي موٽيا تہ سنڌ تي ڪاهہ ڪيائون ۽ ان کي برطانوي هندستان سان ڳنڍي ڇڏيائون. افغانين وانگي سنڌي بہ هڪ قوم هئا ۽ سنڌ هڪ وطن هئي، پر انگريز افغانستان جي ابتڙ سنڌ کي برطانوي هندستان جي حصي بنائڻ ۾ سوڀارا ٿيا.

برطانوي سامراج، ننڍي کنڊ تي، پنهنجي سامراجي قبضي ڄمائڻ ۽ ان کي برقرار رکڻ لاءِ ڪيترين ئي، جنگيون جوٽيون. تڏهن سنڌ هندستان جو حصو نہ هئي، پر اها هڪ آزاد ۽ خودمختيار وطن هئي. انهيءَ جو ثبوت هيءُ آهي تہ انگريزن جي هندستان تي قابض ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪيتري ئي عرصي تائين اها آزاد ۽ خودمختيار حيثيت ۾ رهي هئي. جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها تہ انگريزن کي هندستان فتح ڪرڻ کان پوءِ، خاص نموني، ڪاهہ ڪري، سنڌ کي فتح ڪرڻ جي گهرج محسوس نہ ٿئي ها، ۽ پَرَ ٻاهران ئي سنڌ کي اِطاعت جو نياپو موڪليو وڃي ها.

سنڌ کي فتح ڪرڻ لاءِ انگريزن بہ ڀرپور ويڙهون جوٽيون. سنڌ ۾ انگريز اثر ۽ اختيار جي داخل ٿيڻ ۽ ان کي پڪيڙڻ جي ڪهاڻي گهڻي دلچسپ آهي. اهو 1758ع جو واقعو آهي، جڏهن ڏيڍ سئو ورهين جي ڪوشش کان پوءِ انگريزن مدراس (هاڻي چنائي) ۾ پنهنجي پهرين واپاري ڪوٺي قائم ڪري ورتي هئي. تڏهن برطانوي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ، سنڌ جي ٻن هنڌن ٺٽي پرڳڻي ۽ شاهبندر ۾ ڪوٺين قائم ڪرڻ جي اجازت لاءِ درخواست، تڏهوڪي سنڌ جي حاڪم مياں غلام شاهہ ڪلهوڙي وٽ داخل ڪرائي، جيڪا منظور ڪئي ويئي. جڏهن سندس پٽ ميان سرفراز ڪلهوڙو سنڌ جو حاڪم ٿيو تہ هن اهڙي اجازت رد ڪرڻ کي بهتر سمجهيو. نتيجي ۾ 1775ع ڌاري ڪمپنيءَ کي ڪوٺيون بند ڪرڻيون پيون ۽ سنڌ ڇڏڻي پئي.

لڳ ڀڳ پنجويهن ورهين کان پوءِ، ميرن جي صاحبيءَ جي پهرئين حڪمران مير فتح علي خان کان، ساڳيءَ ريت اجازت گهري ويئي، جيڪا ڪمپنيءَ کي ڏني ويئي، پر سندس اهڙي اجازت سِتت ئي ختم ڪئي ويئي ۽ ڪمپنيءَ کي سنڌ خالي ڪرڻ جو حڪم ڏيڻ سان گڏ اهو چيو ويو تہ اها اهڙو ڪم ٻيهر ڪنهن هنڌ وڃي ڪري. هڪ ڀيرو ٻيهر 1809ع ۾، مير فتح خان جي جانشين مير غلام علي خان کان سنڌ ۾، هڪ نہ ٻيءَ ريت ڪمپني اڳ کان وڌيڪ ڇوٽ واري اجازت نامي وٺڻ ۾ ڪامياب ويئي، ڇاڪاڻ تہ يورپ جي ٻين ملڪن کي پڻ سنڌ ۾ واپار ڪرڻ ۾ دلچسپي هئي.

ايا ڳائي ڇئجي، جو هن ڀيري، سنڌ ۾ انگريز پوريءَ طرح ترسي پوڻ لاءِ آيا هئا. 1828ع ۾، انگريزن، ڪنهن طرح، سنڌ جي حاڪم مير مراد علي خان تائين رسائي ماڻي ورتي، ۽ ڪيس مراعتون ۽ سوکڙيون ڏيئي ريجهائي ورتو. هن ڀيري ڪمپنيءَ کي سنڌو درياهہ ۾، آزاداڻي نموني، ٻيڙن ۽ آگبوٽن هلائڻ جي ڇوٽ ڏني ويئي، پر اهو شرط بهرحال رکيو ويو هو تہ ڪمپني سنڌ ۾ ڪنهن بہ هنڌ تي ڪو مستقل واپاري مرڪز قائم نہ ڪندي ۽ سنڌ ۾ هٿياربند ٻيڙا يا ڪي بہ هٿيار نہ آندا ويندا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڏهاڪو ڪن ورهين کان پوءِ، ميرن ۽ پنجاب جي حاڪم رنجيت سنگهه ۾ ڪي تڪراري معاملا اڀريا ۽ ان ۾ انگريزن پنهنجي پاڻ کي ٽياڪڙيءَ ڪندڙن طور مڙهيو. انهيءَ ٽياڪڙيءَ جي موٽ ۾، ميرن جي درٻار ۾ انهن پنهنجو هڪ مستقل نمائندو مقرر ڪرايو.

ٿوري عرصي کان پوءِ، انگريزن پنهنجيون فوجون افغانستان موڪلڻ لاءِ ميرن کان راهداري گهري، پر ڪين اهڙي اجازت نه ملي. ردعمل ۾ انگريزن ميرن کي نه رڳو ڌمڪايو ۽ ڊيڄاريو پر انهن جي سخت مخالفت کان پوءِ به، ڪمپنيءَ سمنڊ وسيلي فوجي جٿا بمبئيءَ کان گهرائي، منهوڙي جي ٻيٽ تي لاٿا. اهڙيءَ ريت، هوريان هوريان، غلاميءَ جون اپاءُ ۽ اٽايون ڪاريون گهٽائون، سنڌ جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ مٿان ڇانئجيون ويون.

نيٺ سن 1843ع به آيو ۽ سنڌ جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ کي هڪ سڌي للڪار سامهون آئي. انهيءَ زوريءَ مڙهيل ويڙهه واري للڪار جو مقابلو سنڌ، هڪ صوبي طور نه، پر هڪ آزاد ۽ خودمختيار وطن طور ڪيو هو.

مٿي اسان جي اتهاس جي انهن اٽل حقيقتن کي بيان ڪيو ويو آهي، جن کي ڪنهن به طرح رد يا نظر انداز نٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي انهن کي بدلائي سگهجي ٿو.

برطانوي سامراج، سنڌ جي ميرن جي فوجن کي شڪست ڏني، سنڌ کي برطانيا جي هندستان راڄ جو حصو بڻايو ۽ سنڌ کي هڪ الڳ سياسي وجود طور تسليم ڪيو ويو ۽ ان سان اهڙو ورتاءُ به رکيو. ڪيس انگريزن هڪ الڳ انتظامي وحدت جو درجو ڏنو. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کان ڪنهن به طور انڪار نٿو ڪري سگهجي.

سن 1847ع ۾، سنڌ جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت ختم ڪري، ان کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ڳنڍڻ جهڙو ناانصافيءَ تي ٻڌل ۽ ننڍا جوڳو قدم کنيو ويو. ڪوبه سمجهه ڀريو ماڻهو انهيءَ مختصر پر اپاڳي عرصي کي ، اسان کان پنهنجي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ وارن موروثي حقن کسڻ واري دليل طور پيش نٿو ڪري سگهي. اهڙي زور زبردستيءَ واري قدم جا اثر هن وقت به ڏسجي سگهجن ٿا. سنڌ ۾ هزارين غير سنڌي، گجراتي، بوهري، مرهٽا ۽ پارسي مستقل رهاڪن طور اچي آباد ٿيا، ۽ انهن هاٽي هٽي ڏنڌي واپار ۽ ڪم ڪاروبار ۾ پير پختا ڪري ورتا آهن. ڌاريا هوندي به، اهي امن آشتي ۽ خير خوبيءَ سان رهندا اچن. انهيءَ ڌاري آباديءَ کي، مڪاني طرح، تحفظ فراهم ڪيو ويو ۽ ڪين مختلف سهولتون ميسر ڪري ڏنيون ويون، ان حد تائين جو ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيل پهرئين هاءِ اسڪول اين. جي. وي ۾ گجراتي ۽ مرهٽي ٻولين جا ڪلاس سنڌيءَ سان گڏوگڏ هلي رهيا آهن.

برطانوي سامراج، ننڍي ڪنڌ ۾ اسان کي پڇاڙيءَ ۾ فتح ڪيو هو. تنهن ڪري انگريزن اسان کي پنهنجي وس ۾ رکڻ لاءِ ۽ اسان مٿان چارئي پهر چوڪسيءَ واسطي هڪ سختگير ڪمشنري راڄ مڙهيو. ان کان سواءِ، جاگيرداري نظام کي اڳي کان به وڌيڪ سگهاري ۽ پوائتي روپ ۾ اسان مٿان مڙهيو. جاگيردارن کي درياهه دليءَ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سان نوازيو ويو. اسان جي ماڻهن کي ڄاڻي ٻجهي فوج ۾ ڀرتي نہ ڪيو ويو ۽ ان ڪان بہ وڌي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسان کي اهڙن پرڳڻن سان ڳنڍيو ويو جيڪي اسان لاءِ اوپرا هئا. اهڙو بندوبست انڪري ڪيو ويو تہ جيئن اسين پنهنجي قومي سڃاڻپ ڪان محروم ۽ پرڀرا ٿي وڃون.

مهڙئين ڏينهن ڪان سنڌي ۽ اڻسنڌي غلامي، اسان جي الڳ قومي وجود ۽ قومي انفراديت ڪان انڪار ۽ انهن معاملن خلاف اسان جي قوم جي حيثيت سان خودداريءَ واري ردعمل جي ڪهاڻي، مختلف مرحلن ڪان گذري، مرهٽن ۽ گجراتين جي علائقي- بمبئيءَ ڪان اسان جي آزاديءَ تائين پهتي، ۽ اهو واقعو ويجهي تاريخ جو آهي. سنڌ جي حاڪمن، ميرن کي انگريزن سنڌيءَ ريت شڪست ڏني ۽ سنڌ کي فتح ڪيو. ڪين هندستان جي ڪنهن رياست جي حاڪم شڪست نہ ڏني هئي ۽ نہ ئي سنڌي قوم کي، ڪنهن حاڪم جي معزوليءَ جي نتيجي ۾ اطاعت ڪرڻ تي مجبور ٿيڻو پيو هو. مير سنڌ جا آزاد ۽ خودمختيار حاڪم هئا. اهي ڪنهن بہ ٻاهرئين حڪمران جا ڏنَ- ڀرُو يا ماتحت نہ هئا. ساڳيءَ ريت، تاريخ جي اوائلي ڏينهن ڪان سنڌ جا حڪمران، سومرن، سمن، ارغونن، ترخانن ۽ ڪلهوڙن تائين، پنهنجيون پنهنجيون ملوڪيتون قائم ڪندا آيا هئا، ۽ انهن جو انتظام، آزاداڻي نموني، هلائيندا آيا هئا. انهن ڪوبہ ڌاريو يا ٻاهريون دٻاءُ برداشت نہ ڪيو. دارا ۽ سڪندر ڪان وٺي 1748ع ۾ قنڌار جي حاڪم احمد شاهہ تائين، ڌاريا سنڌ مٿان ڪاهون ڪندا رهيا، پر پوري هندستان جي ڪنهن جي بہ جيءَ کي جُهبو نہ آيو. سنڌ جي بچاءَ لاءِ ڪوبہ اڳتي نہ آيو. هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ سنڌ تي حملي کي ڪڏهن بہ هندستان جي ڪنهن رياست تي حملو نہ سمجهيو ويو هو. ان جي ابتڙ، سنڌ تي حملي کي هندستان جون رياستون اڳواٽ هوشياريءَ طور وٺنديون هيون تہ مٿن بہ اهڙو حملو ٿي سگهي ٿو.

ايئن بہ آهي تہ تاريخ جا لڳ ڀڳ ڏيڍ سئو ورهيہ (1590ع ڪان 1738ع تائين) سنڌ کي، تلوار جي زور تي، مغلن جي ڏنَ ڀرُو ٿي رهڻ تي مجبور ڪيو ويو. سنڌ جي اهڙي ماتحتي مغل بادشاهہ اڪبر جي زماني ڪان شروع ٿي، پر سنڌي قوم انهيءَ کي، ڪڏهن بہ، دل سان نہ قبوليو هو. اڪبر جي مُربي خان خانان، بکر جي نواب، سنڌ جو بکر ڪان وٺي لڪيءَ تائين علائقو اڪبر جي حوالي ڪيو هو. ان ڪان ڪي ورهيہ اڳ، سندس سهري سلطان محمود ڪيترين ئي ويڙهون وڙهي چڪو هو. هن ڀڄاڙڪي ويڙهہ 1590ع ۾، انڙپور واري علائقي ۾ وڙهي، پر پنهنجي دهليءَ جي آقا کي سنڌ جي تحفي پيش ڪرڻ ڪان اڳ گذاري ويو. ڪيس ڪوبہ پُٽاڻو اولاد نہ هو انڪري سندس نياڻو خان خانان هن جو جانشين مقرر ٿيو. انهيءَ سنڌ کي، زور زبردستيءَ سان، مغل شهنشاهت جي ماتحت بڻايو.

انهيءَ محڪوميءَ ۽ ماتحتيءَ خلاف سنڌي دائودپوٽن بغاوت ڪئي. دائودپوٽن شڪارپور شهر اڏايو هو. جڏهن ميان نور محمد ڪلهوڙي کين مات ڏني تہ اهي سنڌ ڇڏي ويا، ۽ وڃي اتر پاسي پنهنجي سردار بهاول خان جي سربراهيءَ ۾ بهاولپور نالي شهر ٻڌائون ۽ پوءِ انهيءَ کي آزاد ۽ خودمختيار رياست بڻايائون.

سن 1738ع ڌاري، ايران جي نادر شاهہ، مغل بادشاهہ سلطان محمد شاهہ تي ڪاهہ ڪئي ۽ کيس مات ڏني. نادر شاهہ ڏن ۽ جان جي امان جي عيوضي طور سنڌ جو پرڳڻو سلطان محمد شاهہ ڪان ورتو ۽ ان کي پنهنجيءَ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ايراني سلطنت جو حصو بڻايو. اهڙيءَ ريت سنڌ ايرانين جي حڪمرانيءَ هيٺ رهي، پوءِ قنڌار جي حاڪمن حوالي ٿي، 1782ع تائين اهو سلسلو ايئن ئي هلندو رهيو. پوءِ ٽالپر، سپهه سالارن، مير فتح خان ۽ مير سهراب خان گڏجي، ڪلهوڙن جي آخري حاڪم ميان عبدالنبيءَ کي، ڪنڊياري ويجهو هالاڻيءَ جي ميدان ۾ فيصلائتي شڪست ڏني، ۽ سنڌ مٿان پنهنجي سڌي سنئين آزاد ۽ خودمختيار حاڪميت قائم ڪئي.

ممڪن آهي ته هيءُ واقعو گهٽڻ لاءِ هڪ انڪشاف هجي ته 1839ع ۾ جڏهن سنڌ جي حڪمرانن ميرن ۽ انگريزن وچ ۾، انگريزن جي ئي خواهش تي تيار ڪيل هڪ صلح نامي تي صحيحون ٿيون هيون ته ان ۾ هڪ شرط اهو به شامل ڪيو ويو هو ته مير ڏن جي باقي بچيل رقم قنڌار جي معزول حاڪم شاهه شجاع کي ڏيندا. انگريزن پاران رکيل اهو شرط اها ڳالهه ثابت ٿو ڪري ته ان زماني ۾ سنڌ جو هندستان جي انتظام سان ڪوبه واسطو نه هو ۽ اها قنڌار جي حاڪمن جي نالي ماتر ماتحتيءَ هيٺ هئي، ۽ سچ اهو آهي ته انهيءَ ماتحتيءَ کان به انڪاري هئي، نه ته انگريز ميرن کي اهڙو ڏن ڀرڻ تي مجبور نه ڪن ها.

مٿئين سموري بيان مان اها حقيقت چٽي ٿئي ٿي ته سنڌ پنهنجي ڊگهي ۽ ذڪر جوڳي اتهاس ۾، هن سنسار ۾ ۽ هن ڌرتيءَ تي هڪ منفرد هستيءَ طور قائم رهندي پئي آئي آهي. سنڌي قوم خاص طرح، هندستان جي مختلف قومن سان، ۽ پڻ، عمومي طرح، دنيا جي قومن سان واسطي ۽ تعلق ۾ رهندي پئي آئي آهي، ۽ موٽ ۾، انهن سمورين قومن به سنڌي قوم جي الڳ ۽ جداگاڻي قومي وجود کي تسليم پئي ڪيو آهي ۽ سندس هر ڪنهن سياسي، سماجي ۽ اخلاقي حق کي مڃيندي، ساڻس وهنوار ۽ ورتاءُ جاري پئي رکيو آهي.

اڄ جي هندستان ۾ اڃا ئي لڳ ڀڳ 600 کن رياستون موجود آهن، جن جي خودمختيار حيثيت ۽ آزاد هستيءَ تي ڪوبه سوال موجود نه آهي. اهي سڀ طئه ٿيل حقيقتن طور تسليم ڪيل آهن. انهن 600 رياستن کي انگريزن هندستان جي برطانوي راڄ ۾ شامل ڪرڻ تي ڪوبه زور نه ڀريو آهي، ۽ نه ئي انگريزن جي غلاميءَ ۾ پاڻ پيش ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو انهن ذلتن ڀرين شرطن کي به قبوليو آهي. انهن پنهنجين پاڙيسري قومن کي غلام بڻائڻ ۾ برطانوي سامراج جي مدد ڪئي ۽ اهڙيءَ ريت، انهن پاڻ کي گڏيل هندستان ۾ شامل ٿيڻ کان بچائي ورتو. اهڙين حالتن جي روشنيءَ ۾ اها ڳالهه گهڻي افسوس ڀري ۽ اچرج جوڳي آهي ته جن قومن ڪانئرپ جو مظاهرو ڪيو، پنهنجين پاڙيسري قومن سان غداري ڪئي، تن کي پنهنجي خودمختيار ۽ آزاد حيثيت قائم رکڻ جي اجازت ڏني ويئي، ۽ جن آزاد ۽ خودمختيار قومن، پنهنجي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت جي بچاءَ ۾ مزاحمت ڪئي، تن کي انهيءَ نعمت کان محروم رکيو ويو ۽ اهي غلام بڻايون ويون. سندن فاتحن، نه رڳو ڪانئن حق کسيا، پر ڪين انتظامي سهولت جي بهاني، هٿرادو قائم ڪيل راڄ جي مرڪز ۾ شامل ڪيو.

جن ماڻهن کي اتهاس جي ٿوري به سمجهه يا ان جو ادراڪ آهي، ۽ جيڪي ان جو ٿورو به احترام ڪن ٿا، سي ڪنهن به هٻڪ کان سواءِ، اها حقيقت قبول ڪندا ته جن به طئه ٿيل ۽ مڃيل ماپن ۽ معيارن تي اڄ دنيا جون قومون بيٺل آهن ۽ انهن جي بنياد تي ڪين آزادي ۽ خودمختياري مليل آهي، انهن ساڳين طئه ٿيل نيمن جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

دعويدار سنڌ بہ آهي. انڪري، اها پنهنجي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو حق، پاڻ وٽ، هر طرح محفوظ رکي ٿي. عالمي انصاف ۽ عالمي اعليٰ قدرن ۽ طئہ ٿيل قاعدن ۽ قانونن هيٺ، اهڙو حق سنڌ سميت دنيا جي هر آزاد ۽ خودمختيار قوم کي مليل آهي.

اهو معاملو وڏي آئت وارو آهي تہ وڏي عرصي کان پوءِ انگريزن تاريخ جي انهيءَ گهري امنگ ۽ مطالبي کي مڃتا ڏني آهي تہ منفرد ۽ امتيازي حيثيت رکندڙ قومن کي آزادي ۽ خودمختياريءَ وارن پنهنجن حقن بابت، سدائينءَ لاءِ دوکي ۾ نٿو رکي سگهجي، ۽ دوکي جي بنياد تي ڪوبہ مسئلو حل نہ ٿو ڪري سگهجي. ڪنهن جُڙتو رٿا جي ابهرائيءَ ۾ جوڙيل ۽ ڪنهن بہ سوچ ۽ سمجهہ کان خالي سانچي ۾، ڪنهن امتيازي حيثيت رکندڙ قوم کي نپوڙي ۽ سوڙهو ڪري لاهڻ وسيلي، ان قوم کان، ڪجهہ وقت لاءِ، سندن آزادي ۽ خودمختياري کسي سگهجي ٿي، پر ان جي بنياد تي سدائينءَ لاءِ، بين الاقوامي اڻ وٽندڙ اهڙن مسئلن کي حل نٿو ڪري سگهجي، جيڪي نئين سر پيدا ڪيا وڃن ٿا. اهو ئي سبب آهي، جو اکنڊ ڀارت ۽ پاڪستان جي قيام جي سلسلي ۾، سينين ڏرين جون جاري ڪوششون خراب نموني ناڪام ٿيون آهن، ۽ اهڙين ڪوششن اوجهڙ ۽ غيريقيني ڪيفيت کي جنم ڏنو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻنهين رٿائن تي عملدرآمد ڪرڻ وارو عملُ تاريخ جي منهن ۾ ڌوڙ وجهڻ ۽ ان کي ٽيڪڻ جي ڪوشش هوندو. ياد رهي تہ تاريخ کي ٺڳي نٿو سگهجي، ۽ ان جي ابتڙ تاريخ، هر موڙ تي، پنهنجي اٽل ارادي جو پاڻ لازمي اظهار ڪندي آهي.

اهو ئي ڪارڻ آهي جو تاريخ غلطين کان آجي فيصلي جي موٽ ۾، برطانوي سامراج هندستان کي ”وسيع ننڍي ڪنڌ“ جي نالي سان سڏڻ شروع ڪيو آهي ۽ ”صوبن“ کي اهڙو حق ڏنو آهي تہ اهي تجويز ڪيل ٻن منجهيل وحدتن مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪن، پر ساڳئي وقت مسئلو هيءُ بہ آهي تہ 1946ع جي ڪئبنيٽ مشن جي بيان پٽاندر ڪوبہ ”صوبو“ اهڙو حقُ ان صورت ۾ رکندو جڏهن ان پاڻ کي ٻنهين انتهائي مرڪزيت پسند وحدتن مان هڪ ۾ ضم ڪيو هجي.

گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1919ع هيٺ قائم ڪيل مرڪزي قانونساز اسيمبليءَ ۾ هن وقت 141 ميمبر آهن، جن مان سنڌ جا رڳو ٻہ ميمبر چونڊيا ويٺا آهن. جڏهن تہ ڪئبنيٽ مشن اسٽيٽمينٽ جي بنياد تي جڙيل ڪُل ڀارت جي گڏيل آئين ساز اسيمبليءَ ۾ سنڌ جا 4 ميمبر آهن ۽ اهي چارئي ميمبر پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ ويهڻا آهن، جيڪا ڪُل 35 ميمبرن تي ٻڌل هوندي ۽ ان ۾ اسان جي پاڙيسري سرزمين پنجاب جي 28هن ميمبرن جي غالب ۽ فيصلائتي اڪثريت ويٺل هوندي. انهيءَ اسيمبليءَ کي، ٻين گهڻن معاملن کي طئہ ڪرڻ سان گڏ، سنڌ جي حڪومتي وهنوار هلائڻ واسطي، هڪ آئين پڻ تيار ڪرڻو آهي. اهڙيءَ ريت اسين اڏ سفر ۾ ئي هڪ مرڪز، جتي 141 مان اسان کي رڳو 2 ووٽن جو اختيار آهي، کان ٻئي مرڪز ڏانهن منتقل ٿيڻا آهيون، جتي اسان جو آواز 10 سيڪڙو مس هوندو.

دهليءَ ۽ بمبئيءَ سان، اسان جي ٻتي وابستگي، لڳ ڀڳ هڪ صديءَ تائين رهي آهي. ان دوران اسان تي


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اها حقيقت چٽي ٿي بيٺي ته مرڪزي انتظام هيٺ هلندڙ مڙني ڪاتن جهڙوڪ: فوج، ريلوي، انڪم ٽيڪس، ٽپال ۽ ڪسٽمز ئي غيرسنڌين جي هڪ هٽي قائم رهي. اسان جي تعليم کي بنهه گهٽو نظرانداز ڪيو ويو ۽ ان کي نقصان رسايو ويو. گجراتين ۽ مرهٽن وغيره کي اسان جي خرچ تي، اسان جي تعليمي ادارن ۾ تعليم ڏني ويئي. اسان جون زمينون هوريان هوريان پر لڳاتار ڦٻايون وڃون ۽ اسان جي قومي سڃاڻپ کان انڪار ڪرڻ يا اُن تي اثرانداز ٿيڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. هاڻي نئين بندوبست هيٺ اسان کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڏانهن منتقل ڪيو پيو وڃي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته بمبئيءَ جي اذيت پري ۽ ڏکار جوڳي غلاميءَ کان پوءِ هاڻي اسان کي پنجابي قوم جي ظالماڻي اڪثريت هيٺان چيپاڃڻ لاءِ اڇليو پيو وڃي.

تجويز ڪيل آزاديءَ سان اسان جو جذباتي لڳاءُ آهي، پر ان وسيلي پنجابي قوم جي جنهن غلاميءَ ۽ ماتحتيءَ ۾ اسين وڃي رهيا آهيون، ان جي ذاتي جو تجربو هينئر کان ئي اسان کي ٿي رهيو آهي.

ڪڏهن چڙوچڙ، ڪڏهن منظم رٿابنديءَ هيٺ پاڙيسري وطن مان، مسلمانن ۽ سکن جا ڪٽڪ لڏائي سنڌ ۾ آباد ڪيا پيا وڃن. انهن نوَن آيل ماڻهن، اڇڻ شرط ئي، هتي اسان جي سرڪاري نوڪرين، اسان جي اسڪالرشپن ۽ اسان جي وڻج واپار ۽ ڌنڌن تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ فريب ۽ دوکي سان اسان جي ڳوٺن ۾ موجود زرعي زمينن کي هٿ ڪيو آهي. اهي اسان جي جياپي جي وسيلن کي ڦٻائي رهيا آهن. انهن اسان جي ماڻهن کي سندن روزگار جي ذريعن کان محروم ڪيو آهي. ان صورت ۾، اسان کي منجهانئن اڳتي ڪهڙيءَ چڱائيءَ جي اميد ٿي سگهي ٿي.

هندستان جي فرقيوارانڻي مسئلي لاءِ انهن جيڪو حل تجويز ڪيو، جنهن تي سڀ سهمت هئا، ان تان اهي پاڻ ئي ڦري ويا آهن ۽ اڄي ان ڳالهه پيڙا ٿيا آهن ته ورهاڱي واري رٿا جي عمل ۾ اچڻ کان پوءِ بنيادي اصول يعني 1940ع واري ٺهراءُ تان هٿ کڻي وڃبو. سنڌ کي دلاسو پڻ ڏنو ويو هو ته ڪيس اهڙو اختيار ڏنو ويندو ته اها آئين هيٺ پنهنجي قانونساز اسيمبلي جوڙي سگهي ۽ اتان اها سادي اڪثريت سان، ذيلي مرڪز کي ڇڏڻ ۽ ان جي ماتحتيءَ کان ٻاهر اچڻ جو ٺهراءُ منظور ڪري سگهي.

ڪئبنيٽ مشن جي مئي 1946ع واري تڪراري ٻٽيل اعلان نامي ۾ اهڙي اختيار جو ذڪر چٽي نموني ٿيل آهي. سنڌ اهو پهريون پرڳڻو آهي، جنهن کي پنجاب پرڳڻي جي مطلق اڪثريت واري آئين ساز اسيمبليءَ پاران جوڙيل آئين وسيلي اهو اختيار ڏنو ويو آهي ته اهو جي چاهي ته انهيءَ سياسي جوڙجڪ کان ٻاهر اچي سگهي ٿو. سوال اهو آهي ته جيڪڏهن سنڌ کي انهيءَ سياسي جوڙجڪ مان ٻاهر اچڻ جو، هر سياسي، سماجي ۽ اخلاقي حق ۽ اختيار آهي ته ڪيس اڳواٽ انهيءَ نئين سياسي انتظام ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور ڪرڻ وارو منطق سمجهه ۾ نه ايندڙ آهي. اها ڳالهه ته ايئن وڃي ٿي ته ڪنهن قوم کي ڪاهه ڪري فتح ڪجي، ان کان سندس سموري آزادي کسي ونجي، ٻن شهنشاهتن يا مرڪزن ۾ ان کي زوريءَ زبردستيءَ شامل ڪجي پوءِ بيحال ڪري ڪيس چئجي ته اوهين ان گهيري کان ٻاهر اچڻ گهرو ٿا ته ايئن ڪري سگهو ٿا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اها ڳالهه برابر آهي تہ غلاميءَ مان آئيني طريقي سان جند آجي ڪرائڻ لاءِ قانونساز اسيمبليءَ جون چونڊون اسان جي ماڻهن جي راءِ ۾ راضپي طور ڄاتيون ويون آهن. اهي سنڌ ۾ پڻ گڏيل هندستان جي ٻين حصن ۾، پاڪستان ۾ اکنڊ ڀارت جي نعرن هيٺ وڙهيون ويون آهن. پر انهن چونڊن بابت ڪي ڳالهيون ڳُوڙهو ڏيان گهرن ٿيون. پهرين ڳالهه هيءَ آهي تہ انهن منعقد ڪيل چونڊن ۾ خاص حربن ۾ اٽڪل ڪان ڪم ورتو ويو آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪندڙ ووٽرن جي حقيقي مامرن ۾ مسئلن. جيڪي انهن چونڊن سان لاڳاپيل هئا. ڪي سمجهڻ ۾ انهن جي اڳتي هلي پوندڙ اثرن کي محسوس ڪرڻ بابت ڪابہ رهنمائي نہ ڪئي ويئي. ووٽرن کي پاڻ ڳنڀير ۾ سنجيدهہ نوعيت جي مسئلن. جيڪي بهرحال پيش اچڻا هئا. جي ڪابہ ان طريقي سُڌ يا ڄاڻ نہ ڏني ويئي تہ جيئن اُهي اعتماد ۾ سمجهداريءَ سان پنهنجي ووٽ کي استعمال ڪرڻ لائق ٿي سگهن.

اصل ۾ رڳو زميندار، وڏيرا، سردار، مُکي ۾ سڀ کان اهم ڳالهہ تہ سيئي بااختيار ڪامورا ۾ عملدار ئي هئا، جن ڏمڪائي، ڊيڄاري، زور زبردستيءَ ذريعي، لفظن جي جادوگري ۾ ڪمال ڪيڏ ذريعي، سَچَ کي لڪائڻ لاءِ ، غيرواضح ۾ مُنجهيل ڳالهيون ڪيون، ابوجهہ ڀالن ڀولن. سادڙن ووٽرن کي ڀلايو ۾ انهن کي خاص خانن ۾ ٺپي هڻڻ تي اڪسايو. اهڙيءَ طرح اهي چونڊون ڪنهن بہ لحاظ کان ڪي اهڙيون حقيقي چونڊون نہ هيون، جن ۾ آزاد ۾ خودمختيار قومن جا سُجاڳ فرد، پنهنجيءَ تقدير جي فيصلي ڪرڻ لاءِ پنهنجي ووٽ جو حقيقي نموني حق استعمال ڪندا آهن. هنن چونڊن ۾ نہ تہ ڪنهن حق انصاف کي اڳيان رکيو ويو ۾ نہ ئي وري ڪنهن منصفاڻي يا نياءَ واري طريقيڪار کي ڪتب آندو ويو. انهن چونڊن جو مقصد مٿي وينل مخصوص طبقي جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن جون، حڪمت عمليءَ هيٺ رڳو نامزدگيون حاصل ڪرڻ هو ۾ اُن لاءِ اهڙا سانگ رچايا ويا جو ماڻهن کي اُهي حقيقي چونڊون محسوس ٿين. ٻي ڳالهہ هيءَ آهي تہ ڪُل هند مسلم ليگ پاران پاڪستان يا ڪُل هند ڪانگريس پاران اکنڊ ڀارت جي نعرن جي صورت ۾ ووٽرن آڏو بہ ٻئي غلط سوال رکيا ويا. نتيجو اهو نڪتو تہ ووٽرن، جن اُهي ٻنهہ مُبهم ۾ غيرواضح نعرا ٻُڌا، تن اهي ڪوبہ بهتر متبادل نہ ڏسي پنهنجيءَ پنهنجيءَ سمجهہ آهر ۾ اندازن تي مطلب ڪڍيو ۾ ڏنل ٻنهي آپشنن ۾ پنهنجي لاءِ چڱائي ڳولڻ لڳا.

ان کان سواءِ اُهي چونڊون رڳو محدود پيماني تي ٿيون، جن ۾ ڪُل آباديءَ جي 15 سيڪڙو ماڻهن حصو ورتو، جن کي ووٽ جو حق مليل هو. اُنهن مخصوص طبقي جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترن نوازيل ماڻهن جو ڏيان اهڙن ڳنڀير مسئلن ڏانهن نالي ماتر هو. باقي بچيل 85 سيڪڙو عوام انهن نام نهاد چونڊن جي سلسلي ۾ ڀِٽپ ۾ ئي نہ آندو ويو. ان کي اهڙي اهم ۾ فيصلائتي معاملي ۾ ڪنهن بہ طرح ليکي ۾ نہ آندو ويو. شايد اِهي ئي سچيون پچيون، جائز ۾ ڪنهن فيصلي ڪرڻ کان اڳ ۾ ڏيان ۾ رکڻ جوڳيون حقيقتون انهن لاءِ ڄاتل هيون. جيڪي پوئين سال شملا جي پهاڙن تي هندستان جي سياسي مسئلي ۾ آيل مونجهاري لاءِ حل ڳولي رهيا هئا. حقيقت ۾، اهي سنڌي قوم لاءِ زنجير تيار ڪري رهيا هئا ۾ ان ٻهاني جي آڙ ۾ تہ ڪين زنجير ڇني ڦٽي ڪرڻ جو اختيار



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هوندو.

ان نموني، جڏهن هندستان جي مسئلي جو ڪو حل فرقيوار بنياد تي طئہ ٿيو تہ صورتحال بگڙجي ويئي ۽ ان جي نتيجي ۾ هندستان جا ماڻهو وڏيءَ حد تائين فرقيوارانڻ فسادن ۾ ڦاسي پيا، ۽ مذهب جي بنياد تي ماڻهو هڪٻئي جو بيگناهہ قتل عام ڪرڻ لڳا. ٻنهين ڌرين ۾ مذهبي جوش گهٽ ۽ هڪٻئي کي تڙي معاشي فائدن ماڻڻ وارو حرص وڌيڪ هو. اهڙو حل جانبدارانڻو غيرحقيقي ۽ غيرمنطقي هو، انڪري، اهو انتهاپسند ۽ ٺلهي جذباتيت رکندڙ ماڻهن لاءِ معاشي فائدن ماڻڻ جو ذريعو بڻجي پيو. هندستان جي ماڻهن کي حقيقي طرح فرقيواريت جي ٻرندڙ جبل ۾ اڇلايو ويو. اهو ٻرندڙ جبل ڪنهن بہ گهڙيءَ ڦاٽي سگهي ٿو ۽ ان جي ڦاٽي پوڻ جا آثار ۽ اهڃاڻ بہ چٽا آهن. هر پاسي گهر لٽيا ڦريا ۽ اجاڙيا پيا وڃن، انساني ڪوس جو سلسلو شروع ٿيو آهي ۽ سڄي هندستان تائين پکڙجي ويو آهي.

هندستان جي اپاڳين قومن مٿان ورهاڱي واري پوائنٽي آفت کي نازل ڪرڻ لاءِ سڀ تياريون پوريون ڪيون ويون آهن. اهو واقعو پرامن نموني پيش اچڻ نہ پيو وڃي، ننگي جارحيت جو نظارو عام آهي. ٻنهي پاسئين، " قومي پهريدار" منظم ڪيا ويا آهن ۽ انهن کي قطاريو ويو آهي. جنگ جوڻ لاءِ دفاعي ۽ جارحاڻن هٿيارن جو بندوبست ڪيو پيو وڃي. هٿياربند فوجن ۽ پوليس کي هر صورتحال کي منهن ڏيڻ جي هدايت ڪئي ويئي آهي. مورچي بنديءَ لاءِ فوجي جٿن ۽ جهازن جي وڏي پئماني تي چرپر پئي ڏسجي. هٿياربند جهڙپون لڳاتار عمل ۾ اچي رهيون آهن.

هندستاني مسلمانن ۽ هندن جي وهم وسوڙن ۽ عقيدي ۾ پورڙي بٽايل اپوجهہ ۽ غريب عوام جي ذهنن ۾ فرقيوارانڻي نفرت جو زهر ۽ ساڙ پريو پيو وڃي ۽ ان ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي ويئي آهي. سڀ کان وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ نسل ڪشي ۽ جارحيت جو ٻڀ ڏنو پيو وڃي تہ جيئن معاملن کي ابهرائيءَ ۽ تڙ تڪڙ ۾ اڪلائجي. اهو سڀ انڪري ڪيو پيو وڃي تہ پاڪستان ۽ اکنڊ ڀارت جي قيام جي اجاين ۽ خطرناڪ خوابن کي ساڀيا جو روپ ڏنو وڃي، پر جي ايئن ٿئي بہ ٿو تڏهن بہ هيءُ مسئلو حل نہ ٿيندو ۽ اڳتي هلي انهيءَ هڪڙي مسئلي منجهان ٻيا انيڪ منجهيل مسئلا جنم وٺندا.

ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي حمايتين وچ ۾ انهيءَ جارحيت ۽ ٽڪراءُ جو سبب برطانوي وزيراعظم مسٽر ائٽليءَ جو "هائوس آف ڪامنس" ۾ پڙهيل اهو اڇو چٽو (White paper) آهي، جنهن ۾ هن نيٺ اها ڳالهہ مڃي آهي تہ هندستان وسيع ننڍو کنڊ آهي ۽ اتان جون قومون، هڪ قوم نہ آهن ۽ نہ ئي بہ يا ٽي- پر اهي انيڪ ۽ الڳ الڳ قومون آهن. انهيءَ اڇي چٽي جا سڀ کان وڌيڪ نقطا اهم هيٺينءَ ريت آهن:

"جيڪڏهن طئہ ٿيل وقت (جون 1948ع) تائين، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي نمائندن تي ٻڌل هڪ آئين ساز اسيمبليءَ مان، سهمت راءِ سان آئين تيار نہ ٿي سگهيو تہ ان صورت ۾ برطانوي حڪومت ان ڳالهہ تي بہ ويچاريندي تہ برطانوي هندستان جي مرڪزي حڪومت جون واڳون، انهيءَ تجويز ڪيل تاريخ تي ڪنهن جي حوالي ڪيون وڃن؟ ان لاءِ ٽي طريقا ٿي سگهن ٿا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

برطانوي هندستان جو انتظام:

(1) ڪنهن مرڪزي حڪومت حوالي ڪيو وڃي، يا،

(2) اهو هاڻوڪين صوبائي حڪومتن جي حوالي ڪجي يا،

(3) ٻئي ڪنهن طريقيڪار وسيلي، اهو مسئلو نبيرجي، جيڪو وڌيڪ بامقصد هجي ۽ هندستاني قومن جي بهترين مفادن وٽان به هجي.“

جيڪڏهن جون 1948ع ڌاري حڪومت جون واڳون هندستاني عوام جي حوالي ڪرڻ لاءِ تجويزيل ٽي امڪان آهن، ته انهن منجهان، ٽيون امڪان، يعني صوبن کي آزادي ۽ خودمختياري ڏيڻ وارو امڪان، حقيقت ۾ به بامقصد آهي ۽ سڀني لاڳاپيل ڌرين واسطي واجبي ۽ منصفاڻو به آهي. اهڙي نبيري وسيلي تاريخ جي روح جي تسڪين ٿي سگهندي. آخري امڪان قطعي نوعيت جو آهي، يعني جتي هندستاني عوام جي اعليٰ ترين مفادن جو معاملو ايندو، ايئن ڪنهن به ٻيءَ ڳالهه کي خاطر ۾ نه آندو ويندو.

بهرحال هڪ پاسي به غلط موقف ۽ نقطي نظر آهن. هڪڙو: اکنڊ ڀارت لاءِ هڪ مرڪزي حڪومت، ۽ ٻيو، انتهائي مرڪزيت وارو پاڪستان. ٻئي پاسي صوبن کي آزادي ۽ خودمختياري ڏيڻ وارو اپاءُ آهي، ۽ اهڙو اپاءُ خطرناڪ تڪرارن جي نبيري لاءِ نه رڳو عمل ۾ اچڻ جوڳو آهي، پر سڀني لاڳاپيل ڌرين لاءِ قبولڻ جوڳو ۽ منصفاڻو به آهي. بهرحال اهڙو بندوبست هاڻي دنيا اڳيان پڻ نروار ٿي چڪو آهي. هن ”وسيع نندي ڪنڌ“ لاءِ هتي ڄاڻايل انهيءَ خاڪي کي عمل ۾ آڻڻ سان هندستان جون محروم قومون، جن کان سندن آزادي ۽ خودمختياري کسي ويئي هئي، اهي ٻيهر آزاد ۽ خودمختيار رياستن جي برابر اچي بيهنديون.

شل ايئن ٿئي! شل، هرڪا ڌر عقل کان ڪم وٺي ۽ تاريخ جي تقاضا کي مانُ ڏئي ۽ ان کي سندس امانت، رضا خوشيءَ سان، واپس موٽائي! ايئن ٿيڻ سان سمورا پرڳڻا، جيڪي پنهنجيءَ وحدت ۾ لساني هڪجهڙائيءَ تي ٻڌل آهن، ۽ جن جا بنيادي ثقافتي، معاشي ۽ تاريخي مفاد حقيقتن تي ٻيٺل آهن، اهي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت ۾ اچي ويندا، پوءِ اهي گڏجي، ڪو وفاق به جوڙي سگهن ٿا، جنهن ۾ سمورين اڪاين کي هڪجهڙو ۽ هڪجيترو درجو مليل هجي، ۽ اهڙي مثالي صورتحال ۾ ڪنهن به اڪائيءَ کي ٻيءَ اڪائيءَ جي غالب ٿيڻ جو ڪو ڊپ ڊاءُ نه هوندو، ڇاڪاڻ ته سڀئي اڪايون طئه ٿيل قاعدي تي ڪاربند هونديون، ۽ هڪ جيڏي، هڪجيتري ۽ هڪجهڙي درجي ۽ حيثيت جون مالڪ هونديون. مثال طور، سنڌ وفاقي بنيادن تي قائم ڪيل مرڪز ۾ شموليت تان هٿ ڪڍڻ ۾ آزاد هوندي.

جيڪڏهن معاملن جي فضا ان نموني خوشگوار هوندي ته سنڌ کي پنهنجا کي ٿورا اختيار ۽ حق، رضاڪاراڻي نموني، ڪنهن اهڙي وفاق جي حوالي ڪرڻ ۾ ڪوبه انديشو نه هوندو، جنهن ۾ ڪنهن هڪ قوم کي اڪيلي سر سياسي، جمهوري ۽ ايوانن ۾ نمائندگيءَ جي برتري حاصل نه هوندي. جيڪڏهن اهڙي ڪنهن مرڪز جي قيام کان سواءِ ٻيو ڪو منصوبو آهي، جنهن ۾ ڪا هڪ قوم ڪنهن ٻيءَ قوم جي ماتحت ۽ غلام



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هوندي تہ پوءِ اهڙو الحاق يا انضمام سنڌي قوم يا ٻيءَ ڪنهن بہ قوم لاءِ قبولڻ جوڳو نہ هوندو، ۽ نہ ئي ڪا قوم، جنهن کي جيڪڏهن اهڙي منصوبي جو ادراڪ آهي، مرضيءَ سان اهڙي مرڪز ۾ شموليت لاءِ راضي ٿي سگهي ٿي.

بہ يا ٻن کان وڌيڪ ڌريون، جيڪڏهن ڪنهن معاهدي تي سهمت ٿين ٿيون تہ انهن وچ ۾ اعتماد ۽ گڏيل سهڪار جو هئڻ ضروري آهي، ۽ اهو معاهدو سيني شامل ڌرين لاءِ هڪجيترو لاڀائتو ۽ دلپسند هئڻ کپي. ايڪتا ۽ گڏيل سهڪار جي اهڙي فضا کليءَ دل سان مڃيل ۽ بلڪل برابر حيثيت هڪٻئي کي مڃُ ڏيڻ وسيلي قائم ٿي سگهي ٿي.

ڪا قوم ڪن ڳُٽپ جيترن ماڻهن جي غلامي ۽ ماتحتي قبول نٿي ڪري سگهي. اهڙو لاچار ان کي تڏهن پيش ايندو، جڏهن ان کي ڪاهہ وسيلي فتح ڪيو ويو هجي، يا ڪيس ذهني طرح گمراهہ ڪيو ويو هجي. جيڪڏهن ڪنهن قوم کي فتح ڪندڙ طاقت ڪمزور ٿئي ٿي يا لڳاتار دوکي دولاب کان ڪم وٺي ٿي تہ اها پنهنجو اثر وڃائي ويهندي، اهڙيءَ ريت ڪوڙن دلاسن، اجايي آٽت، ڌپ ۽ ڌمڪين وسيلي ڪنهن قوم کي ذهني طرح مفلوج ڪندڙ طاقت پڻ وقت اچڻ تي وائکي ٿي پوندي آهي ۽ پوءِ وهم وسوڙل قوم جاڳي پوندي آهي.

هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ کپي تہ سازگار وقت جي اوسيئڙي ۾ بيچين، بيقرار ۽ بيدار قوم سٽ ئي تحرڪ ۾ اچي ويندي آهي ۽ غلاميءَ جو ڳچيءَ ۾ پيل طوق لاهي اڇليندي آهي.

اکنڊ ڀارت يا پاڪستان- ٻنهي جي قيام جو نتيجو ڪن قومن جي قطعي غلاميءَ ۽ محڪوميت جي صورت ۾ ئي نڪرندو. اهڙيءَ ريت انهن قومن جي آزادي ۽ خودمختياري جا ٻجَ، ٿي سگهي ٿو تہ ٿوري وقت لاءِ جامد ۽ غيرمتحرڪ رهن، پر انهن اندر زرخيزي برقرار رهنديءَ ۽ دير سوير، جڏهن بہ انهن کي سازگار زمين ۽ موافق حالتون مليون، تہ اهي ٻيهر ڦٽي ڦولارجي پوندا.

ڪنهن اندروني فساد ۾ ڇو پئجي؟ هڪ يا ٻن مرڪزن جي هوڏ تي ڇو قائم رهجي؟ ڇا اهو چڱو نہ آهي تہ پنهنجن پنهنجن ماتر ڀومين ۾ رهندڙ مختلف قومن جي امتيازي حيثيت کي قبوليو وڃي ۽ اهڙا بندوبست ڪيا وڃن، جو قومون پنهنجن پنهنجن مڪاني اختيارن ۽ صلاحيتن کي ڪنهن عددي طرح غالب قوم جي ڀانهپ قبولڻ کان سواءِ، پنهنجيءَ ترقيءَ لاءِ ڪتب آڻي سگهن. ڇو نہ سدائين لاءِ اها ڳالهہ مڃي وڃي تہ "ڀارت هڪ ملڪ نہ آهي، هڪ "وسيع ننڍو کنڊ" آهي، جيڪو گهڻن ئي ملڪن تي ٻڌل آهي. اهو هڪ قوم تي ٻڌل ناهي، نہ ئي وري ٻن يا ٽن قومن تي، پر اهو گهڻين ئي قومن تي ٻڌل آهي، جن مان هر ڪنهن وٽ پنهنجا امتيازي اهڃاڻ آهن ۽ اهي بہ نج پچ انهن جا پنهنجا ئي آهن.- بلڪل اهڙا ئي، جهڙا دنيا ۾ موجود ٻين قومن وٽ آهن، جيڪي کين انفراديت بخشين ٿا.

انهيءَ اٽل حقيقت کي مڃڻ جو ڇٽو اظهار برطانوي حڪومت، گذريل فبروريءَ واري پنهنجي اچي چٽي ۾ ڪيو آهي. هاڻي گهرج انهيءَ ڳالهہ جي آهي تہ هندستاني سياست جي انهيءَ اعليٰ ترين حقيقت کي اسان جا



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مڪاني سياستدان ۽ سياسي مدبر پڻ ڪليءَ دل سان، غيرمشروط نموني مڃين. اهي پنهنجن الجهيل ۽ وڏيءَ حد تائين اجاين آسرن پوبان لڳل ذهنن کي جاچيتو ڪن. اهي ڌيرج ۽ صبر کان ڪم وٺن، تہ جيئن مسئلن کي انهيءَ ريت حل ڪري سگهن، جيئن انهن کي حل ٿيڻ کپي.

سنڌ برطانوي سامراج جي غلاميءَ ۾ لڳ ڀڳ هڪ صدي رهي آهي. انهيءَ دوران ان کي غيرفطري نموني ۽ زبردستيءَ عددي لحاظ کان برتر پاڙيسري قومن سان ڳنڍيو ويو جنهن سبب اها انهن قومن جي غلاميءَ، تابعداريءَ ۽ حاڪميت وارا اڙانگا ڏينهن ڏسندي آئي آهي. اڄ هڪ ڀيرو ٻيهر آزادي ۽ خودمختياري سندس در ڪڙڪائي رهي آهي. هاڻي معاملو اسان جي مڪاني سياسي اڳواڻن ۽ سياسي مدبرن ۽ پڻ پنجيتاليهہ لک عوام تي ڇڏيل آهي تہ اهي رڳي ٻانهون کولي ان کي ڀيڪارين ۽ ان جو آڌرڀاءُ ڪن.

دنيا ۾ قومن، آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ وارن ڄائي ڄم جي حقن، جيڪي ڪائنن زوراور طاقتن کسيا هجن، لاءِ جنگيون جوٽيون آهن، رت وهايو آهي ۽ ايتري تائين جو موت جي ٻہ آجيان ڪئي آهي. دنيا جي قومن پنهنجي خودمختيار حيثيت ۽ آزاد وجود کي برقرار رکڻ لاءِ بکون ڪاٽيون آهن ۽ لڳاتار ڪشالا ڪڍيا آهن. اڻٿڪ محنتون ڪيون آهن ۽ بيان کان ٻاهر سختيون سَٺيون آهن. اسين سنڌ جا ماڻهو پنهنجي آزاديءَ لاءِ تڙپ جي بنياد تي، پنهنجي پاڻ کي اهڙين قومن سان ڀيٽي سگهون ٿا. اسان جي ڏکي تاريخ اهڙن انيڪ واقعن سان ڀري پئي آهي، جڏهن بہ اسان کي ڇيپاٽيو ۽ دٻايو ويو، تہ اسان پنهنجيءَ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ وارن پوتر حقن کي ٻين هٿان ڦٻجڻ کان بچائڻ لاءِ بي مثال قربانيون ڏنيون.

جيتوڻيڪ، دٻي واري جنگ اسان جي انگريزن وٽ غلاميءَ تي ختم ٿي، پر اسان اها سورهيائي ۽ جهونجهارپ سان وڙهي، اسان اِن ڀيري پنهنجي آزاديءَ سان اهڙي ئي انتهائي محبت جو اظهار ڪيو جهڙو دنيا جي ڪابہ قوم ڪرڻ لائق آهي. "مروسون، مروسون، سنڌ نہ ڏيسون" اهو نعرو اسان جي سورمن هنيو ۽ جنگ جي ميدان ۾ پاڻ گهور ڪري آيا، اها ويڙهہ اسان اڄ کان رڳو 103 ورهيہ اڳ وڙهي هئي.

حالتون هڪ ڀيرو ٻيهر تبديل ٿيون آهن ۽ آزادي اسان جا در ڪڙڪائي رهي آهي. اها منتظر آهي تہ اسين اڳتي وڌي ڪيس مانُ ڏيون ۽ سدائينءَ لاءِ پنهنجو ڪري ڇڏيون. جيڪڏهن هن موقعي تي اسان پنهنجي تاريخ کي نہ سڃاتو تہ اها اسان جي ڏٺي وائٺي اڻوڄهائپ چئبي، آڳهات هوندو ۽ پڪ سان اسين اُنهيءَ شيءِ تان هٿ کڻنداسين، جيڪا قانوني ۽ موروثي طرح اسان جي پنهنجي آهي، انساني تاريخ ۾ ڪو اهڙو مثال نٿو ملي، جو ڪا قوم ڏٺي وائٺي نموني، پنهنجي پاڻ کي غلاميءَ ۾ ڏِڪي ڇڏي. جيڪڏهن اسان سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ ڪنهن هڪ يا ٻئي تجويز ڪيل مرڪز کي قبوليو تہ اسين اڻوجهہ ۾ سادا ليکيا ويندا سون، ۽ چونڊيل مرڪز سان، هڪ قوم جي حيثيت ۾ سدائين چڪتاڻ ۾ رهنداسون. اهي اسان کان ايئن الڳ آهن، جيئن فرانسيسي جرمنن کان ۽ جيئن ايراني افغانين کان.

تاريخ جي هن فيصلائتي موڙ تي، اسان جي اڳواڻن کي خبردار رهڻ کپي. ڪٿي ايئن نہ ٿئي، جو اهي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

گمراهہ ٿي، ڪنهن دوکي يا دباءَ ۾ اچن ۽ قوم جي حيثيت ۾ پنهنجي موت جي پرواني تي صحيح ڪري ويهن. اهي ايترا بہ سادا ۽ بصيرت کان آجا نہ هئڻ کپن، جو ڪن ٺلهن دلاسن ۽ ڪوڙين خاطرين پنيان لڳن، اجاين خطرن کي پنهنجي حصي تي ڪڻن ۽ بي فائدي جذباتيت ۾ وهي وڃن، ۽ ايئن شرم جوڳي بزدلي جو مظاهرو ڪري ويهي رهن.

کين خبردار هئڻ کپي تہ اهي هينئر جيڪي ڪجهہ ڪرڻ وڃي رهيا آهن، ان جا نتيجا نہ رڳو اڄ جي پيڙهيءَ تي پوندا، جنهن جا پاڻ نمائندا سڏجن ٿا، پر ان جا اثر ايندڙ اڻ ڳڻين پيڙهين تائين پوڻا آهن، انهن جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ وارن موروثي ۽ فطري حقن کي پيلڻ جو کين ڪو بہ حق حاصل نہ آهي.

پنهنجن نمائندن مان اسان کي اميد اها آهي تہ اهي سيني مصلحتن کي پاسي تي رکن ۽ انهيءَ دليل تي ثابت قدم رهن تہ هاڻي سنڌ کي پنهنجي اها آزاد ۽ خودمختيار حيثيت موٽائي ڏني وڃي، جيڪا ڪانگرس اڄ کان لڳ ڀڳ سئو ورهيہ اڳي انگريزن کسي هئي. کين اهڙيون رٿائون جوڙڻ کپن، جيڪي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي پڪي خاطريءَ کان پوءِ عمل ۾ اچي سگهن. کين پنهنجو محب وطن ڪردار ادا ڪندي، ڪنهن بہ صورت ۾، ڪنهن عددي اڪثريت رکندڙ جي حق ۾ ڪو فيصلو نہ ڏيڻ کپي، جيڪو هر طرح اسان جي غلاميءَ جو نتيجو ڏيندو. اسين ٻين قومن سان گڏ ان صورت ۾ هلنداسين، جڏهن اسان جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت کي قبول ڪيو وڃي. جيڪڏهن، انهيءَ ڏس ۾ پنجاب يا هندستان جي ڪابہ قوم اسان سان برابريءَ وارو وهنوار ڪندي ۽ حڪومت سازيءَ ۾ برابر حصي ڏيڻ تي راضي ٿيندي تہ اسين سهڪاري هٿ وڌائينداسين، پوءِ ڀلي اڳين ڏر گهٽائيءَ ۾ هجي، ان حالت ۾ انتظامي سطح تي، ساڻن گڏيل رضامندي ۽ برابر فائدي ڪڻڻ جي بنياد تي ساڻن معاملا طئہ ڪيا ويندا.

ڪانگريس اعتماد سان دعوا ڪري رهي آهي تہ هندو-مسلم مسئلي جو حل، وحداني طرز حڪومت جي بنياد تي اکنڊ ڀارت جي قيام ۾ آهي. مسلم ليگ جي دعوا آهي تہ هندستان جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قيام ۾ ان مسئلي جو حل آهي. جيستائين ڪو ماڻهو ٻنهين ڌرين جي ڄاڻي ٻجهي شروع ڪيل چالاڪيءَ کي نہ سمجهندو، تيستائين انهن بي عقليءَ وارن ٻنهي حلن جي توڙ تائين نہ رسندو، جن کي پنهنجي ليکي هنن وڏيءَ محنت کان پوءِ ڳولي هٿ ڪيو آهي. اهي ٻئي حل پوريءَ طرح ٽڪراءُ ۽ تڪرار پيدا ڪندڙ آهن، جنهن مان سندن ذهني ڏيوالپڻو لياڪا پائي رهيو آهي.

فرقيواريت، هڪ پل لاءِ چو نہ هجي، اها سياست توڙي مذهب ٻنهي لاءِ فائدي جي ناهي. فرقيواريت پنهنجي جوهر ۾ مطلق العنان ٿيندي آهي. اها گوناگون ۽ امتيازي قومن جي ڍانچن کي نپوڙي ٻي ست ڪندي آهي. اها تاريخ جي طئہ ٿيل حقيقتن کان انڪاري آهي ۽ پڻ اقتصاديات ۽ سماجيات جي اصولن جي منافي آهي.

هندستان ۽ پاڪستان جي قيام جي مطالبن کان سواءِ، فرقيواريت جي بنياد تي، ماڻهن جي لڏپلاڻ ۽ مٽاسٽا جي منصوبي تي بہ ويچاريو پيو وڃي. ان سلسلي ۾ تاريخ مان ڪو مثال ڳولڻ جي ڪوشش نہ پئي ٿئي،


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۽ نه ئي اهو سوچيو پيو وڃي ته اهڙو منصوبو عمل جوڳو به آهي! جيڪڏهن ورهاڱي جي نتيجي ۾، اهڙي لڏپلاڻ يا ماڻهن جي، فرقي جي بنياد تي، متاسنا ڪئي وڃي ٿي ۽ هندستان مان مسلمانن کي ۽ تجويزيل پاڪستان مان هندن کي لڏايو وڃي ٿو ته اهو مسئلو ان وقت جاري رهندو، جيستائين هندستان ۾ هڪ به مسلمان آهي ۽ تجويزيل پاڪستان ۾ هڪ به هندو رهي ٿو. ٻنهي پاسئين هندو- مسلمان پاڻ کي جڻ ڏارين رياستن ۾ يرغمال ٿيل محسوس ڪندا ۽ سندن سماجي عزت ۽ وقار جي ضمانت رڳو سندن چڱو ۽ ڪس ڪائڻ وارو ورتاءُ هوندو.

ٻن عقيدن وارن لکن ماڻهن کي لڏائي، ٻئي هنڌ ڏانهن دربدر ڪرڻ وارو تجربو گهڻو پيچيدو ۽ پرفريب آهي، جنهن لاءِ عام خلق به راضي نه آهي. سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته انهن ماڻهن جي هندستان توڙي پاڪستان ۾ حيثيت ڪهڙي هوندي. فرض ڪريو جي سنڌ جي سيني هندن کي انبوهن جي صورت ۾ تڙي، مدراس موڪليو وڃي ٿو ۽ سيني مدراسي مسلمانن کي ڪٽڪن جي صورت ۾، هتي سنڌ ۾ آندو وڃي ٿو ته اهو عمل ڪنور ته هوندو ئي، پر وڏي پئماني تي گهرو ويڙهه واريءَ صورتحال کي به جنم ڏيئي سگهي ٿو. سندن ٻولي، مِٽي ماٽي، سماجي لاڳاپا، سندن مزاج ۽ لاڙا، سندن وابستگيون ۽ واسطا سڀ ختم ٿي ويندا. اهڙي ويڳاڻپ ۽ اپاڻڪائيءَ جي حالت ۾ اهي نون وطنن ۾ ڪيئن رهي سگهندا؟ اهي نين حڪومتن لاءِ اڻ ڳڻيا مسئلا پيدا ڪندا. هتي معاملي کي سمجهڻ لاءِ رڳو ٻوليءَ واري مسئلي کي کڻون ٿا. سنڌ ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي نه هوندي، پر اها سنڌي گاڏڙ مدراسي هوندي ۽ مدراس ۾ مدراسي ٻولي، مدراسي نه هوندي، پر اها مدراسي گاڏڙ سنڌي هوندي. اهڙيءَ ريت، اهي ٻئي ڌرتيون، پنهنجي اصلوڪي سڃاڻپ وڃائي، ويڳاڻيون ۽ واتڙيون ٻڌجي پونديون ۽ ايئن ڪُل هندستان ۾ سڀ کان وڏيڪ ڏکاريون سر زمينون ٻڌجي پونديون.

تنهن ڪري اهو سولائيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو ته فرقيواريت جي منطق جي اها نام نهاد مهربان روشني، اسان کي وڃي ڪنهن اوجهڙ ۾ ئي ڦاسائيندي.

ان لڏپلاڻ واري منصوبي جي ڍڪاءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ اهو اعلان ٿيڻ کپي ته هندن کي تجويزيل پاڪستان ۾ سڪون ۽ امن سان رهڻ ڏنو ويندو ۽ هندستان ۾ مسلمانن کي سندن "مذهبي، ثقافتي، معاشي، سياسي ۽ انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفادن کي، سندن صلاح مشوري سان، مناسب، اثرائتي ۽ ضروري آئيني تحفظ فراهم جي ضمانت ڏني ويندي" [فقرو: 2 (9) ii، مسلم ليگي آئين]

هيءَ سڄي ڳالهه پاڻ ۾ به نتيجا سانڍي ٿي: يا ته ماڻهن کي، جتي اهي رهن ٿا، رياست جو شهري مڃيو ويندو ۽ ساڻن شهريءَ وارو ورتاءُ ڪيو ويندو، يا ڪين، جتي اهي رهن ٿا اتي، ڌارين هئڻ جو مهڻو ڏنو ويندو. جيڪڏهن مهڙيون نتيجو نڪري ٿو ته فرقيواريت جي بنياد تي، ٻن پوروچوٽ رياستن جي قيام وارو منطق هوا ۾ ٻاڦ ٿي ويندو. ماڻهو وڌيڪ ڪوبه مطالبو نه ڪندا ۽ ڪو مسئلو نه هوندو. جڏهن ته پڇاڙڪي صورت ۾ جڏهن هندو پاڪستاني رياست ۽ مسلمان هندو رياست ۾ ڌاريا ۽ اوپرا هوندا، ٿيندو ايئن جو ماڻهن کي ڪيترا به آزاد خياليءَ تي ٻڌل ۽ آئين کان مٿاهان تحفظ فراهم ڪيا وڃن، پر اهي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي اوپرا ۽ ويڳاڻا هوندا. سندن محب الوطنيءَ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تي شڪ ڪيو ويندو ۽ سنڌن قوميت داءُ تي لڳل هوندي.

اهڙيءَ ريت، هندو مسلم مسئلي جي باهہ سدائين لاءِ پڙڪيل رهندي، فضا شڪ ۽ ڏڪار سان ڀريل هوندي انهيءَ نام نهاد يا حقيقي نظراندازيءَ ۽ احساس ڪمتريءَ جي حالتن ۾، ٻنهين حريف رياستن جا شهري مڪاني سطح تي اڳتي هلي ڪن ”واقعن“ جو ٻارڻ بڻجندا. اهڙا واقعا، جوابي واقعن کي جنم ڏيندا ۽ انهن مان وري انتقامي ڪارروايون پيدا ٿينديون، جيڪي جوابي انتقامي ڪارروايون کي پيدا ڪنديون. اهڙيءَ ريت، اڳتي هلي، ٻنهين رياستن ۾ جنگ واري صورتحال پيدا ٿيندي ۽ پوءِ امن جي قيام لاءِ ڪاميٽيون ٺهنديون. انهن ڪاميٽين ۾ اهي مخالف ٽولا ويهندا. ڪاميٽين جون گڏجاڻيون ختم ٿينديون ۽ ٻيهر وڳوڙن کي شهہ ڏينديون. اها ويڙهہ جيڪا هينئر ڏنڊن ۽ پٿرن سان ڪئي پئي وڃي، اها بندوقن ۽ بمن سان وڙهي ويندي. اها ويڙهہ تي سگهي ٿو تہ مڙهيل ڳالهين وسيلي قائم ڪيل امن تي ختم ٿئي، پر ٻنهين صورتن ۾، فرقيواراڻي وحشت وارو چڪر، سڌيءَ ريت نئين سري کان شروع ٿيندو.

چيو وڃي ٿو تہ وچئين عهد واري زماني وارين صليبي جنگين کي شهہ ڏيندڙ پيٽر هو، جيڪو يروشلم ويندڙ عيسائي ياترين کي ترڪن جي ظلمن بابت من گهڙت آکاڻيون ٻڌائي، سادن ۽ اڻوجهہ عقيدتمندن جي هجومن کي اڪسائيندو هو ۽ اهو جملو ورجائي چوندو هو. ’خدا جي اها مرضي آهي‘. هتي، هن ويهينءَ صديءَ ۾ اها ساڳي ڳالهہ ٻنهي پاسن سان هن طرح لاڳو ڪئي ويندي ’اسلام جي اها مرضي آهي‘ ’هندومت يا سک مت جي اها مرضي آهي‘ هر ڀيري اهي نعرا وڌيڪ هيانوَ ڦاڙ حد تائين لڳايا ويندا ۽ اها وحشت سنت معصوم ماڻهن جي رت منجهان وڌيڪ اپار وٺندي.

انهيءَ، هٿياربند امن ۽ جنگ جي ثابت قدم پوت جو انت تڏهن ٿيندو، جڏهن ٻنهي مخالف عقيدن جا ماڻهو بيدرديءَ سان اوسي پاسي جي سمنڊن ۾ ٻوڙيا ويندا يا هماليا جبل ڏانهن تڙيا يا منظم نموني ختم ڪيا ويندا.

ٻئي ڌريون غلط دنگن تان پنهنجي شروعات ڪري رهيون آهن. اهي پنهنجن تجويز ڪيل اپائن وسيلي هندو-مسلم مسئلي کي حل ڪرڻ بدران وڌيڪ منجهائينديون ۽ ان ۾ وڌيڪ شدت پيدا ڪنديون. اهڙيءَ ريت، اهو مسئلو هن وسيع ننڍي کنڊ جي داخلي سک، امن ۽ سلامتي لاءِ ۽ پڻ سڄي دنيا لاءِ لڳاتار خدشي طور قائم رهندو.

اکنڊ ڀارت، هندستان ۽ پاڪستان جا سياسي مقصد ترتيبوار ڀارتي قومپرستيءَ، هندو قومپرستيءَ ۽ مسلم قومپرستيءَ تي ٻيٺل آهن. ڀارتي قوم پرستيءَ وارو تصور پنهنجي نالي وانگي وسيع آهي. اهو تاريخ جي ڪنهن شاگرد توڙي دنيا تي حقيقت پسنديءَ واري نظر رکندڙ مبصر لاءِ هڪ ڌنڌلو تصور هوندو [جنهن جو ڪوبہ احاطو نہ ڪري سگهجي] ايئن ئي جيئن چئجي: ايشيائي قومپرستي، يورپي قومپرستي، يا اهڙي ڪا ٻي قومپرستي جن جو ڪوبہ وجود ئي نہ هجي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اسلام پڻ مسلم قومپرستيءَ کي نٿو مڃي. مسلم قومپرستيءَ بابت بحث بي معنيٰ ۽ پنهنجي پاڻ ۾ تڪراري هوندو. جيئن چئجي ته: عالمي قومپرستي، انڪري جو اسلام آفاقيت جي نمائندگي ڪري ٿو. ۽ دنيا جي هڪ سئو هڪ قومن مان، ڪا به هڪ قوم ان کي پنهنجائي سگهي ٿي. اسلام دنيا جي قومن کي مٽيءَ جي پنوڙن وانگر نٿو سمجهي، ۽ نه ئي پاڻ کي قالب ، جو ڪنهن هڪ يا هر ڪنهن ماڻهو يا قوم جي سماجي، اقتصادي، لساني، جاگرافيائي ۽ تاريخي پسمنظر، لاڳاپن ۽ وابستگين کي سَٽي، سوڙهو ڪري، پاڻ ۾ سمائي، ۽ ان ريت اڳ ئي مقرر ڪيل هڪجهڙائي (Uniformity) پيدا ڪري وجهي. اسلام اها وڪالت ڪري ٿو ته انيڪتا ۾ ايڪتا (Unity in Diversity) آهي. هڪ جرمن اسلام قبول ڪرڻ ڪان پوءِ قوميت ۾ جرمن ئي رهي ٿو. هڪ ترڪ مسلمان ٿي به ترڪ ئي رهي ٿو.

هندو قومپرستيءَ جي حالت اڃا به ڪمزور آهي. انهن ماڻهن لاءِ چيو پيو وڃي ته اهي اڳتي هڪ قوم ٿيندا، پر اهو معاملو قطعي طرح سمجهه ۾ نه ايندڙ آهي. هندو ڄڳن ڪان ڇڱن جاتين ۾ ورهايل آهن، ان ڪري دائمي طرح اڻبرابر رهندا. هيٺئين طبقي يا جاتيءَ کي مٿيون جاتيون اڇوت سمجهن ٿيون ۽ رڳو سندن ڇهاءَ سان مٿين جاتين وارا اپوتر بنجي پون ٿا. انهن وٽ سماجي برابريءَ جهڙي بنيادي تصور جي مڃتا ناهي. ان جي ابتڙ ڌرمي لحاظ کان ان تصور جي عدم موجودگي کي پوري قانوني مڃتا مليل آهي. ان حالت ۾ اهڙن ماڻهن، جيڪي ايتريقدر اڻ ايڪتائيءَ سان ۽ متڀيد جي بنياد تي پاڻ ۾ ورهايل هجن، تن بابت قومپرستيءَ جو ذڪر خام خياليءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي، يا وڌ ۾ وڌ اهو هڪ خواب ئي چئي سگهجي ٿو. ايستائين جو سماج جي مختلف طبقن جو مذهب، جنهن جي بنياد تي ماڻهو پاڻ کي هندو سڏائين ٿا، ان لاءِ پڌري پٽ ايئن سمجهيو وڃي ٿو ته اهو ڪو اصل کان وٺي ايئن آهي. جڏهن ته حقيقت ۾ ان به پنهنجي "ابتڙ" مان جنم ورتو آهي، ايئن ئي جيئن ڌرميت (Theism) مان اڌرميت (Atheism) يا عيسائيت کان انڪاري مت (Heathenism) مان عيسائيت پيدا ٿي آهي.

سمجهڻ خاطر، هتي هيءَ سوال ڪري سگهجي ٿو ته هندستان ۾ بنگالين، مدراسين، سنڌين، مرهٽن، پنجابين ۽ پناڻن وغيره جي غلام هئڻ جي هڪجهڙي اياڳائيءَ کان سواءِ، ٻي ڪهڙي شيءِ ۾ هڪجهڙائي آهي، جنهن بنياد تي اهي هڪ پارٽي قوم، هڪ مسلم قوم يا هڪ هندو قوم بنجي سگهن ٿا. ڇا اهڙيون قطعي شيون دنيا جي امتيازي ۽ گوناگون قومن ۾ هڪجهڙيون نه آهن. انهن قطعي شين جي هڪجهڙائيءَ کان پوءِ به اهي هڪ يورپي قوم، هڪ عيسائي قوم يا هڪ يهودي قوم ڇو نٿيون جوڙين؟

ساڳئي نموني اهي ڪهڙا گوناگون يا امتيازي اهڃاڻ آهن، جيڪي يورپ يا ايرانين ۽ ترڪن يا چينين ۽ برمين ۾ موجود قومن ۾ فرق جي ليڪ ڇڪين ٿا. اُهي اهڃاڻ ڀارت ۾ موجود گهڻين ۽ مختلف قومن ۾ نٿا ڏنا وڃن، ته ڇا پوءِ انهن ۾ فرق نه ڪجي؟

سنڌ ۾ رهندڙ ڪنهن به غيرسنڌيءَ کان اوهين پڇو: "ڪير آهين؟" موٽ ۾، هو هر ڀيري اهو ئي جواب ڏيندو: "آءٌ گجراتي آهيان،"، "آءٌ پنجابي آهيان." وغيره. ڪوبه غيرسنڌي ايئن بلڪل به نه چوندو: "آءٌ سنڌي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آهيان“ پوءِ پلي اُهو ورهين ڪان سنڌ ۾ رهندو هجي يا ڪٿي هتي جائو ڇو نہ هجي. ڪانئس اوهين پُڇيو: ”ڇا تون سنڌي آهين؟“ جيڪڏهن ڪانئس اهڙو سوال اوچتو ئي پڇيو ويو آهي ۽ انهيءَ جي پيچيدگيءَ جي ڪيس ڪا خبر ناهي تہ هو سخت اعتراض واريندي چوندو: ”نہ نہ آءٌ سنڌي نہ آهيان“ اوهين محسوس ڪندا تہ اهو سوال پڇي، اوهان ڪانئس ڪا پياري شيءِ [ يعني سندس اصل سڃاڻپ] کسي ورتي هجي ۽ ڪا تهمت [ سنڌي هئڻ جي] مٿس مڙهي ڇڏي هجي. جيڪا ڪٿڻ تي هو لچي ٿيندو هجي ۽ انهيءَ [ پاڻ کي سنڌي سڏائڻ] کي بلڪل بہ پسند نہ ڪندو هجي. جڏهن ڪنهن مراعت يا فائدي تي دعوا ڪرڻ جو ڪو معاملو آهي تہ اهو ساڳيو ئي ماڻهو جهٽ پٽ، ڊوڙي ڊُڪي علائقي جي ڪنهن اعزازي مئجسٽريٽ، جيڪو پڻ گهڻو ڪري اُن وانگي غيرسنڌي ئي هوندو، تنهن وٽ سهڪندي سهڪندي پهچندو ۽ ڪانئس رضا خوشيءَ سان سنڌ جو ڊوميسائيل سرٽيفڪيٽ حاصل ڪندو. اُن ڪان پوءِ پيهر قلابازي کائيندي، هو وڏي واڪي اها شڪايت ڪندو رهندو تہ ڪيس ’اصلي‘ سنڌي نٿو سمجهيو وڃي!

هاڻي پاڻ وري گڏيل ۽ وسيع پاسي اچون ٿا. جيڪڏهن ڪنهن ڪان اهو سوال پڇجي تہ ”ڇا اوهان هندستاني آهيو؟“ـ تہ اهو ماڻهو ٺڏيءَ دل سان اطمينان واري انداز ۾ ان جو جواب هائوڪار ۾ ڏيندو، بلڪ ايئن، جيئن ڪانئس وسيع تر مفهوم ۾ اهو پڇجي! ”ڇا اوهين ايشيائي آهيو“ يا اهو تہ ”ڇا اوهين انسان آهيو؟“

اهڙيءَ ريت، اهو ڪل هندستاني قومپرستيءَ وارو عجيب ۽ ڏنڌلو تصور رڳو اسان جي وڏيءَ حد تائين ”هڏڏوڪي“ انگريز آقائن جي ذهنن جي پيداوار آهي ۽ اسان کي ڏنل سندن سوکڙي آهي، جيڪي ظاهري طرح ”ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو“ واريءَ پاليسيءَ تي عمل ڪندڙ آهن، پر اصل ۾ ان تصور ذريعي، اُهي سچ پچ تہ ان جي بلڪل ابتڙ عمل ڪري رهيا آهن. سندن نيت آهي تہ: ’جيڪي بہ ممڪن تضاد آهن، تن سڀني کي ڇڪي، تاڻي، گڏ ڪري، هڪ وحداني ڍانچو قائم ڪيو وڃي، ۽ پوءِ پنهنجيءَ پَر ۾ ديانتداريءَ سان، ۽ وڏي احسان ڪندي، اهو [وحداني ڍانچو] اسان جي حوالي ڪن تہ جيئن اسين پاڻ ۾ وڙهندا رهون ۽ اهي اسان کي هڪٻئي سان وڙهندي ڏسي خوش ٿيندا رهن.

هندو قومپرستي ۽ مسلم قومپرستي، ٻئي، هڪٻئي جو ضد ۽ هڪٻئي جو توڙ آهن يا ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي تہ اهي ٻئي، هڪٻئي سان ٽڪراءُ ۾ ايندڙ لقاءَ آهن، جن جا بنياد ٻن خسيس حقيقتن تي آهن.ـ پهرين: اها جيڪا [ مذهب جي نانءَ ۾ هٿرادو پيدا ڪيل ] قومپرستي اتهاس جي غلط اپياس مان اُسري آهي، ۽ ٻي: اها جيڪا ساڙ جانبداريءَ ۽ بدخواهيءَ جو نتيجو آهي. اها قومپرستي ٻنهين ڌُرين جي تعليمي ۽ معاشي ترقيءَ وارن ميدانن ۾ اٽبرابريءَ ۽ عدم مساوات مان اپري ۽ اسري آهي، پر، ان هوندي بہ، هن وقت سڀ ڪان وڏي دلجاءِ ڏيندڙ صورتحال هيءَ آهي تہ گذريل ٻن صدين تائين پڪڙيل سندن گڏيل غلامي عملي طور اڄا تائين ٻنهين ڌرين جي ذهنن مان نہ نڪتي آهي. ان ڏس ۾ بہ بنيادي ۽ ڏکوئيندڙ حقيقتون آهن. پهرين حقيقت هيءَ آهي تہ هڪ دور هو، جڏهن هڪ ڌر [مسلمان]حڪمران هئا، ۽ ٻي ڌر [هندو] رعيت هئا. پر هاڻي حقيقت هيءَ آهي، ٻنهين ڌرين وچ ۾


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تعليمي ۽ معاشي ميدانن ۾ اٽبرابري هاڻي تيزيءَ سان ختم ٿي رهي آهي.

گهڻي معصوميت سان، اها ڳالهہ وساري وڃي ٿي تہ هڪ اڏ ابتدائي حملي کي ڇڏي، ٻيون جيڪي بہ ڪاهون مسلمانن، هن ننڍي کنڊ تي ڪيون، تن ۾ اسلام پکيڙڻ واري خواهش گهٽ هئي ۽ هن سُڪيي ستابي خِطي کي معاشي طرح ڦرڻ ۽ لٽڻ يا هتي سلطنتن جي قيام جي خواهش بنيادي هئي. غورين ۽ خلجين کان وٺي ويندي احمد شاهہ ۽ نادر شاهہ جي ڪاهن تائين، سيني ٻاهرين ڪاهي ايندڙ مسلمان فوجن جو مقابلو هتان جي مسلمان سردارن، مسلمان حڪمرانن ۽ شهنشاهن ڪيو جيڪي پڻ ماهر فوجن جي سرواڻي ڪري رهيا هئا، انهن ٻاهرين پر هڪڙي ئي مذهب وارن ڀائرن جي ڪيل ڪاهن جو مقابلو ڪيو ۽ رعيتي قومن جي مذهبن ۾ ڪابہ مداخلت نہ ڪرڻ ڏني. اهو پڪو پختو سياسي اصول آهي، جيڪو انگريز واپارين راتو رات دريافت ڪري، عمل ۾ نہ آندو هو بلڪ انهيءَ اصول تي انهن کان اڳ وارن مسلمان حاڪمن پڻ سختيءَ سان عمل ڪيو هو.

اتهاس انهيءَ سچ جو ساکي آهي تہ ننڍي کنڊ ۾ مسلمان حڪمرانن، عام ماڻهن يا رعيتن جي مذهبن مٽائڻ لاءِ سرڪاري سطح تي تحريڪون نہ هلايون هيون ۽ نہ ئي وري مختلف رعيتي قومن جي زندگين جي مختلف سماجي-معاشي ڍانچن کي تبديل ڪري، انهن کي اسلام جي معاشي- سماجي اصولن يا سياسي نظرين ۽ عمل پٽاندر ترتيب ڏني هئي. هتي ماڻهن جي مذهب مٽائڻ جون سڀ ڪوششون ذاتي ۽ خانگي هيون. اهڙي ذاتي ۽ خانگي معاملن کي سرڪاري کاتي ۾ نٿو ڳڻي سگهجي. لاڳاپيل حڪومتون، عوامي ۽ سياسي معاملن جي انتظامي معاملن کي اثرائتي ۽، سني نموني ۽ باقاعدگيءَ سان هلائڻ جون پابند هيون. اها ڳالهہ رڳو مسلمانن تي ئي، نہ پر هندن تي بہ لاڳو هئي. ان کان سواءِ پراڻي يا نئين مسلمان ٿيل ماڻهوءَ کي مذهب جي بنياد تي، ڪو غير معمولي سياسي فائدو نہ ڏنو ويندو هو. اهو نئون مسلمان ٿيل ماڻهو پڻ رعايا جو حصو ٿي رهندو هو. جيڪڏهن ڪو ڪانير هو تہ اهو ڪانير ئي رهيو ۽ جيڪڏهن پخالي هو تہ پخالي ٿي رهيو. ايترو ضرور ٿيو تہ مسلمان ٿيڻ کان پوءِ اهو سماجي طرح ٿورڙو مٿيرو ضرور ٿيو جو هندن جي جاتي سرشتي مان ڪيس آزادي ملي ۽ هن حڪمرانن جي مذهب جي اصولن جي پاسداري ٿي ڪئي.

هن وقت انگريزن جي حڪومت ۾ هندو ۽ مسلم محڪوم قومن مان گهڻين جي هاڻوڪي سماجي، معاشي ۽ مذهبي حيثيت، ڪنهن بہ صورت ۾ انهيءَ حيثيت کان بهتر يا بدتر ناهي، جيڪا مسلمان بادشاهن ۽ شهنشاهن جي ڏينهن ۾ هوندي هئي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪي استثنائون، هِتي يا هُتي ملي بہ وڃن، پر گهڻي ڀاڱي اهي حالتون مسلمانن جي حڪمرانيءَ وارن ڏينهن ۽ پڻ هلندڙ انگريزن جي حڪمرانيءَ جي دور سان لاڳو ٿيون ٿيون، ۽ پوري اطمينان يا خاطريءَ سان، چاهيندي يا نہ چاهيندي، اهي عام مشاهدي ۾ آڻي سگهجن ٿيون.

هتي جيڪا ڳالهہ ڏيان لهڻي، سا هيءَ آهي تہ هن ننڍي کنڊ ۾، ڪي ڏهاڪو کن صدين تي پکڙيل مسلمانن جي حڪمرانيءَ واري تاريخ، ڪنهن بہ هندوءَ کي اهو سبب يا بهانو فراهم نٿي ڪري تہ ان حالت تي


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

لڄي ٿئي ته ڪنهن عرصي دوران هر هڪ مسلمان سنڌس آقا هو ۽ هُو رڳو ڀانهو هو ۽ نه ئي وري اها ڳالهه ڪنهن مسلمان کي اهو خوشفهميءَ وارو سبب فراهم ٿي ڪري ته اهو ڪنهن زماني ۾ آقا هو ۽ هر هڪ هندو سندس غلام هو.

انهيءَ سڄي پسمنظر ۾نهين ڌرين – هندو ۽ مسلمانن ۾، شدت وارا لاڙا پيدا ڪيا آهن. ۽ ٻنهين ڌرين منجهه گهڻا غير معقول، ڪوڪلا ۽ جذباتي ردعمل پڻ موجود آهن. جن جي نتيجي ۾ هڪڙا [ يعني هندو] سڌو سنئون، پنهنجي ماضيءَ واري غلاميءَ جي بدلي وٺڻ جي ٻاونا ۽ لاڙو رکن ٿا ۽ ٻيا وري پنهنجي وڃايل غالب حيثيت کي ٻيهر ماڻڻ جي خواهش رکن ٿا.

ماضيءَ ۾، ٻنهي، هندن ۽ مسلمانن، جي هڪٻئي جي مقابلي ۾ نسبتي حيثيت جيڪا به هئي، پر گذريل ٻن صدين دوران، انگريز آقائن جي ماتحتيءَ ۾، سندن گڏيل غلاميءَ واري تلخ تجربي نه رڳو اڻبرابريءَ وارن سمورن نشانن، جيڪي ڪڏهن هئا، کي ميساري ڇڏيو آهي. بلڪ، انهيءَ ماضيءَ جي پيٽ ۾، منجهن ڪي وڏيڪ ڇتا ۽ ڏُور رس نوان فرق به پيدا ڪيا آهن ۽ انهيءَ گڏيل اڻبرابريءَ، سڄي اڳوڻي صورتحال کي ابتو ڪري، ٻنهين ڌرين کي انگريزن جو غلام بڻائي ڇڏيو آهي.

انگريزن جي تاريخي طرح طئه ٿيل تفريق واري ورتاءُ، ﭘﻚ سان، هندن کي فائدو ۽ سرپرستي فراهم ڪئي آهي، مسلمانن جي مخصوص نفسياتي شڪ، ساڙ ۽ نئين انتظام هيٺ دستياب فائدن کي ماڻڻ ۾ نابري وارڻ سبب هندو اقتصادي ۽ تعليمي طرح مسلمانن کان اڳيرا ٿي ويا. هندن خود اعتماديءَ، مزاج ۾ تبديليءَ ۽ تبديل ٿيل حالتن جي تقاضائن کي تڪڙي موٽ ڏيڻ وسيلي، هر ميسر موقعي مان ڀرپور فائدو ورتو ۽ ان ريت هندن تعليمي، معاشي، سماجي ۽ سياسي طرح فائدا ماڻيا. جڏهن ته ٻئي پاسي، مسلمانن، پنهنجي ليکي پاڻ کي درست قرار ڏيندي، لاپرواهه ٿي وڃي اڳي وانگي سمهي رهيا. مسلمان جڏهن گهڻي وقت وڃائڻ کان پوءِ، اکيون مهٽي جاڳيا ته ان وقت تائين حالتون گهڻو اڳتي نڪري چڪيون هيون. انهن اچرج وچان ڏٺو ته هندن هينئر هر پاسي واپار، تعليم ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ پنهنجو مرتبو ڻاهي ورتو هو. هاڻي مسلمانن، اهي سخت ڏوراپا ڏيڻ شروع ڪيا ته هندو به انهن وانگي ساڻن گڏ ننڊ ڇو نه ستا رهيا! اهڙيءَ صورتحال کان گهبرائجي ۽ انهيءَ خال کي ڀرڻ لاءِ انهن ڪوششون ڪرڻ شروع ڪيون، پر وقت گهڻو اڳتي نڪري چڪو هو مقابلي جي ڊوڙ هاڻي ٻي جوڙ يا اڻبرابريءَ واري هئي، مسلمان پنهنجي زرعي سماج ۽ ان تي آڌاريندڙ زندگيءَ سبب بنهه بيوس بڻيا رهيا، ۽ اهي انهيءَ صورتحال جي ڇپ هينان دٻيل هئا.

هندو ڪاروباري ماڻهو هئا تن حڪمران انگريز سوداگرن سان ڪاروباري لاڳاپا قائم ڪري، وڏا معاشي ۽ واپاري فائدا ماڻيا. انهن وٽ وقت هو، موقعا هئا ۽ سوچيندڙ، لوچيندڙ ذهن هئا، جن گهڻي گهرج محسوس ڪئي ته سندن چوڌاري، ملڪ ۾ جيڪي واقعا ٿي رهيا هئا، تن جو اڀياس ڪن ۽ تن کي سمجهن. جڏهن ته مسلمان مجموعي طور، سماجي ۽ معاشي دٻاءُ ۾ ايندا ويا، ڇو ته اهي سماجي طرح قدامت پسند ۽ معاشي طور پوئتي پيل



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هئا. جيڪڏهن ڪنهن ڪان ڏکيءَ ويل ۾، قرض ڪڍندا هئا ته غربت ۽ مناسب آمدني نه هئڻ سبب اهو وقت سر واپس ڪري نه سگهندا هئا. اهي سياسي طور غيرمتحرڪ هئا ۽ سندن گذر سفر جو مُک ذريعو زراعت هو، جيڪو پڻ ڏينهون ڏينهن پوئتي پوندڙ هو. نتيجي طور، اُهي آهستي آهستي مستقل نموني واپاري دلالن ۽ وياج خورن وٽ قابو ٿيندا ويا ۽ قرضن ۽ غربت جي ڏُٻڻ ۾ ڦاسجندا ويا.

انهن مان ڪي ٿورڙا وڏا جاگيردار هئا، جيڪي پنهنجي زرعي زمين جي پيداوار مان حاصل ٿيندڙ ڪُل آمدنيءَ جو وڏو حصو پاڻ ڪٽي ويندا هئا، ۽ ائين اُهي دولت ميڙيندا هئا. اهي پنهنجو وقت، پئسو ۽ پنهنجيون توانايون فضول ۽ بي مقصد عياشين ۽ غيرمنافعي بخش عملن تي خرچ ڪندا رهيا. انهن جا لکين مسلمان پائر، جيڪي بي زمين ۽ سندن سرڙيا هاري ۽ پورهيت هئا، سي زرعي اپت مان ايترو مس حاصل ڪري سگهندا هئا، جو سندن گذران ئي ڏکيائيءَ سان ٿي سگهندو هو. سندن ساندهه ۽ اڻٿڪ محنت جو واڌو ڦَلُ سندن زميندار، ناجائز طريقي سان ڦٻائيندا رهيا. ڪُڙمي ۽ پورهيت پيٽ گذر لاءِ ڏينهون ڏينهن بي انت جاکوڙ ڪندا رهيا، پر ان مان سندن گذارو نه ٿيندو هو ۽ پنهنجين روزمره جي گهرجن جي پورائي لاءِ ميڙي چُونڊي يا ڳهه ڳري وياج عيوض شاهوڪارن يا وياج خورن وٽ گروي رکڻ تي مجبور ٿيندا ويا.سندن زميندار به مٿن غُربت، بُک ۽ بدحاليءَ جهڙيون حالتون مڙهيندا رهيا، اهڙيءَ ريت، هوند وارا، هر طرح، غريبن ۽ مجبورن کي ڦريندا رهيا ۽ پاڻ سکيا ستابا ٿيندا رهيا.

اها نسوري غيرانساني طبقاتي جوڙجڪ، جيڪا زرعي سماج ۾ رائج هئي، سا مسلمانن جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويئي هئي. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هندو سيٺي ميدانن ۾ منظم طريقي سان ترقيءَ جون منزلون طئه ڪندا ويا، ۽ مسلمان نراسائيءَ ۽ نااميديءَ سبب بيڪار ۽ لاچار بڻيل، جتي هئا، اتي ئي جميا بيٺا رهيا ۽ اهڙيءَ ريت ترقيءَ جي راهه تي تڪڙي هلڻ يا ہرانگهون پرڻ ته پري جي ڳالهه آهي، پر اُهي اُن گس ڏانهن ٿورڙي به تحرڪ وٺڻ جا اهل نه رهيا. تنهن ڪري اهي هندن کي نندڻ ۽ کين ڏوهي بنائڻ لڳا، کين دڙڪا ۽ دهمان ڏيڻ لڳا، چي: اڳتي وڌڻ، ترقي ڪرڻ کان لاچاري ڏيکارڻ ۾ اُهي ساڻن گڏ ڇو نه هئا! ہين لفظن ۾ هندن ترقي ڇو ڪئي!

ڪو ماڻهو ان ارمان ڪرڻ ۾ آزاد آهي ته ٻين ڪيئن نه خودغرضيءَ وچان پاڻ کي ترقي ڏياري آهي، پر ڪوبه ماڻهو ڪنهن ٻئي کان اهڙي گهُر بلڪل به نٿو ڪري سگهي ته اهو ترقي ان ڪري نه ڪري، جو هن پاڻ اڃا تائين ان بابت ڪو فيصلو نه ڪيو آهي.

مسلمانن هڪ ڳالهه وساري ڇڏي ته هندو واپارين يا وياج خورن سندن استحصال ان سبب نه پئي ڪيو جو اهي هندو هئا، پر اهي ايئن ان لاءِ ڪري رهيا هئا، جو اهي واپاري ۽ شاهوڪار هئا.

ڪنهن سرڪاري آفيس ۾ ڪنهن هندو ماڻهوءَ کي ڪلارڪي مليل هئي ته ان جو مطلب اهو ناهي ته کيس انڪري نوڪريءَ ۾ رکيو ويو جو هُو هندو هو، پر کيس اها نوڪري، انڪري ملي، جو انهيءَ آفيس کي اهڙي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ماڻهوءَ جي گهرج هئي، ڪو مسلمان ان لاءِ اهل هجي ها ته ان کي به اها نوڪري ملي وڃي ها.

بهرحال، سنڌ ۾ اڳ به اها صورتحال هئي ۽ هن وقت به آهي. ان هوندي به، ڪنهن قوم جي مختلف فردن ۽ مختلف طبقن ۾ معاشي يا تعليمي اڻبرابري ٿي سگهي ٿي، پر ان جي بنياد تي ڪين سماجي ۽ سياسي طرح الڳ نٿو ڇاڻائي سگهجي ۽ نه ئي وري اهڙي فرق کي ڪنهن قوم کان پنهنجي ورثي کسڻ جو دليل بنائي سگهجي ٿو. ۽ نه ئي ڪن اوپرن ۽ ڌارين ماڻهن کي ٻاهران آڻي زمينون، نوڪريون، واپار، تجارت، ڌنڌا ۽ روزگار جا ٻيا اهڙا وسيلا انهن جي حوالي ڪرڻ جي اجازت ڏيئي سگهجي ٿي. جن تي رڳو ئي رڳو ڌرتي ڌڻين کي حق حاصل آهي.

اها ته بدنيتي ۽ تنگ نظر بدلي واري حالت هوندي، جو ڪنهن قوم جي پنتي پيل حصي، جنهن ۾ همٿ، صلاحيت ۽ خود اعتمادي نه هجي، لاءِ چئجي ته اهو ترقي ڪيل حصي کان اڳتي نڪرڻ جي لائق ناهي. جيڪڏهن ماڻهن اندر سماجي ـ اقتصادي اڻبرابري، سندن وچ ۾ ورهاست لاءِ جوڳي ميدان طور سمجهي وڃي ته پوءِ اڳتي هلي، ان جو نتيجو ٻنهي پاسئين آباديءَ جي متاستا ۽ شهري حقن جي نقصان جي صورت ۾ نڪرندو. ان صورت ۾ مسلمانن ۽ هندن جي پورهيتن کي ان گُهر ڪرڻ جو جوڳو ميدان مليل آهي ته اهي پنهنجي لاءِ ”مزدورستان“ جو مطالبو ڪن ۽ زميندار ”زميندارستان“ ۽ شاهوڪار ”شاهوڪارستان“ جو مطالبو ڪن.

ان صورت ۾، ورهاڱا عمودي صورت ۾ نه، پر افقي صورت ۾ ٿيندا، معاشي ۽ سماجي طور تي رعايت ماڻيل طبقا، هندو توڙي مسلمان، سيني کان مٿي هوندا، ۽ ٻنهين مذهبن يا ڌرمن جا لکين ڪروڙين ماڻهو جيڪي سندن هيسايل ۽ ڏجهايل آهن، سي سيني کان هيٺ هوندا.

ڪنهن قوم جي سيني عنصرن وچ ۾ سماج جي مقرر اصولن پٽاندر انصاف ۽ برابريءَ تي ٻڌل لاڳاپن جو هئڻ ضروري آهي، ۽ اها سدائين سيني جي دل گهري خواهش رهي به آهي، ان لاءِ وڏيڪ عزت ڀريا ۽ گهربل نتيجا ڏيندڙ طريقا پڻ موجود آهن. جيڪي بيحد ضروري سماجي ـ معاشي اعتدال يا برابريءَ ڏانهن وٺي ويندڙ آهن. جن کي سولائيءَ سان ڳولي سگهجي ٿو ۽ انهن تي عمل ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن قوم جي جياپي وارن سمورن وسيلن ۽ ان جي معيشت کي، ڌارين جي حوالي ڪرڻُ ۽ ڪنهن قوم جي سموري وطن کي مجموعي طرح ڌارين جي اختيار ۽ استعمال ۾ ڏيڻ مسئلي جو حل ناهي. ايئن ڪرڻ کي خدمت نه چئبو پر اها پاڻ سان دوکي ڪرڻ واري سادگي چئبي. اهڙو اپاءُ وطن خلاف هوندو. تاريخ اهڙيءَ ويساهه گهاتيءَ ۽ غداريءَ کي نه وساري ڪري سگهي ٿي ۽ نه ئي معاف ڪري سگهي ٿي.

مسلم ليگ جو حمايتي، سنڌ جو ڪو شهري، ٿي سگهي ٿو ته هن طرح دليل ڏيئي: ”جيتوڻيڪ، پاڪستان جي معاملن کي هلائڻ لاءِ اسان جي قطعي صلاحيت ڏکيائيءَ سان ڪُل 10 سيڪڙو مس ٿيندي، پر ساڳئي وقت، پنجاب جا اسان جا مسلمان ڀائر، انهيءَ جي 85 سيڪڙي جا مالڪ هوندا، ۽ باقي 5 سيڪڙو سرحد جي پٺاڻن ۽ بلوچستان جي بلوچن جو هوندو. جيتوڻيڪ، ان صورت ۾ اها رڳو پنجابي مسلمانن جي حڪمراني



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هوندي ۽ سنڌن حڪم هلندو. تڏهن به اسين هڪ اسلامي رياست قائم ڪري رهنداسون ۽ اسلام پائيچاري ۾ يقين رکي ٿو ڇا مسلمان پائر، دولت، موقعن ۽ وسيلن ڪي برابر ۽ منصفاڻي نموني، پاڻ ۾ ونڊي ورڇي نٿا سگهن؟ اسان جا پنجابي مسلمان پائر اسان سان غلط وهنوار نه رکندا ۽ هرشيءِ تي پنهنجي هِڪ هَٽي قائم نه ڪندا. اسين پاڻ سندن پيرن ۾ ڇڏيون ٿا، ان اميد سان ته اهي اسان کي نه ٿڏيندا ۽ نه لتاڙيندا. بلڪ اُهي اسان کي پيرن مان ڪڍي ڇاتيءَ سان لڳائيندا. ۽ اسان کي خوش ۽ خوشحال بڻائيندا؟"

غيرحقيقي اميد پري سوچ ۽ ذاتي مفروضا گهڙي غور ويچار جا گهرجائو آهن. پهرين ڳالهه هيءَ آهي ته پنجابي مسلمان پاڻ غربت جا سٽيل اپوجهه ۽ سماجي طرح هڪ هنڌ بيٺل آهن. سي جيستائين انهن مصيبتن مان پاڻ آجو نٿا ڪرائين، تيستائين ڪنهن ٻيءَ قوم کي مصيبتن مان آجو ڪيئن ڪرائيندا. اُن جي ابتڙ، اهي پاڻ سان گڏجندڙن جي مصيبتن ۾ شدت آڻيندا ۽ عددي اعتبار کان بالادست هئڻ جي ڪري، پنهنجو بار به عددي لحاظ کان زيردست قومن مٿان رکندا.

ساڳيي وقت، معياري برتري به انهيءَ قوم جي ڪاتي ۾ جاٽائي پئي وڃي ته اهي اسان لاءِ معجزا ڪري ڏيکاريندا ۽ اسان گهٽ سڌريلن کي سڌاريندا. اها ڳالهه به ايئن ٿيندي، جيئن يورپ جا گورا "ڪارن" کي سڌارڻ نڪتا هئا. ساڳيي بهاني ۽ دليل هيٺ تُرڪن لبنان تي قبضو ڪيو مصرين سوڊانين تي حڪمراني ڪئي ۽ ايراني افغانين جا آقا بڻيا. پر، ان مامري ۾ ڏکوئيندڙ حقيقت سدائين هيءَ رهي آهي ۽ اڳتي به رهندي ته اهڙي قوم جيڪا پنهنجي ليکي ٻين کي 'سُڌارڻ' جي مهم تي نڪرندي آهي، اها سڌيءَ ريت انهن "اڻ سڌريل" قومن تي سياسي غلبو حاصل ڪندي آهي ۽ سندن معاشي ڦرلٽ ڪندي آهي ۽ معاشي طور انهن جو استحصال ڪندي رهندي آهي. اها واقعي ويچارڻ واري ڳالهه آهي ته ڇو لبنان ۽ شام، ترڪيءَ ۽ اڳوڻي اوپر اردن (جيڪو هاڻي گڏيل اردن ۾ شامل آهي)جي اميرَ جي جارحاڻي اڳرائيءَ خلاف گڏيل بچاءُ واري هڪ ناهه تي صحيحون ڪيون آهن. ڇو سوڊانين، مصرين جي ميرين نيتن کي ڏسندي، "سوڊان آزادي محاذ" جوڙيو ۽ ڇو افغانين وچن ڪيو آهي ته اهي ايرانين جي تجويز ڪيل ماتحتيءَ کي قبولڻ بدران موت کي ترجيح ڏيندا.

پنجاب جي مسلمان پائرن سان تجويز ڪيل اٽبرابر سياسي ڀاڱي ڀائيواريءَ ۾، سنڌي مسلمانن کي ڇا ملڻو آهي، اهو پنجابي زميندار جي سنڌي هاري ۽ پنجابي آفيسر جي سنڌي ڪلارڪ سان ورتاءُ مان ئي پڌرو آهي. سنڌ ۾ جيڪي زمينون پنجابين جي هٿ آهن، تن تي پيڙهين کان هارپو ڪندڙ سنڌي هارين کي هارپي ڪرڻ کان جواب ڏنو ويو آهي، ۽ اسان جا سنڌي شاگرد ۽ سرڪاري آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ ننڍا وڏا ملازم، ڌارين استادن يا بالا آفيسرن جي غيرهمدرداڻي، مايوس ڪندڙ ڌڪار ۽ ذلت ڀريي ورتاءُ هيٺ ڪم ڪن ٿا. حقيقت اها به آهي ته هن وقت تائين ڪوبه هڪ پنجابي مسلمان يا ٻيو ڪوبه هڪ غيرسنڌي مسلمان، سنڌ ۾ سماجي ڪارڪن يا فلاحي رضاڪار جي حيثيت ۾ نه آيو آهي ۽ جيڪي به غيرسنڌي اڄڪلهه هتي ڏسجن پيا، سي سڀ پيشيوراڻي مهمجوئي ۽ ڪيريئر ناهڻ جي چڪر ۾ آهن. سنڌ ۾ 75 سيڪڙو سنڌي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مسلمان ’غريب، ابوجهه ۽ اڻ پڙهيل‘ آهن ۽ اهي غيرسنڌي سنڌن محبت ۾ ڳٽتيءَ ۾ ڳريل پيا ڏسجن. دعوا پيا ڪن تہ اهي 25 سيڪڙو استحصالي سنڌي هندن جي سياسي ۽ اقتصادي چنبي مان ڪين آزاد ڪرائيندا. اهو معاملو خواريءَ جي حد تائين احمقاڻو ۽ امڪاني حد تائين جوکم ڀريو آهي.

ٻي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اِهي رڳو پنجابي مسلمان نہ هوندا، جيڪي اسان جي خرچ تي موج ڪري رهيا هوندا، پر پنجابي هندو ۽ پنجابي سِک پڻ انهيءَ راهہ تي هلندا ۽ ماٺ ميٺ ۾ اُهي بہ پنهنجي لاءِ مال ملڪيت ميڙيندا. سِکن تہ اڳ ۾ ئي هتي پنهنجون وڏيون جاگيرون قائم ڪري ورتيون آهن. ايتريقدر جو اسان جي شهر، ٽنڊي جان محمد کي، جنهن جي نالي پنيان هڪ تمام وڏي تاريخ آهي، ”خالصا نگر“ ۾ تبديل ڪرڻ جون ڪوششون پوري اوج تي آهن. سڀ کان وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ مسلم ليگ پنجاب جي صدر مارچ مهيني ۾ ڏنل پنهنجي بيان ۾ چيو آهي تہ مسلم ليگ غيرمسلمانن مٿان مسلم راڄ قائم ڪرڻ جو ڪوبہ ارادو نہ ٿي رکي، هُن پنجابي هندن ۽ سِکن کي اپيل ڪندي چيو آهي تہ اهي هڪ خوشحال پاڪستان جي قيام لاءِ ساٿن سهڪار ڪن. پنهنجيءَ ڳالهہ کي جاري رکندي هن وڌيڪ چيو آهي تہ اهڙو واقعو پنجاب جي تاريخ ۾ هڪ سياڳو ۽ يادگار ثابت ٿيندو. سنڌس ان بيان جو اشارو سمجهہ ۾ ايندڙ آهي.

ٽين ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسلامي ڀائيچاري وارو تصور ڪنهن فرد يا ڪنهن قوم جي ڪامل انفراديت ۽ آزاديءَ کي ماڻڻ ۽ اُن کي قائم دائم رکڻ واري حق کي اُن وقت تائين رد يا خارج نٿو ڪري، جيستائين اُها انفراديت ۽ آزادي ٻين فردن يا قومن جي اهڙن ئي مقدس حقن جي لتاڙ نٿي ڪري. اهڙو ڀائيچارو سيني اڪاين وسيلي ۽ انهن وچ ۾ برابريءَ جي بنياد تي قائم ٿيڻو آهي. جيڪڏهن اهو ڀائيچارو هڪ قوم وچ ۾ آهي تہ ان جو ترڪيبي ايڪو هڪ فرد هوندو ۽ جي اهو قومن جي برادرين وچ ۾ آهي تہ ان جو ترڪيبي ايڪو قوم هوندي. يا اسلامي ڀائيچاري جو مطلب، پڪ سان، هڪ قوم لاءِ غلامي ۽ ٻيءَ قوم لاءِ سرپرستيءَ وارو نہ هوندو. اسلام ڪنهن فرد يا قوم جي انفراديت ۽ آزاديءَ کي نہ رڳو مڃي ٿو ۽ ان جي اجازت ڏئي ٿو پر، مثبت نموني، انهن جي حقن تي بہ زور ڏئي ٿو تہ ڪنهن فرد جي جان، مال ۽ وقار ٻئي فرد لاءِ پوتر ۽ احترام جوڳا آهن. ساڳيءَ ريت، ڪنهن قوم جي معاشي سگهہ، آزادي ۽ خودمختياري ٻيءَ قوم لاءِ پوتر ۽ نظرانداز نہ ڪرڻ جوڳي آهي. ڪنهن فرد يا قوم جي انفراديت کي مانُ ڏيڻ ۽ ان جي احترام وارو معاملو گڏيل بہ آهي ۽ ڏي وٺ جوڳو بہ آهي. تنهن ڪري، فردن جي تنظيم يا قومن جي ڀائيچاري جو بنيادُ انساني آزادي آهي، انهيءَ کان انڪار نظرياتي يا عملي، ڪنهن بہ صورت ۾ ڀائيچارو پيدا نہ ڪندو. ان جي ابتڙ اهو لازمي طرح، هڪڙن لاءِ غلامي ۽ ٻين لاءِ سرپرستيءَ جو نتيجو ڏيندو.

پڇاڙڪي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اهو ضرور ياد رکڻ کپي تہ اسلامي رياست جو قيام ڪنهن بہ صورت ۾، هڪ قوم جي آزاديءَ کان انڪار ۽ انهن مٿان ٻيءَ ڌاري قوم جي دائمي حاڪميت مڙهڻ سان بلڪل مشروط نہ آهي. جيڪڏهن ايئن ٿيو تہ اهڙو عمل، حقيقت ۾، ان جي قيام واري مقصد جو مڪمل انڪار هوندو. اهو ياد رکڻ کپي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تہ جيڪڏهن سنڌي مسلمانن جي پنهنجي مرضي ۽ فيصلو آهي تہ پوءِ ڪين پنهنجي ئي وطن ۾، جتي اهي 75 سيڪڙو اڪثريت ۾ آهن، هڪ اسلامي رياست قائم ڪري سگهندا. ڪين ايئن ڪرڻ لاءِ، ڪنهن ٻيءَ ڌاري مسلم قوم ڪان ڪنهن بہ قسم جي سهائتا جي ڪابہ گهرج ناهي، پر جيڪڏهن ڪا اسلامي رياست، ڪنهن ٻاهرينءَ مدد سان، قائم ٿيڻي آهي تہ پوءِ ان صورت ۾، 55 سيڪڙو پنجابي مسلمانن کي اسان جي ان ڪان بہ گهڻي ضرورت پوندي، جيتري مدد يا سهائتا اهي اسان کي ڏيڻ لاءِ فڪرمند آهن ۽ 10 سيڪڙو مدراسين ۽ 13 سيڪڙو بهاري مسلمانن کي اجا بہ وڌيڪ مدد جي گهرج ٿيندي، پر اچرج ۽ افسوس ان تي آهي تہ بنهہ ابتڙ، گمراهہ ڪن پاليسيءَ جي وڪالت ڪئي پئي وڃي ۽ ان جي پوئواري ڪئي پئي وڃي.

پنجابي مسلمان، جيئن پنجاب مسلم ليگ جي صدر پنهنجي بيان ۾ چيو آهي، غير مسلمانن مٿان مسلم راڄ قائم ڪرڻ جو ڪو ارادو نٿا رکن، ان جي ابتڙ، بهاري مسلمانن کي بهار صوبي مان وقفي وقفي سان ۽ جزوي طور لڏپلاڻ ڪرائي، پنجاب ۾ نہ، پر بنگال ۽ سنڌ ۾) آباد ڪيو پيو وڃي ۽ ايئن ڪين پنهنجي وطن ٻهار ۾ ڪمزور ڪيو پيو وڃي. اهڙيون لڏپلاڻيون بهارين جي پنهنجي ديس ۾ ڳتيل آباديءَ کي ڇڄو ڪنديون ۽ لڏپلاڻ ڪان رهجي ويل آباديءَ لاءِ مقامي سطح تي خطرا شديد ڪنديون. ان عمل جو سمورو فائدو هندو سرمائيدارن ۽ زميندارن کي پوندو. انڪري اها نہ تہ مسلمانن جي خدمت چئبي ۽ نہ وري اسلام جي. هن سموري عمل مان رڳو پنجابي پاڪستانين کي "پاڪستان" جي اصطلاح هيٺ سنڌ، بلوچسان ۽ سرحد (هاڻي خيبر پختونخوا) تي پنهنجي قطعي بالادستي قائم ڪرڻ جي ڳالهہ کي هٿي ڏيڻ جو موقعو ملندو نہ تہ اهو اصطلاح ڪنهن لاءِ چڱو ۽ فائدي وارو نہ آهي. هيءَ سڀ ٻين علائقن ۾ رهندڙ پنهنجن ڀائرن جي ڏکن ڏاکڙن منجهان سياسي سرمايي ٺاهڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. غريب ۽ اباڻڪا ٻهاري روئيندا ۽ پڇتائيندا. جنهن ڏينهن انهن بدنيت ۽ تنگ نظر ليگي اڳواڻن جي صلاح تي هلندي، پنهنجن اباڻن ڪکن ۽ ديس کي ڇڏيو.

انهيءَ ڪان سواءِ ڪٿي بہ اهڙو مثال نٿو ملي، جو اسلامي رهڻيءَ ڪهڻيءَ کي زور ۽ زبردستيءَ وسيلي مڙهيو ويو هجي. سچ، طاقت وسيلي ناهي پکڙبو. سچ پنهنجا وڪيل ڳوليندو آهي، ۽ پنهنجا سپاهي رڳو پنهنجي موروثي گڻ يا خوبيءَ ۽ ڪارجُ ذريعي گڏ ڪندو آهي. قرآن پاڪ ڪوڙن، نوڳي ۽ منافق ماڻهن کي للڪاريندي، فرمائي ٿو: "پنهنجا دليل آڻيو جيڪڏهن اوهين سچ تي آهيو."

ڀارت توڻي دنيا جي قومن اڳيان، حال يا ويجهي ماضيءَ ۾، اسلامي رهڻي ڪهڻيءَ لاءِ ڪهڙا دليل، ۽ ڪهڙا اصول ۽ پروگرام ۽ ڪهڙا نمونا (Models) پيش ڪيا ويا آهن، جو چئجي تہ اسلام جي سچ کي مڃڻ ڪان انڪار ڪيو ويو آهي.

تنهن ڪري، اهو صاف ظاهر آهي تہ جيڪو اسلام، بزدلاڻي نموني فتح ڪيل علائقن کي خالي ڪرڻ، ماڻهن جي ٻينڪيتن کي قائم ڪرڻ ۽ ڳجهي نموني ڪاهن ڪرڻ وسيلي پکيڙيو پيو وڃي، اهو اسلام انهن "استحصال ڪندڙن" ۽ "فاتحن" جو پنهنجو مخصوص اسلام آهي. حقيقي اسلام جو انهن صاحبن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جي ”اسلام“ سان ڪو واسطو ناهي. ”مذهب ۾ ڪابہ زور زبردستي ٿي نٿي سگهي، ڇو تہ ”سچ واضح طور تي باطل کان اڃو اُجرو هوندو آهي“. ”اوهان کي مختلف ڪٽنبن ۽ قبيلن ۾ خلقيو ويو آهي تہ جيئن اوهين هڪٻئي سان انصاف ڪري سگهو.“

اهي اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي (ماڻهن جو نہ، پر) خدا جو اسلام ۽ سندس پيارا پيغمبر ٻڌائين ٿا.

مذهب حياتي گذارڻ جو ضابطو آهي. اهو اسان کي سيکاري ٿو تہ دنيا ۾ اسين پنهنجي فائدي ۽ ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيئن گذاريون. ان جا بہ مک پاسا آهن هڪ، ذاتي ۽ نجي، ۽ ٻيو سماجي ۽ گڏيل. انهن ٻنهي پاسن جي رهنمائي، پاسداري ۽ انهن کي وس ۾ رکڻ لاءِ مذهب وٽ، حياتي گذارڻ جي ضابطي طور، جوڳا بندوبست هئڻ کپن.

زندگيءَ جي ذاتي پهلوءَ جي سلسلي ۾، مذهب اسلام، هڪ فرد کي پوري آزادي ۽ قطعي اختيار جي اجازت ڏئي ٿو ۽ تيستائين ڪابہ مداخلت نٿو ڪري، جيستائين، ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ جي ساڳين حقن لاءِ ڪو خطرو پيدا نٿو ٿئي.

اسلام فرديت کي تحفظ فراهم ڪري ٿو ۽ ڪڏهن بہ ان جي لتاڙ نٿو ڪري، اسلام جو اهو بنيادي اصول اڄ سڄي دنيا ۾ قبوليو ويو آهي، جڏهن سڄي دنيا چوي پئي: مذهب، هر هڪ فرد جو ذاتي معاملو آهي يا هئڻ کپي. اسلام جي انهيءَ سنهري اصول کي وڏيڪ هٿي، انڪري، ملي ٿي، جو سڄيءَ دنيا ۾ شعوري يا لاشعوري طور هر هڪ ماڻهو انهيءَ اصول کي عمل ۾ آڻي ٿو.

اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ وچئين دور ۾ معاملو ايئن نہ هو. اُن دور ۾ هڪ رومن ڪئٿولڪ عقيدي وارو ماڻهو پنهنجي عقيدي جي اعتبار کان ڪنهن پروٽسٽنٽ فرقي واري ماڻهوءَ کي جيئري ساڙڻ کي پنهنجو مقدس فرض سمجهندو هو ۽ ساڳيءَ طرح وري پروٽسٽنٽ فرقي وارا ڪئٿولڪن لاءِ ايئن ئي سوچيندا هئا، پر اڄ، مثال طور، ڪوبہ مسلمان، يا ڪوبہ هندو، روحاني عقيدي ۽ مذهبي عبادت جي ذاتي ۽ نجي طريقن، ۽ ٻين جي ورتاءُ جي سلسلي ۾ ڪا هٻڪ ۽ اُڪساءُ محسوس نٿو ڪري. پڪ سان، ڪنهن کي اجازت نہ ٿي ڏيئي سگهجي تہ اهو انهن معاملن ۾ ڪنهن ٻئي لاءِ رڪاوٽ بڻجي. انهيءَ سلسلي ۾ ڳئون ذبح ڪرڻ ۽ مسجدن سامهون ڳائڻ وڄائڻ بہ اهڙا معاملا آهن، جيڪي ابتڙ نتيجن طور ڳڻائي سگهجن ٿا. پر اهي معاملا پڻ اڪسائڻ جو سبب نہ بڻجندا، جيڪڏهن انهن کي جذباتي ۽ هرويرو عام ڪرڻ جو رنگ نہ ڏنو وڃي تہ ٻيون گهڻيون ئي ريتون رسمون، مذهبي ڏڻ، عادتون ۽ رواج ۽ ٻنهين عقيدن جي مخصوص مذهبي رسمن کي ملهائڻ واريون ڳالهيون، ايتريون تہ بي ضرر ۽ اعتراض کان آجيون ۽ ساديون آهن جو سيئي ماڻهو، عقيدي جي فرق کان سواءِ، گڏجي هڪجهڙي جوش ۽ جذبي سان ملهائين ٿا. يا گهٽ ۾ گهٽ اڻ ڏريا رهن ٿا.

تنهنڪري اهو ڏسي سگهجي ٿو تہ مذهب پنهنجن عقيدتمند فردن ۽ گروهن جي زندگيءَ جي شخصي ۽ نجي پهلوءَ تي ان طريقي اثرانداز ٿئي ٿو جو اهي ڪنهن ٻئي مذهب يا عقيدي جي مڃيندڙ فردن ۽ گروهن سان



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٽڪراءُ يا جهيڙي ۾ نه اچن. بلڪ مذهب جو اصل روح ئي ماڻهن منجهه محبت وڌائڻ ۽ انساني ڀائيچاري کي قائم ڪرڻ آهي. اسلام جو رهنما اصول, "دين جي معاملن ۾ ڪابه زبردستي نه هئڻ گهرجي" مذهب جي ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو. سيني مذهبن ماڻهن کي مذهبي عقيدي ۽ عبادت جي پوري آزاديءَ جي ضمانت ڏني آهي. ان معاملي کي نظرياتي طرح مڃيو ويو آهي ۽ عمل ۾ ان جي پوئواري ڪئي ويئي آهي. جيڪڏهن آئيني طرح ان اصول کي مڃيو وڃي ته اهو ڪنهن جي ان سلسلي ۾ سيني خدشن کي ميسارڻ ۽ مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪافي هئڻ کپي.

مذهب, جيئن ته انساني زندگيءَ جي سماجي ۽ گڏيل پهلو تي اثرانداز ٿئي ٿو تنهنڪري ان کي ته مختلف عقيدن جي سيني پوئلڳن وچ ۾ ڪو هم آهنگي پيدا ڪندڙ عنصر هئڻ کپي. مذهب جون ڳالهيون ۽ اصول ۽ دائمي قدرَ جيڪي زندگيءَ جي سماجي ۽ گڏيل پهلوءَ سان لاڳاپيل آهن, اهي انساني سوچ جي ارتقائي اتهاس جي اڻ ڳڻين صدين کان پوءِ, اڄ اهڙي ڪائناتي واهپي تائين پهتا آهن, جو اهي نظرياتي طور سڀ انهن کي مڃين ٿا ۽ انهن جي وڪالت ڪن ٿا. انهيءَ سلسلي ۾, جيڪڏهن اسلام کي مذهبي خيال جي سڌريل شڪل سمجهجي, جيڪو ارتقائي مرحلا طئه ڪري پنهنجي هاڻوڪي اسريل هيئت کي رسيو آهي, ته پوءِ سڄي دنيا اسلام کي مڃيندي ۽ ان جي ڪُلي حمايت ڪندي.

ايئن چوڻ ته اڄ, تيرهن صدين گذرڻ کان پوءِ به, دنيا اڳيان پيش ڪيل اسلام جا آزادانا خيال ۽ ترقي پسند ويچار ڌارائون ڪابه عالمگير مڃتا ۽ ناماچاري ماڻي نه سگهيون آهن, اهو ان کي گهٽ ماڻ ڏيڻ برابر هوندو ۽ پاڻ اسلام جي محرڪن کان انڪار هوندو.

فرينچ انقلاب, جيڪو هڪ طرح اسلام جو ئي پڙاڏو هو تنهن سموري يورپ ۾ ويهن سالن جي سخت مزاحمت کان پوءِ به رڳو ايندڙ ٽن ڏهاڪن ۾ دنيا ۾, جتي ڪٿي, پنهنجا مڃيندڙ ۽ پوئلڳ پيدا ڪري ورتا. روس جو سماجوادي انقلاب, پنهنجي جوهر ۾, فرينچ انقلاب جو پڙاڏو هو. اهو به چئجي ته اسلام جي پڙاڏي جو پڙاڏو هو. ان پاڻ تي مڙهيل نام نهاد اوٽاين کان پوءِ به, دنيا جي عام ماڻهن ۾ مڃتا ۽ مشهوري ماڻي, جو ان خيال کي پکيڙيندڙ اڪيلي منظم پليٽ فارم "ڪميونسٽ انٽرنيشنل" کي, ان جي ٺهڻ جي ٻن ڏهاڪن اندر ختم ڪيو ويو. ڇاڪاڻ ته اهو امن پرين خيالن کي پکيڙي رهيو هو ۽ جتي ڪٿي, قومن جي رضاڪاراڻي قبوليت ماڻي رهيو هو.

سماجوادي نظريي جي اصولن جي پرچار لاءِ اهڙي ڪنهن اداري جي وڌيڪ گهرج نه محسوس ڪئي ويئي ۽ ان کي بند ڪيو ويو. جيڪي ماڻهو عام حالتن ۾ انهن [ڀائيچاري ۽ برابريءَ جي] اصول کي قبولڻ لاءِ تيار هئا, اهي غيرضروري نمونی انهيءَ اداري کان هراسيل هئا.

اسلامي انقلاب, مڙني آزادي پسند خيالن جو سرچشمو هو. انهيءَ بورجوازي فرينچ انقلاب ۽ ويهين صديءَ جي سماجوادي انقلاب جا بنياد وڌا. اهو پاڻ به ايترو غيرمتحرڪ نٿو ٿي سگهي, جو تيرهن سؤ ورهيه گذرڻ کان پوءِ به, سڄ ڳوليندڙ ۽ سچ سان پيار ڪندڙ انساني ذهن کان عالمگير مڃتا ۽ ماڻ ڪمائڻ ۾ ناڪام ٿئي. هن معاملي ۾ سچ اهو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آهي تہ شهريت، معاشيات ۽ سياست، انساني زندگيءَ جي گڏيل پهلوءَ سان واسطيدار شين جي سلسلي ۾ انهيءَ جيڪو سيڪاريو اڄ اهو سڄي دنيا جي هر هڪ قوم لاءِ ضروري سونهون آهن. ڇا ڪو بہ ماڻهو اسلام جي دنيا لاءِ ڏنل ڪنهن اهڙي سماجي ـ اقتصادي يوگدان ۽ سياسي نظريي ۽ عمل جي نشاندهي ڪندو جيڪو جديد دنيا ۾ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ موجود نہ هجي؟

ڪو بہ ماڻهو اهو ڄاڻائڻ چاهيندو تہ اسلام جي وضع ڪيل رياستي اصولن مان ڪو بہ هڪ اهڙو آهي، جيڪو پاڪستان جي اسلامي رياست جي قيام جو بنياد بڻجي، ۽ جيڪو ساڳيءَ ريت، هندو پنهنجي هندستاني رياست جي آئين ۾ شامل ڪرڻ کان ڪيٻائين؟ غيرمسلم، ٿي سگهي ٿو ڄاڻي ٻجهي يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري، پنهنجن سياسي ۽ سماجي اقتصادي اعتقادن جو بڻ بڻياد نہ مڃين ۽ ان جا ٿورائتا نہ ٿين، پر هاڻوڪي دور جو لاڳو سچ، جنهن تي مسلمانن جي سنجيده حلقي کي فخر محسوس ڪرڻ کپي، هيءَ آهي تہ اسلام انهيءَ نقطي نظر کان، دنيا ۾ مڃيو ۽ ساراهيو ويو آهي، ٻئي پاسي، اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ اسلام جا سرڪاري دعويدار زندگيءَ ڏانهن پنهنجي رويي سبب پاڻ گهٽ اسلامي هجن. جڏهن رياست جي حقيقي اڏاوت جو معاملو ايندو تہ مسلمانن جي اسلامي رياست، هندن جي هندو رياست کان گهٽ اسلامي هوندي، انهيءَ امڪان کي هن حقيقت وسيلي پرکي سگهجي ٿو تہ جاگيرداري، جيڪا شايد پوري نموني غيراسلامي ۽ غيرانساني نہ هجي، اها هندو ڪانگريس ختم ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي، جڏهن تہ مسلم ليگ جا مسلمان جاگيردار ۽ نواب انهيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيا آهن.

جاگيرداريءَ کي ختم ڪرڻ واري ڳالهہ مسلمانن ۾ موجود حساس ۽ پنهنجي طور تي مطمئن روحن لاءِ، شايد اهڙو صدمو هجي، جيڪو اهي سهي نہ سگهن ۽ هڪدم ڪاوڙ وچان ڀڙڪي اٿن.سندن سمجهہ پٽاندر انهن جي ڪاوڙ پنهنجي جاءِ تي، پر ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ اسلام نہ رڳو جاگيرداريءَ جي اجازت نٿو ڏئي، پر ان کان روڪي بہ ٿو. مسلمان اڳواڻ، جيڪي اسلامي رياست جو وچن ڪري رهيا آهن، اهي هڪ غيراسلامي مهم جوئي يعني جاگيرداري نظام کي ٻنهي پاسين، هتي سنڌ ۾ ۽ باقي سموري هندستان ۾ بچائڻ لاءِ پورو وس هلائي رهيا آهن. ايتريقدر جو ان معاملي ۾ پنهنجن غيرمسلم ساٿارين کان سهڪار بہ گهري رهيا آهن.

ان قسم جا ٻيا بہ ڪيترائي مثال ڏيئي سگهجن ٿا. اسلام شهريت ۽ سياست جا بہ بيحد انقلابي اصول پيش ڪري ٿو. پهريون: ڪنهن شهريءَ جي گهر جي چوديواري ان لاءِ امن ۽ تحفظ جو قلعو آهي، جتي ان کي ڪنهن بہ ڪتڪي کان سواءِ سڪون سان رهڻ کپي.ٻيو: هر هڪ سرڪاري ملازم عوام جو آقا نہ، پر ان جو خادم هوندو آهي. اسلام جي انهن بنيادي اصولن کي، اڄڪلهہ عالمگير مڃتا ملي چڪي آهن، ۽ اهڙا ٻيا بہ اصول آهن، جيڪي دنيا جي هر ڪنهن آئين ۾ خاص طرح شامل ڪيا ويا آهن. انهن اصولن کان ڪجهہ وقت اڳ، هتي سنڌ ۾، اسلامي رياست جي سرواڻن ڌڪار ڀريي انداز ۾ انڪار ڪيو هو ۽ انهن کي اڇلي پري ڦٽو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪيو هو. ان کان سواءِ سنڌ جي امن پسند شهرين کي پنهنجن گهرن مان انهيءَ غيرواسطيدار بهاني سان تڙيو پيو وڃي ته ٻاهران ايندڙ سرڪاري ملازمن جي رهڻ لاءِ مفت ۾ ڪوبه جوڳو بندوبست نه ٿو ٿي سگهي ۽ نيون عمارتون، اڏاوتي سامان جي کوٽ سبب نٿيون نهرائي سگهجن. جڏهن ته هيءَ حقيقت آهي ته اهڙي قانونسازي ڪرڻ وقت اڌ درجن سٺيمائن جو اڏاوتي ڪم هلندڙ هو. وڏي صدمي جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته ايوان ۾ موجود ڪنهن به مسلمان، جن ۾ ڪي مذهبي مهندار به هئا، رڳو ڏيکاءَ خاطر ئي سهي، انهيءَ بلڪل غيراسلامي قانونسازيءَ تي اعتراض نه واريو.

تنهنڪري، چڱي نموني ڏسي سگهجي ٿو ته رڳو اڪيلن غيرمسلمن کي، سوچ ۽ عمل ۾ اسلام مخالف چئي نندڻ نه کپي، پر مسلمان پاڻ به ساڳي خطا جا خطاوار ٿي سگهن ٿا.

اهڙيءَ صورتحال مان، اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته زندگيءَ جي سماجي ۽ گڏيل پهلوءَ سان لاڳاپيل اسلام جا سڀ آزادانا خيال، نظرياتي طرح، هر ڪو مجي به ٿو ۽ انهن جي تائيد به ڪري ٿو پر عمل ۾، اهي نظرانداز ڪيا وڃن ٿا ۽ انهن کان انڪار به ڪيو وڃي ٿو ۽ ائين ڪرڻ وارو سڀني مذهبن ۽ برادرين ۾ موجود مٿيون استحصالي ۽ مراعت يافتا طبقو آهي. انڪري انهن اسلام جي ترقي پسند اصولن کي عملي طرح قائم ڪرڻ، سڄي دنيا جي رنگ ۽ نسل جي ور چڙهيل، بڪايل، سختين کي سهندڙ ۽ مراعتن کان آجي عوام جي شديد گهرج آهي.

هتي سنڌ ۾ اسان مسلمانن جي ذهن ۾ عجيب خيال ويٺل آهي ته هندو واپاري به آهن، وياج خور به يا سرڪاري ملازم ۽ عملدار به آهن، انڪري اهي اسان جا حاڪم ۽ استحصال ڪندڙ آهن.

اهي مسڪين ماڻهن جي محنت جي ڪمائي ڦٻائي ٿا وٺن. اهي هر شيءِ ۾ هيراڦيري ڪن ٿا. انڪري اهي هر طرح فائدي ۾ آهن. اهي اهو سڀ ڪجهه انڪري ڪن ٿا، جو اهي هندو آهن.

پهرين ڳالهه هيءَ آهي ته جيستائين لکن پورهيتن جي ڦرلٽ ۽ سندن محنت جي ڪمائي ڦٻائڻ جو سوال آهي ته ان ۾ اسان جا پنهنجا مسلمان وياج خور ۽ واپاري به شامل آهن، پوءِ ڀلي ٿورڙا ڇو نه هجن. اهي به هندن جيترا ئي پڙ به آهن، ته بي ترس به.

ٻي ڳالهه هيءَ آهي ته اهو اتهاس جو هڪ اتفاق آهي ته ٻنهين برادرين ۾ پيشيوراڻو فرق، ڇٽي نموني، اڀريو آهي. پر ظاهري طرح ان اڪسائيندڙ فرق جي پرک لاءِ ٿرپارڪر جو هڪڙو چڪر لڳائي اچو. اتي مسلمان ڪڙمي ۽ هندو ڪڙمي، جيڪي تعداد ۾ پڻ هڪجيترا ٿيندا، پنهنجو ڏجهارو ۽ ڏکي جيون، پورهيي ۾ ڳهندي ڳهندي گذارين ٿا. اهي ويچارا پوريءَ طرح رت پياڪ ۽ بدنيت زميندارن، هندو توڙي مسلمانن، جي رحم ڪرم تي آهن. ياد رکجي ته ڦرلٽ ڪندڙ هڪ برادريءَ وانگي هوندا آهن. ان ۾ هندو به شامل ٿي سگهن ٿا ۽ مسلمان به. انهيءَ برادريءَ ۾ پڪي پختي ٻڌي هوندي آهي ته جيئن اسلام جي آزادي بخشيندڙ خيالن کي عمل ۾ اچڻ کان روڪجي ۽ انهن کي بگاڙي پيش ڪجي.

مظلومن ۽ محڪومن جي برادري، پوءِ ان ۾ شامل ماڻهن جا نالا هندو يا مسلمان هجن، عملي طرح، اها اسلام



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جي سماجي-اقتصادي ۽ سياسي اصولن جي نئين سر تعارف لاءِ واجهائي پئي، اهي اصول ئي، هنن لاءِ اهڙي اميد ۽ خوشي موجود ڪري سگهن ٿا، جنهن جي کين گهرج آهي.

هن جائزي جي روشنيءَ ۾، ڪنهن مسلمان يا ڪنهن صاف ۽ انصاف پسند ماڻهوءَ جي اها ذميواري آهي ته اهو اڄ ماڻهوءَ کان ماڻهوءَ وچ ۾ نفرت کي اپرڻ نه ڏئي ۽ انهن ۾ ويڇن جا ٻج نه ڇٽي. ان جي بدران، انهن ۾ اهڙي مضبوط ۽ جٽادار ٻڌي پيدا ڪجي، جهڙي اڄ، جتي ڪٿي، ملڪ جي مٿئين طبقي ۾ آهي، جيڪو غريبن جو رت پيئندڙ آهي ۽ انهن کي شاطرپائيءَ سان ورهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

انڪري، حقيقي نيڪيءَ جي آزادي پسند اصولن، اعليٰ قدرن، ترقي پسند خيالن، مجموعي طرح، ماڻهپي جي جٽادار مفادن، ۽ سيني بنيادي ڳالهين کي، عملي طرح، ٻيهر قائم ڪرڻ جي، ڪنهن به رک رکاءَ کان سواءِ، گُهر ڪجي، انهن جو همت سان ۽ بي ڊپائيءَ سان کليو اعلان ڪجي.

حڪومت کي حڪومتي وهنوار هلائڻو هوندو آهي. اهڙا ڪهڙا بنيادي اصول هئڻ کپن، جن جي بنياد تي ان کي حڪومتي وهنوار هلائڻو هوندو آهي؟ سندس وس ۾ ڪيترو اختيار ڏجي، جو اها اثرائتي نموني حڪومتي وهنوار هلائي سهي؟ ان کي ڪهڙيون سهولتون ڏنيون وڃن ۽ ڪهڙيءَ ريت، انهن مان ڪن کي عمل ۾ آڻجي ته جيئن اختيار جي ناجائز استعمال کي روڪي سگهجي؟ ڪهڙيءَ ريت، ڪٿان ۽ ڪهڙا ماڻهو ان ۾ ڀرتي ڪيا وڃن؟ ۽ سيني کان اهم هيءَ آهي ته انهن سمورن معاملن جو، سليقي سان، اڪلاءُ ڪنهن کي ۽ ڪيئن ڪرڻ کپي؟ اهي اهڙا سوال آهن، جن کي وضاحت سان اٿارڻ کپي، رک رکاءَ کان سواءِ بحث هيٺ آڻڻ کپي، ڏاهپ واري انداز ۾ حل ڪرڻ کپي، ان کان اڳي جو عوام پنهنجي لاءِ سٺي ۽ پائدار حڪومت نه هجڻ جي شڪايت ڪرڻ شروع ڪري.

تنهنڪري هتي ٻيجا نه ٿيندو ته رياست جي قيام لاءِ بنيادي اسلامي اصولن کي بيان ڪيو وڃي ۽ سنڌ ۾، اسان جي قوم ۾ موجود ٽڪراءَ ۾ آيل عنصرن جي اکين کولڻ جو ڪم ڪيو وڃي. اها ڳالهه انهن تي ڇڏجي ته جيئن اهي پنهنجو پاڻ ڏسن ۽ محسوس ڪن ته انهن ۾ اڳ ۾ ڪيتري نه وڏيءَ حد تائين اتفاق موجود آهي ۽ انهن ماڻهن کي به زندهه دليءَ سان موقعو ڏجي، جيڪي انهن اصولن کي رد ڪن ٿا.

اصول هي آهن:

1. اقتدار اعليٰ جيڪو الله سائينءَ جو پيدا ڪيل آهي. اهو پوريءَ طرح ماڻهن سان واسطو رکي ٿو. اهو سڌيءَ ريت رياست جي انتظاميا ۽ قانونساز اداري وسيلي استعمال ۾ آندو ويندو.
2. سيني جي عام ڀلائيءَ خاطر سماج جي آئيني ڍانچي ۾ ردبدل ڪرڻ ۽ ان ۾ ترميم ڪرڻ جو نه کسجڻ جوڳو حق، عوام کي حاصل هوندو.
3. مطلق العناني ۽ ڏاڍ خلاف بغاوت جو حق مقدس آهي.
4. سماج جي سياسي تنظيم يا اداري هئڻ جي ناتي، رياست سمورن معاملن ۾، سموري قوم لاءِ،



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ساڳي يا هڪجهڙي هوندي.

انهن اصولن کي ڳوٺن، ننڍين وڏن شهرن، تعلقن ۽ ضلعن ۾ عوامي ڪاميٽين جي قيام جي ڄار وڇائڻ ذريعي ضمانت پريو اظهار ڏنو ويندو. اهي عوامي ڪاميٽيون، باعمل ۽ لچڪدار ڍانچي جي انداز ۾ جوڙيون وينديون، جن کي لاڳاپيل علائقن جا سيئي بالغ ماڻهو- مرد توڙي عورتون- هر سال، هڪ سال لاءِ چونڊيندا رهندا. هر هڪ ڪاميٽيءَ ۾ ميمبرن جو تعداد ڪنهن لاڳاپيل علائقي جي 50 ووٽرن تي هڪ ميمبر جي نسبت سان هوندو. انهن ڪاميٽين کي هيٺيان منصبي فرض نڀائڻا پوندا:

(i) شهرين کي انفرادي توڙي اجتماعي طرح، پنهنجن اقتدار اعليٰ وارن حقن کي استعمال ڪرڻ لائق بڻائڻ ۽ انهن حقن جي استعمال ۾ مدد ڪرڻ ۽

(ii) جمهوري اختيار کي اثرائتو بڻائڻ

اهو سڀ اهي هيٺين سرگرمين وسيلي ڪنديون:

(الف) عوامي قانون ساز مجلس جي چونڊن ۾ حصو وٺندڙ اميدوار نامزد ڪرڻ

(ب) رياست جي عوامي ڪائونسل جي مقرريءَ جي توثيق ڪرڻ

(ٻ) قانونساز اداري ۾ پنهنجن چونڊيل نمائندن جي رهنمائيءَ لاءِ عوامي امنگن کي مستقل اظهار ڏيڻ.

(ڀ) قانونساز اداري توڙي ڪائونسل پاران تجويز ڪيل قانون سازيءَ تي بحث مباحثا ڪرائڻ ۽ پنهنجي نقطي نظر جو اظهار ڪرڻ

(ت) جيڪڏهن ڪو عوامي نمائندو پنهنجي تڪ جي ماڻهن جي ڏنل مئنڊيٽ پٽاندر سندن نمائندگيءَ جو حق ادا ڪرڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو ته ان صورت ۾ ان نمائندي جي اسيمبليءَ جي رڪنيت رد ڪرڻ لاءِ سفارش ڪرڻ

(ٿ) رياست جي سربراهه يعني صدر کي عهدي تان لاهڻ لاءِ سفارش ڪرڻ

(ٽ) اسيمبليءَ کان قانون سازيءَ جو آغاز ڪرائڻ

(ٺ) حڪومت جي ڪنهن به قانونسازيءَ يا انتظامي قدم لاءِ ريفرنڊم جي گهُر ڪرڻ

(ث) ۽ جيڪڏهن ڪنهن به سرڪاري عملدار سرڪاري عهدي کي عوام جي دشمن طور استعمال ڪيو آهي ته ان جي بدليءَ، معطليءَ، يا ملازمت مان نيڪاليءَ لاءِ گهُر ڪرڻ

اهي عوامي ڪاميٽيون، جيڪي مجموعي طور ماڻهن جي منظم، خودمختيار جمهوري اختيار جو آئينو هونديون، ۽ انهيءَ جون حقيقي محافظ هونديون، سي، عوامي رياست جي هيٺين ٽن قانونساز ۽ انتظامي حصن جي مقرريءَ ذريعي پنهنجي اختيار کي عملي صورت ڏينديون:



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

(i) عوامي قانونساز مجلس هر ڇئن سالن کان پوءِ چونڊي ويندي، جنهن جو هر هڪ نمائندو پنهنجي تڪ جي ڏهه هزار بالغ ووٽرن، مردن توڙي عورتن، جو چونڊيل هوندو.

(ii) رياست جي عوامي ڪائونسل [جنهن جو مدو پنج سال هوندو] هر شعبي، جهڙوڪ تعليم، ميڊيڪل سائنس، زراعت، صنعت، قانون، انجنيئرنگ، دينيات، معاشيات، تاريخ، شهريت، سياسيات، فلسفي ۽ آرٽس مان هر هڪ شعبي جي ٻن ماهرن تي ٻڌل هوندي، جن جي چونڊ سندن لاڳاپيل پيشيوراڻو گروهه يا منظم تنظيمون ڪنديون، انهن کان سواءِ چار ميمبر يا انهن کان وڌيڪ، عوامي قانونساز مجلس نامزد ڪندي.

(iii) سموري بالغ آبادي مردن توڙي عورتن وسيلي عوامي رياست جي صدر چونڊ، سڌيءَ ريت، قانونساز مجلس ۽ عوامي ڪائونسل پاران گڏيل نموني تجويز ڪيل ٽن گهٽ ۾ گهٽ 30 ورهين جي ڄمار وارن اميدوارن جي پئنل وسيلي ڪندي.

5. زمين جي مٿاڇري توڙي زمين اندر موجود قدرتي وسيلا ۽ پاڻي ڪنهن قوم جي گڏيل ملڪيت هوندا آهن، بلڪل ايئن جيئن اُس ۽ هوا.

معيشت جو هيءُ بنيادي اصول، اسلام پهريون پيرو انڪار ڪان آجي هن دليل سان پيش ڪيو هو ته زندگيءَ جا اهي سمورا وسيلا، صحت ۽ هر قسم جي دولت، جيڪي قدرت پاران ڪنهن به انساني پورهيي کان سواءِ ڪنهن قوم کي مليل هوندي آهي، اها مفت آهي ۽ هٿڻ ڪپي ۽ اهي شيون سڀني جي مزي لاءِ آهن ۽ هٿڻ ڪپن. شرط رڳو اهو لاڳو هوندو آهي ته اهڙي ڦل ماڻڻ جي دعوا ڪندڙ يا ان تي حق جتائيندڙ فرد کي عملي طرح پورهيي جو خرچ ڪرڻو پوندو آهي. اقتصاديات جي سائنس جو اهو اصول، عملي طور هينئين قدمن کڻڻ ذريعي يقيني ساک يا مڃتا ماڻي سگهندو.

پهريون: زمين اُنهيءَ جي هوندي، جيڪو ان کي کيڙيندو، ڪابه روڪ ٽوڪ يا بندش ڪيس ان حق کان محروم ڪري نه سگهندي، البت، ڪيس قانون پاران مقرر ٿيل هڪجهڙي ڍل ڀرڻي پوندي.

ٻيون: حڪومت سهڪاري زراعت (Co-operative Agriculture) کي، جديد زرعي مشينري ۽ وياج کان سواءِ سولن قرضن جي فراهميءَ وسيلي، وڏي پيماني تي هٿي وٺرائيندي.

ٽيون: حڪومت پيداوار جي جديد مشيني وسيلن کي متعارف ڪرائڻ ذريعي پورهيي جي پيداوار وڌائڻ لاءِ اپاءَ وٺندي.

چوٿون: جن ماڻهن وٽ هڪ هزار ايڪڙن تائين يا ان کان مٿي زمين اڳيئي موجود آهي، تن کي وڌيڪ زمين حاصل ڪرڻ کان روڪيو ويندو.

پنجون: جيڪڏهن ڪنهن وٽ پنج هزار ايڪڙن کان وڌيڪ زمين آهي ته حڪومت اها ڪانئس مناسب شرطن تي واپس وٺندي ۽ ان کي پنهنجي استعمال ۾ آڻيندي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جيڪڏهن ڪنهن ڪاتيدار وٽ هڪ هزار ايڪڙ زمين آهي ته ان جو هڪ ڀاڱي چار حصو ۽ جيڪڏهن وٽس هڪ هزار ايڪڙن کان پنج هزار ايڪڙن تائين زمين آهي ته ان جو هڪ ڀاڱي ٽي حصو ڪاتيدار جي لاڏاڻي مهل سرڪار پنهنجي قبضي ۾ وٺندي، پر هر پيڙهيءَ اهو سلسلو ايئن جاري رهندو، جيستائين اهو ڪاتو عالمي سطح تي مقرر ڪيل وڏ ۾ وڏ زمين رکڻ جي حد کي پهچي.

6. بنيادي صنعتڪاري ۽ وڻج واپار جي ترقيءَ ۾ قرض جو نظام هلائڻ رياست جو فرض ۽ ذميداري آهي.

جديد معيشت جي بيحد ڪارائتي اصول جي وڪالت، دل ۽ جان سان، سيني مذهبن ڪئي آهي ڇو ته اهو اصول ٿورن ماڻهن جي هٿن ۾ دولت جي گڏ ٿيڻ کان روڪي ٿو. دولت جي ٿورن هٿن ۾ گڏ ٿيڻ سبب هر ماڻهو غربت ۽ هر طرح پستيءَ جي ڏُٻڻ ۾ ڦاسي ٿو.

جديد معيشت کي هيٺين طريقن سان يقيني بڻايو ويندو:

پهريون: سيئي موجود صنعتون رياست جي قبضي ۾ ورتيون وينديون.

ٻيون: سيئي نيون صنعتون رياست جي مالڪيءَ هيٺ شروع ڪيون وينديون.

ٽيون: اهڙين صنعتن جي سموري پيداوار نفعي ڪمائڻ لاءِ نه، پر ماڻهن جي ضرورتن جي پورائي لاءِ حاصل ڪئي ويندي.

چوٿون: سمورو وڻج واپار، اپائيندڙن يعني صنعتڪارن جي هڪ نيٽ ورڪ ۽ پڻ صارف سهڪاري خريد فروخت سوسائٽي (Consumrs Co-operative Purchase and Sale Society) وسيلي، حڪومتي ڪنٽرول ۽ نگرانيءَ هيٺ هلايو ويندو.

پنجون: قرض ڏيڻ جو سمورو نظام حڪومت ذريعي يا ”عوامي سهڪاري قرض منڊلين“ (Peoples’ Credit Societies Cooperative) جي نيٽ ورڪ ذريعي هلايو ويندو. ان وسيلي وياج کان آجا قرض ڏنا ويندا، رڳو نالي ماتر جائز خرچن جي پورائي لاءِ وصول ڪيو ويندو.

7. ملازمت يا سرڪاري مدد هر شهريءَ جو حق آهي.

8. ڌن دولت (Wealth)، قدرتي وسيلن مان لاڀ ۽ فرصت مان لطف، رڳو پورهيي ڪرڻ ۽ خدمت ڏيڻ مان ملندو آهي ۽ انهن وسيلي ئي ڪمائبو آهي.

سماجي اقتصاديات جي هنن عظيم اصولن جو مقصد ماڻهوءَ کي سماج ۾ لڳاتار وڌڻ ويجهڻ، پنهنجي سماجي، اخلاقي ۽ روحاني رتبي جي واڌ ويجهه ۽ ترقيءَ جوڳو بنائڻ آهي.

سماجي اقتصاديات جو اهڙو ڍانچو يقيني بڻايو ويندو ۽ قومي رياست جي سيني شهرين جي رسائيءَ ۾ هوندو، هيٺين طريقين وسيلي:

پهريون: قدرت اسان جي سرزمين کي جن بنيادي قدرتي وسيلن سان مالامال ڪيو آهي. تن سيني جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هوريان هوريان ۽ منظم ترقي ۽ انهن جو انصاف ڀريو تحفظ
ٻيو: ماڻهن لاءِ روزگار جي دائري ۽ تهه ۾ وسعت آڻڻ ۽ ان مقصد لاءِ زراعت، صنعتڪاريءَ ۽ ريل ٽوٽي روڊن رستن جي تعمير ڪي جديد بڻائڻ، بجلي، رهائشي منصوبا ۽ تعليم ۽ صحت جي ترقي ۽ اهڙيون ٻيون سماجي خدمتون فراهم ڪرڻ.
ٽيون: هر عوامي ڪاميٽيءَ جي دائره اختيار اندر هر علائقي ۾ هڪ ثقافتي مرڪز قائم ڪرڻ، جنهن ۾ ريڊيو سيٽ، گهڙيال، ننڍي لئبرري، ميدانن توڙي حاطي اندر ٽيندڙ راندين جو سامان ۽ جسماني ڪسرت جو سامان وغيره فراهم ڪري ڏيڻ
چوٿون: سماجي خدمتگار جٿا جوڙڻ. هر تعلقي ۾، گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙو جٿو تيار ڪيو ويندو، جيڪو عوامي ڪاميٽين جي سهڪار سان، ماڻهن جي مدد ۽ رهنمائي ڪرڻ، ڪين هدايتون ڏيڻ ۽ تفريح مهيا ڪرڻ لاءِ، هر وقت تحرڪ ۾ رهندو.
پنجون: شعبا جهڙوڪ: پاٽي، صنعتون، ٽرانسپورٽ، دفتر ۽ اسڪول، جتي ٻه هجن، انهن ۾ پورهيي ڪندڙن لاءِ هڪجهڙي يقيني زندگيءَ جي معيار ڪي مقرر ڪرڻ واسطي قانون لاڳو ڪرڻ.
ڇهون: اهڙو قانون لاڳو ڪرڻ جنهن هيٺ ڪوبه ماڻهو هڪ ڏينهن ۾ اٺن ڪلاڪن ۽ هفتي ۾ ڇهن ڏينهن کان مٿي پورهيو نه ڪندو ۽ هر هڪ مرد پورهيت ڪي هر سال، هڪ مهيني لاءِ پگهار سميت موڪل جو حق حاصل هوندو ۽ هر هڪ عورت مزدور کي، اضافي طور، ٽن مهينن لاءِ پگهار سميت ويم جي موڪل جو حق حاصل هوندو.
ستون: پوڙهن، بيمارن ۽ معذورن جي سماجي تحفظ جو گهربل بندوبست ڪيو ويندو.
9. ارڙهن سالن جي ڄمار تائين سمورن ٻارن لاءِ تعليم مفت ۽ لازمي هوندي.
اهڙي قانون جو فائدو فوري طور تي ۽ سيئي ماڻهو تڏهن حاصل ڪري سگهندا، جڏهن پرائمري اسڪولن ۽ هاءِ اسڪولن جو هڪ وسيع ڄار ڦهلايو ويندو. هڪ سؤ گهرن تي هڪ پرائمري اسڪول ۽ پنج سؤ گهرن تي هڪ هاءِ اسڪول قائم ڪيو ويندو.
سڪڻ جي عمل کي عام ڪرڻ لاءِ قائم ٿيندڙ انهن مرڪزن يا تعليمي ادارن جي سرگرمين ۽ پڻ ثقافتي مرڪزن، سماجي خدمتگذار جٿن ۽ عوامي ڪاميٽين جي سرگرمين جي نتيجي ۾ اسان جي قوم کي لڳ ڀڳ ڏهن سالن جي عرصي ۾، نه رڳو هڪ پڙهيل لکيل پر انهيءَ سان گڏ، ان کي چڱيءَ ريت سجاڻ ۽ اعليٰ تعليم يافتا قوم پڻ بڻائيندا سين.
10. عوامي صحت ۽ صفائي سُٿرائي، رياست جو فرض ۽ ذميواري آهي.
رياست پنهنجي اها ذميواري، هيٺئين جس جوڳي نموني نڀائيندي:


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پهريون: هر ٻن ايڪائي هزار ماڻهن جي آباديءَ کي هڪ دواخانو مهيا ڪرڻ، جنهن ۾ هڪ ويم گهر ۽ ٻارن جي ڀهبوديءَ جو مرڪز به شامل هجي.

ٻيو: جهجهي انگ ۾ وڏيون اسپتالون قائم ڪرڻ، جن ۾ [ڊاڪٽرن، عملي، دوائن ۽ ٻين طبي سهولتن سان گڏ] مناسب تعداد ۾ بسترن جو بندوبست به موجود هجي.

ٽيون: ٽي. بيءَ ۽ ٻين اهڙين وچڙندڙ بيمارين جي مريضن لاءِ بحالي مرڪز قائم ڪرڻ.

چوٿون: گهٽ ۾ گهٽ ڇهن ڪان اٺ صحت افزا ماڳ، مناسب فضا رکندڙ جڳهن، جهڙوڪ ڏنين، درياهه ڪنارن، سمنڊ ڪنارن ۽ جبلن تي قائم ڪرڻ، اهڙا ماڳ اسان جي وطن ۾ جهجها آهن.

پنجون: سموري طبي ڌنڌي (Medical profession) کي قوميائڻ ته جيئن ڊاڪٽر حڪيم، طبيب وغيره ماڻهن جي غربت، بدحاليءَ ۽ اڻوجهائيءَ جو ناجائز فائدو وٺندي دولت مڙيندڙ نه ٿين، [جيئن هن وقت صورتحال آهي.] پر، اهي اميد جي فرشتن طور خدمت ڏين.

11. عوامي رياستي عملدار عوام جا آقا نه، پر خادم آهن.

انهيءَ اصول جي نفي جي ڪاموراشاهيءَ ۾ ظالماڻو اختيار رکندڙ، رشوت جو ڌنڌو هلائيندڙ ۽ رياڪار ماڻهو پيدا ڪندي آهي، ان کي هيٺين قدمن وسيلي روڪيو ويندو:

پهريون: علائقي جي عوامي ڪاميٽيءَ جي سفارش يا مطالبي تي سرڪار ملازمن ۽ عملدارن کي بدلي، معطلي، يا ڪين گهر پيڙو ڪرڻ.

ٻيون: اهڙو قانون لاڳو ڪرڻ، جنهن تحت هر هڪ سرڪاري ملازم لاءِ اهو لازمي قرار ڏنو ويندو ته اهو سرڪاري ملازمت ۾ داخل ٿيڻ مهل ۽ ان کان پوءِ هر سال، پنهنجي ۽ پنهنجن ويجهن عزيزن جي مُتحرڪ ۽ غير مُتحرڪ جائداد جا پورا ۽ پيرائتا تفصيل ظاهر ڪري.

12. عوامي رياست جا سمورا شهري قانون جي نظر ۾ برابر آهن، ۽ سڀ شهري پوري ۽ ترت انصاف جي حاصل ڪرڻ جو حق رکن ٿا، جيڪو ڪين قانوني طريقي سان جوڙيل عدالتون فراهم ڪنديون.

اهو معاملو عوام لاءِ هيٺين قدمن ذريعي يقيني بڻايو ويندو:

پهريون: ماڻهن کي مفت انصاف فراهم ڪرڻ.

ٻيون: انتظامي ۽ عدالتي معاملن کي ڪنهن اڪيلي عهدي يا انتظام ۾ ضم نه ڪرڻ.

ٽيون: انصاف جي ڪارروائي عوام جي مادري ٻوليءَ ۾ هلائڻ کي بلڪل ضروري ۽ لازمي بنائڻ ۽.

چوٿون: قانون سان لاڳاپيل سمورو پيشو قوميائڻ، ته جيئن رياست جا وڪيل ۽ ٻيا سمورا وڪيل، انصاف جي مخالف نه وڃن ۽ ان جي بدگوئي نه ڪن، جيئن اڄ ڪلهه ٿي رهيو آهي، پر اهي مطمئن ڪندڙ ۽ پوري پوري انصاف لاءِ پاڻ پتوڙين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

13. ٻاهرين اڳرائيءَ خلاف پنهنجي وطن جو بچاءُ ڪرڻ هر شهريءَ جو فرض ۽ حق آهي.
انهيءَ فرض ۽ حق جو استعمال سينِي لاءِ هيٺين قدمن کڻڻ ذريعي يقيني بڻايو ويندو:
پهريون: عوامي لشڪر تيار ڪرڻ، جنهن جا سيئي عهدا ڏرتيءَ جي سمورن اهل پُٽن ۽ ڌيئرن لاءِ کليل هوندا ۽،
ٻيون: 18 سالن يا ان کان مٿي جي ڄمار رکندڙ سمورن شهرين تي، اهو لازم هوندو ته اهي هڪ سال لاءِ دفاع جي سکيا حاصل ڪن ۽ پوءِ هر ڇئن سالن کان پوءِ هڪ مهيني جي سکيا حاصل ڪن.
14. قوم دشمنن کان سواءِ سمورن شهرين کي تحرير، تقرير ۽ پريس جي آزاديءَ جي ضمانت حاصل آهي.
15. هارين، مزدورن ۽ ملازمن کي پنهنجي تحفظ ۽ معاشي حالتن جي بهتريءَ ۽ سياسي حيثيت وغيره لاءِ انجمن سازيءَ يا تنظيم سازيءَ جي حق جي ضمانت حاصل هوندي.
16. عوامي رياست جا سمورا شهري احترام لائق آهن. ڪنهن به شهريءَ کي قانوني طور قائم ٿيل عدالت جي حڪم کان سواءِ گرفتار نه ڪيو ويندو.
17. شهرين جي چادر ۽ چارديواريءَ جو مقدس قائم رکيو ويندو، ۽ ان سان گڏوگڏ خط ۽ ڪتابت جي تقدس کي پڻ محفوظ بڻايو ويندو.
18. رياست جي سمورن شهرين کي انفرادي يا اجتماعي طور، ڪنهن عقيدي جي مڃيندڙن جي حيثيت ۾، پنهنجي عقيدي ۽ عبادت جي مڪمل آزادي حاصل هوندي.
19. سينِي شهرين، مردن توڙي عورتن لاءِ، ذات پات يا رنگ، نسل جي فرق کان سواءِ شهريت جا حق ۽ فرض ساڳيا ئي هوندا.

آزاديءَ، برابريءَ ۽ ڀائيچاري جا اهي بنيادي اصول آهن، جن جي اسلام وڪالت ڪري ٿو ۽ ٻيا سيئي مذهب پڻ انهن کي پنهنجو ڪن ٿا. ڇو ته ڪوبه مذهب ٽڪراءَ وارو مذهب ٿي نٿو سگهي- ۽ نظرياتي طور سيئي ماڻهو انهن اصولن کي مڃين ٿا، ۽ عملي طرح، انهن جي بحالي سينِي عقيدن جي ڪروڙين پورهيت عوام جي معروضي گهُرج آهي. تنهن ڪري، جي انهن اصولن کي انهيءَ مقصد سان اهڙو موقعو ڏنو وڃي ته، ان حالت ۾، اهي اسان جي ماڻهن جي زندگيءَ جي معاملن کي ڪا شڪل ڏين ته اهي ڳنڀير هندو- مسلم مسئلي کي نبيري سگهن ٿا. اهو مسئلو اڄڪلهه، ٻنهي پاسئين ملڪيتن کي ساڙڻ، ڦرلٽ، قتل عام لاءِ هٿيار بڻجي پيو آهي.
ايئن ڇيو ويندو آهي ته ماڻهوءَ جو ذاتي مفاد ۽ خواهش، سندس سڀ کان وڏي ڪمزوري آهي، پر اها ساڳي شيءِ سندس وڏي ۾ وڏي طاقت يا سگهه به بڻجي سگهي ٿي. جيڪڏهن اسان جي سماج جا مراعات يافتا طبقا، جن جي زندگي گذارڻ جو سمورو ڍنگ، فطرت ۽ ان جي قانونن لاءِ هڪ کلي للڪار بڻيل آهي، اهي پاڻ


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

محسوس ڪن. يا وري ڪنهن طريقي سان چڱيءَ ريت سمجهايا وڃن ته انهن جو حقيقي ۽ ذاتي مفاد ڇا ۾ آهي ۽ سندن ”روشن خيال ترقيءَ جو اُمنگ“ ڇا هئڻ کپي، ته پوءِ، ماڻهوءَ ماڻهوءَ وچ ۾ نفرت جو سمنڊ، جنهن ۾ وڏو چاڙهه آهي ۽ جيڪو ڪنهن قابوءَ ۾ نه پيو اچي، اهو هوند هڪدم مانو ٿي وڃي. سچ، اختلافن جو وڏيءَ حد تائين نبيرڻ آهي. ۽ جڏهن اختلاف حقيقي معنيٰ ۾ وجود ئي نه رکندا هجن، پر ڪن ٿورن ماڻهن جي ذاتي مفاد يا گهٽن ماڻهن جي اڻوجهائپ جو نتيجو هجن ته ان صورت ۾، سچ جي ساک هڪدم افق تي ماڻهن جي بصيرتن لاءِ واضح ٿيندي ۽ انهن کي پنهنجين گڏيل گهرجن، گڏيل مسئلن، ۽ گڏيل ذڪياين کان واقف ڪندي ۽ انهن کي انسان جي حيثيت ۾، ڪين باهمي حقن ۽ فرضن جي سمجهه ڏيندي. فساد ۽ ٽڪراءَ جي جاءِ ستت امن ۽ توازن والاريندا.

اسان جي سماج جو مراعت يافتا طبقو اهو غلط تاثر رکي ٿو ته هاڻوڪي سماجي-معاشي نظام ۾ ڪين هر شيءِ ماٺيل آهي، ۽ سندن هر ڪنهن شيءِ کي ڪوبه خطرو ناهي ۽ نئون بندوبست پوريءَ طرح ڪين پنهنجو نه ڪندو. اهي گٽر ۾ اڇلايا ويندا. اهڙي خيالي نقصان جي لڳ ڪانڊاريندڙ امڪان سبب، سندن پرکڻ جي حس ڏنڊلي ٿي پئي آهي. ڪين عيش عشرتون ۽ سُک، سُهنج ۽ آسائشون، مفت ۾، هٿ پير هلائڻ يا پگهر وهائڻ کان سواءِ حاصل آهن ۽ هر ڪا شيءِ سندن لاءِ ئي آهي، ۽ باقي ٻين لاءِ انهيءَ نظام ۾ ڪجهه به ناهي، سو جيڪڏهن اهو نظام ڪنهن به طرح سان هيٺ مٿي ٿيو ته نئون قائم ٿيندڙ نظام ڪين مڪمل طور تي ٽُڏي ڇڏيندو ۽ ڪين برباد ڪري ڇڏيندو. سندن اهڙي خيالي بربادي‌ءَ جي لوڻ‌ءَ لرزائيندڙ تصوراتي منظر ۾، سندن ويچارڻ يا فيصلي ڪرڻ واريءَ حس تي پريشانيءَ جا ڪڪر ڇانئجي ويا آهن. يا اها حقيقت سنڌيءَ کان پري ٿي بيٺي آهي. اهي اڳيئي ماٺيل غير فطري ۽ غيرانساني مفادن کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ اهي پراڻي نظام کي برقرار رکڻ لاءِ پوري سگهه ڪتب آڻي رهيا آهن.

پر، نيٺ به اهي سندن ڪهڙا مفاد آهن جن کي بچائڻ لاءِ اهي ننهن چوٽيءَ جو زور پيا لڳائين؟ ڇا اها ئي سندن مراعت آهي ته ماڻهوءَ کان نفرت ڪن ۽ ڌڪار وچان پڃي ڪانئڻ پاسو ڪن! ڇا سندن مراعت انهيءَ ۾ آهي ته سڀئي ماڻهو مٿن بداعتماديءَ ۽ بدگمانيءَ جو اظهار ڪن؟ ڇا ڇسن ماڻهن جي خوشامد تي پورالن ٻارن وانگي خوش ٿيڻ ئي سندن مراعت آهي! ڇا، بيڪاريءَ ۽ عيش عشرت ۾ پاڻ کي وڃائڻ سندن مراعت آهي! ڇا جن ماڻهن تي اهي ڏاڍ ڪن ٿا ۽ جن جي ڦرلٽ ڪن ٿا، اهي سدائين هيسيل ۽ ڊنل رهن، اها ئي سندن مراعت آهي! ڇا اهي اهڙيون فخر جوڳيون مراعتون آهن، جو جن کي محفوظ رکڻ هنن لاءِ ڪا وڏي مجبوري ٿي پئي آهي؟ ڇا نئين نظام هيٺ جيڪو گڏيل اعتماد، گڏيل حُب ۽ گڏيل سهڪار جي بنيادن تي قائم ٿيندو، تنهن ۾، اهي طبقا وڌيڪ بهتر، وڌيڪ شاناڻتيون وڌيڪ حق ۽ انصاف تي ٻڌل، وڌيڪ وقار ڀريون مراعتون حاصل ڪري نه سگهندا؟ ڇا اهي اجا به زندگيءَ جي انهيءَ ڪاروان کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ۾ مدد نٿا ڏيئي سگهن، جيڪو عظيم تر امن، عظيم تر تحفظ ۽ عظيم تر خوشيءَ جي حسناڪ منزل تائين وڃڻو آهي؟



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

قدرت هر وطن کي ڪن مخصوص نعمتن سان نوازيو آهي، جيڪي ان ملڪ جي قومي دولت جا خاص عنصر جوڙين ٿيون. اهڙيءَ طرح، لوهه ۽ ڪوئلي جا ذخيرا برطانيا جي قومي دولت جا خاص عنصر جوڙين ٿا. ساڳيءَ طرح، ربڙ ۽ گرم مصالحا ملئي ٻيٽن جا خاص عنصر آهن ۽ پيٽرول ايران جو خاص عنصر آهي، ۽ ان ريت ٻين ملڪن جا ٻيا اسم قومي دولت جوڙين ٿا. تنهن ڪري، ڪوبه ملڪ يا وطن پوريءَ طرح ان دولت ۾ قطعي نموني پاڻيري هئڻ جي هام هڻي نٿو سگهي، ۽ قدرت جي عاليشان نموني حسين رٿابندي ان ڳالهه مان محسوس ٿئي ٿي ته دنيا جو هر هڪ علائقو هر هنڌ زندگيءَ لاءِ ضروري شيون ڏيندو ۽ ٻيون ضروري شيون ٻين کان وٺندو. اهو مختلف ملڪن جو هڪٻئي تي پاڙڻ، قدرت جي ان رٿا جو حصو آهي، تنهن ڪري، ڪنهن به ملڪ يا قوم کي، جيڪي ڪجهه وٽس واڌو يا جهجهو آهي، تنهن تي هوڏ ڪرڻ نه کپي، يا جيڪي ڪجهه وٽس ناهي تنهن تي شرمسار ٿيڻ نه کپي.

سنڌ ان سلسلي ۾، بلڪل اهڙي ئي ساڳيي مقام تي بيٺل آهي، جيئن دنيا جو ٻيو ڪوبه ملڪ. جيتوڻيڪ قدرت اسان تي خاص طرح مهربان به نه رهي آهي، پر پوءِ به اسان وٽ سنڌو درياهه ۽ سنڌي سمنڊ جو ڪنارو آهي، اهي ٻئي اسان جي قومي دولت جا نعمتن سان مالامال ۽ پروسي جوڳا وسيلا آهن. اسان جي تيزيءَ سان وڌندڙ آباديءَ کي پنهنجي بقا لاءِ هڪدم سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن تي موجود پوک جوڳي زرخيز زمينن ۽ ٻيو اسان جي ترقي ڪيل ڪراچي بندرگاهه ۽ ان سان گڏ تيزيءَ سان اسرندڙ هوائي اڏن تي پاڙڻو آهي. سنڌو درياهه ۽ سمنڊ ٻئي انيڪ قسمن جي مڇين سان مالامال آهن، جن مان ڪن مڇين جي قسمن کي سنڌ جون خاص خاصيتون حاصل آهن. رڳو سنڌ جي پلي ۽ مانگر مڇيءَ کي جيڪڏهن سائنسي طريقي سان سنڀاليوسون ته به اسان جي قومي آمدنيءَ ۾ هر سال ڪروڙين رپين جو واڌارو ٿيندو. انکري، ڏاهي ۽ ٻاجهاري قدرت، جڏهن سنڌ جي تخليق ڪئي پئي ته جتي ان اسان کي ويران زمين يا ٽربر ڏنا، جتي سالينو سراسري مينهن ڏکيائيءَ سان [زمين جي مٿاڇري تي] اڌ فُٽ ڏنو ۽ تمام وسيع ريگستان، ڪوهستان، واريءَ جون ڀٽون ۽ بنجر يا غير آباد زمينن جا جابلو ميدان ڏنا_ جيڪي حقيقت ۾ اتان جي ڇڊي پاڊي آباديءَ جو ڪارڻ سمجهائن ٿا_ تنهن، ٻئي پاسي وري، سنڌ تي اوتري ئي ٻاجهه ڪندي، ان جي عوام جي جياپي لاءِ ڌن دولت جا اوترائي وسيع ۽ اَکُٽ وسيلا ڏنا آهن. انهن وسيلن لاءِ رڳو ڏاهپ ڀري ۽ دوررانديش رٿابنديءَ جي گهرج آهي، جيڪڏهن اها ڪئي ويئي ته اسان جي قوم وڏي امڪان ۾، دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ سکي ستابي ۽ خوشحال بڻجي پوندي.

سنڌ جي لڳ ڀڳ پنجيتاليهه لک آباديءَ منجهان، اڍائي لک کن ماڻهو سدائين هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، لڏيندا رهن ٿا. سندن ڪوبه ٺانيڪو ماڳ نه آهي ۽ پنهنجي پيٽ گذر لاءِ يا ته پاڻ جهڙن ئي ڊور ڍڳن، رڍن ٻڪرين جي ڌڻن جي پالنا تي گذارو ڪن ٿا، يا وري ٻيو ڪو حيلو بهانو ڪن ٿا. لاباري جي ڏينهن ۾، انهن مان ڪي، ڪن جاين تي، آباد ٿيل ڳُڙمين سان سندن زمينن جي فصل جي لاباري ڪرڻ ۾ هٿ ونڊائين ٿا. اهڙن موقعن تي، اهي ماڻهو ٿوري عرصي لاءِ، اتي، ٻنين ۾، ٺانيڪا ٿي ويهن ٿا. ٻيءَ صورت ۾ اُهي سڌريل زندگيءَ جي ڪنهن به سُک



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مان ڪي بہ نہ ڄاڻين. انساني زندگيءَ لاءِ گهربل ڪنهن بہ قسم جي سهنجائي، جن بابت سُڌريل ماڻهو عام طور تي واقف هوندا آهن ۽ سُک ماڻيندا آهن، سا هنن ويچارن کي قطعي ميسر نہ آهي. سندن جِيوَنُ هوبهو ايئن ئي هوندو آهي، جيئن ڪن سرڪش پر هيسيل وحشي جانورن جي ڌڻن جو جيوَنُ هوندو آهي. اسان جي سماج جا ڪي ڏوهاري قسم جا مَنُش، عام طور اهڙن ئي مصيبت جي ماريلن منجهان، ردعمل طور پيدا ٿيندا آهن ۽ وڌندا آهن.

اسان جا ٻيا، اڍائي لک ماڻهو يا تہ جيلن ۾ ڳري سڙي رهيا آهن، يا وري معمولي قسم جي چوري چڪاري ڪري، يا گداگري ڪري جِي رهيا آهن. انهن گداگرن، چورن ۽ جيلن ۾ واڙيل قيدين جون حالتون ايتريون تہ دل ڏڪائيندڙ آهن، جو جيڪڏهن انهن بابت ڪا باقاعدي جاچ ڪرائي وڃي تہ انهن بدنصيبن جي زندگيءَ جا اهڙا ئي سچ سامهون ايندا، جهڙا آفريڪا ۽ آسٽريليا جي آديواسين، اصلوڪن رهاڪن، يا اتر قطبي علائقن ۾ رهندڙ اسڪيموز جي زندگين ۽ انهن جي حالتن بابت ڪيل جاچ ۽ تحقيق جي حقيقت جي روپ ۾ سامهون آيا آهن.

باقي بچيل چاليهہ لک کن ماڻهن منجهان لڳ ڀڳ ٽيهارو لک کن ماڻهو ڳوٺن ۾ رهن ٿا، ۽ پنهنجي جياپي لاءِ سڌو سنئون زراعت تي ڀاڙين ٿا. سندن ڪکاوان گهر، جيڪي لڪڙن ۽ ڪڙب ڪانن مان ٺهيل هوندا آهن، سي اهڙا ئي سنا يا خراب آهن جهڙا پکين جا آکيرا يا جهنگلي جانورن جا ٻرگهل ۽ غارون. زندگيءَ جو واحد سُک، جيڪو کين ميسر آهي يا جنهن کان اهي واقف آهن، سو آهي اُس جي جهجهائي ۽ شُڌ ۽ نج قدرتي هوا، سندن زندگيءَ جو واحد عيش يا لُطف اهو آهي تہ اهي پنهنجن ڏکن ڏولاون، تڪليفن ۽ مصيبتن جو ازالو عورتن کي دڙڪي دهمان ڪرڻ ۽ ٻارن تي سختي ڪرڻ ۽ ساڻن ڪنورتائيءَ واري ورتاءَ رکڻ ۽ پنهنجون من پسند گاريون ڏيئي، سندن حساس کن ڪائڻ يا ننڍيءَ ڇمار ۾ ٿي، کين ممڪن حد تائين سخت کان سخت پورهيي جي پاڇاريءَ ۾ جوٽڻ جي صورت ۾ ڪن ٿا. زندگيءَ ۾ سندن واحد من پسند وِندُر آهي: جهيڙڻ جهڳڙڻ يا تڪرار پيدا ڪرڻ، يا  فتني پرور زميندارن جي چُرچ ۽ سندن سرپرستيءَ هيٺ، هڪٻئي کي هاڃي رسائڻ لاءِ سانگ سٽڻ ۽ پوءِ سدائين، پوليس جي ڊپ ۾ زندگي گذارڻ. جيڪو اڪيلو فرض اهي ڄاڻين ٿا، سو آهي: پنهنجن زميندارن، پوتارن ۽ وياج خورن لاءِ ڏاندن وانگي ڪم ڪرڻ، پنهنجن زميندار آقائن ۽ پيرن کي پيرين پوڻ ۽ کين زندهہ ديوتائن وانگر پوڄڻ ۽ پنهنجي اولاد کي بہ ايئن ئي ڪرڻ سيکارڻ.

سندن اڪيلو ڏوهہ اهو آهي تہ اهي ٻين لاءِ اَنُ اپائين ٿا، جنهن کي کائي، ٻيا مڇي مواڙ ٿين ٿا ۽ پاڻ اياڻا، ابوجهہ اڌ بکيا ۽ اڌ ننگا ئي رهن ٿا. پنهنجن آقائن اڳيان سندن حيثيت اُها ئي آهي، جهڙي سندن اڳيان ڏاندن جي هوندي آهي. انهيءَ کان سواءِ ٻيو جيڪو واڌو اعزاز اها مخلوق ماڻي ٿي، سو اهو آهي تہ اهي سڀئي مسلمان آهن. ٿرپارڪر ضلعي کان سواءِ، جتي هزارين هندو ڪڙمي پڻ بلڪل اهڙي ئي رحم جوڳيءَ حالت ۾ زندگي گذارين ٿا، جهڙي سندن ٻيا مسلمان ڀائر سموريءَ سنڌ ۾ گذارين ٿا. انسان کي خدا جي بيمثال ڪاريگري ڪوٺيو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ويو آهي، پر جڏهن ڪو انهيءَ ننڍڙڪيءَ انساني مخلوق کي ڏسندو، جيڪا روح، جسم ۽ ذهن جي انتهائي ساهه گهُٽيندڙ غلاميءَ ۾ پنهنجو جيوَنُ گذاري رهي آهي، ته رڳو اهو سوچي ئي سندس لڱ ڪانڊارجي پوندا آهن ته ”ماڻهو ماڻهوءَ جي ڪهڙي حالت ڪئي آهي! “

انهيءَ کان سواءِ هتي زميندار ۽ جاگيردار به آهن. پلي اهي ڪي ٿورا هزار ئي هجن، [جن لاءِ جيڪڏهن ايئن چئجي ته غلط نه ٿيندو ته اهي خدا جا اڻ گهڙيا ٻار آهن ـ جيڪي پنهنجن هارين جي روپ ۾ ٺاهيل غلامن جا اڌ خدا ٺهيل آهن] اُهي گهر ويٺي اڻ ميو اَنُ گڏ ڪري وٺن ٿا ۽ واندڪائيءَ ۾ انهيءَ کي زيان ڪرڻ جا جامع منصوبا جوڙيندا رهن ٿا. سندن زندگيءَ جو مقصد، پنهنجي چوڌاري زندگيءَ جي سموري تاڃي پيٽي کي بگاڙڻ آهي. انهن وٽ عام ماڻهن کي پيش ڪرڻ لاءِ رڳو داغدار ڪردار آهي. جنهن جو عام ماڻهو نَقُل ڪن ٿا. [سموري سماج ۾ ان ريت بگاڙ ۽ ڏڦيڙ پيدا ٿئي ٿو] مقرر عرصي کان پوءِ اهي پنهنجي پاڻ کي ظاهر ڪندا آهن، ۽ ماڻهن کان ووٽ وٺڻ لاءِ هٿ پير هڻندا آهن ته جيئن انهن مٿان ” جمهوري طريقي سان “ حڪمراني ڪري سگهن. اُهي، اسان جا عقل جا اڪابر صلاحڪار، اسان جا سُونهان، ۽ اڳواڻ آهن. اهي اسان جي رهنمائي هڪ اهڙي زندگيءَ ڏانهن ڪندا آهن، جيڪا سندن ڏڪار جوڳي زندگيءَ جي نموني تي اڳواٽ رٿيل هوندي آهي. سنڌ کي اهڙن سازشي ۽ بيڪار بُراين جي بوتن کان بچائڻ جي گهرج آهي. اهي امن جا بگاڙيندڙ آهن ۽ اسلام جا بدگو آهن. جن کي قرآن جي لفظن ۾ ”مفسد“ ڪوٺيو ويو آهي. اهي برائيءَ جا اهڃاڻ آهن. سنڌ ۾ جيڪي به ڏوهاري وارداتون ٿين ٿيون، تن مان 80 سيڪڙو وارداتون سندن اڻ سڌريل ذهنن جي ڪهَڙيل سڌي سنئين هُشين يا اٽسڏيءَ چرچ سبب ٿين ٿيون. سنڌ کي جيڪڏهن پاڻ بچائڻو آهي ۽ ڪاميابي ماڻڻي آهي ته ان کي شيطان جي انهن مصروف ترين ڪارخانن ۽ بيمار ذهنن کان هر صورت ۾ پنهنجي جند آجي ڪرائڻي پوندي.

باقي لڳ ڀڳ ڏهاڪو لک کن اسان جا ماڻهو روشن خيال ۽ ڏنڏن سان واڳيل آهن. اهي سوداگر، واپاري، وڻجارا، دڪاندار، وڪيل، ڊاڪٽر، ڪامورا ۽ سرڪاري آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ ملازم آهن. انهن جو جاگيرداريءَ سان ڳنجوڙ آهي، جنهن کان ٻيا سڀ ماڻهو هيسيل ۽ چرڪيل آهن. انهن جو پاڻ ۾ به ساڙ ۽ چٽا پيٽي آهي ته ڪير ٿو وڌ ۾ وڌ جائز يا ناجائز ڪمائي.

انهن لاءِ پئسي کان سواءِ ٻيو ڪوبه خدا ناهي. سندن روح، ضمير ۽ دين ڌرم پئسو آهي. ڪين ڪي ٿورا ٽڪا ڏيو اهي اوهان لاءِ سڀ ڪجهه ڪندا. انهن رڳو اهو ئي سکيو آهي ته پنهنجي پاڻ کي ۽ ٻين کي پئسي جي تارازيءَ ۾ ڪيئن تورجي، پئسو پئسو ۽ رڳو پئسو ئي سندن جذبن، سوچن ۽ زندگيءَ ۾ سندن عملن جو تعين ڪري ٿو هن دُکي دنيا ۾، بک مرندي جيڪو ماڻهو ماني ڀڳيو چورائي ٿو تنهن کي جيل ۾ واڙيو وڃي ٿو. هڪ ٻُڪايل گداگر کي يا ته اڊنبر وچان بنهه ليکي ۾ ئي نٿو آندو وڃي يا ته وري ٿورڙن ٽڪن عيوض ڪيس ذليل ۽ خوار ڪيو وڃي ٿو هڪ پيٽ ٻُکي وئشيا سان پئسن عيوض ڀوڳ ولاس ڪيو وڃي ٿو ۽ پوءِ ڪيس لت هڻي،



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پري ڪيو ويجي ٿو انهن غريبن، مسڪينن مان ڪنهن جي به نه ته عزت ڪئي ويجي ٿي ۽ نه ئي ڪين ڪو مانُ سنمانُ ڏنو ويجي ٿو پر، اُن جي ابتڙ، دڪاندار، ڊاڪٽر، وڪيل، ڪامورا ۽ ٻيا اهڙا ڏن جا پوڄاري سُکر ماڻهو جيڪي ماڻهن سان ٺڳيون، دوکو دولاب ڪن ٿا، تن کي وڏي عزت ڏني ويجي ٿي. جڻ ڪين منٿ ميڙ ڪري، ايئن چيو ويجي ٿو ته اهي اڀوجهه ماڻهن کي ٻنهين هٿن سان، جيترو ٿي سگهي، ڦُرين ۽ پنهنجي پورت ڪن، ۽ ايئن ڪرڻ لاءِ ڪين جيڪو وٽي سو پل ته پيا ڪن! اهي ماڻهو مٿين طبقن جي هر قسم جي استحصال ۽ سندن ظلم جي راڄ جا سماجي سهڪاري آهن. اهي شعوري يا لاشعوري طرح مطلق العنان جابرن جا پنيرائي ڪندڙ، ٻڌا ٻانها آهن. اهي ڏاڍ ڏمر ۽ استحصال ذريعي جيڪو مال متاع ميڙين ٿا، هي تنهن جي ڦل ۾ ننڍا ڀاڱي ڀائيوار ٿين ٿا. پر، جيڪڏهن اهي چاهين ته محافظ بڻجي، مطلق العنان ۽ بي اصول مٿين طبقن جي پنجوڙ مان عام ماڻهن کي ڇوٽڪارو ڏياري سگهن ٿا ۽ هر پاسي روشن خيالي پکيڙي سگهن ٿا، امن قائم ڪري سگهن ٿا ۽ خوشي ۽ خوشحالي آڻي سگهن ٿا. اهو هاڻي سندن مرضيءَ تي ڇڏيل آهي ته اهي ڪهڙيءَ راهه جي چونڊ ڪن ٿا. چونڊ انهن جي وس آهي، جيڪڏهن اهي صحيح چونڊ ڪن.

هِي اسان جا ماڻهو اهي آهن جن جا پنهنجي پاڙ ۾ سماجي، سياسي ۽ معاشي لڳ لاڳاپا آهن. انهن جي پنجيتاليهه لکن کان مٿي ڪُل آباديءَ منجهان ٻنهه وڏي اڪثريت، انهن ماڻهن جي آهي، جيڪي سمورو اَنُ ڏَنُ اپائين ٿا، ۽ انهن منجهان ٻنهه ٿورڙي اقليت آهي، جيڪا رڳو اهو ڏَنُ ڦٻائي ٿي. ۽ اهو سمورو ڏن اجايو زيان ڪري ٿي، انهن سان گڏ، ٻنهه ٿورڙي تعداد ۾ وچيون طبقو آهي، جنهن جو جياپو جيئن اڄ ڪلهه حالتون ڏسون پيا، يا ته پورهيتن جو رت چوسڻ تي يا پيٽ ڀاوَن، مفت خورن جي اطاعت گذاريءَ تي آهي.

سنڌ ۾ پنجيتاليهه لکن کان مٿي ماڻهو آهن، جن ۾ هر سال 50 هزار جي حساب سان واڌارو ٿي رهيو آهي. ڪن ماڻهن جي خيال ۾ 48.1 هزار چورس ميل زمين لاءِ اسان جي وطن جي آبادي ٿوري آهي. هن ديس جي ڪل پوکيءَ لائق زمين رڳو 1.6 هزار چورس ميل آهي. اسان جي وطن جي سرزمين جو ٽي ڀاڱي چوٿون حصو ايترو ته ويران آهي، جو اتي ڪو ماڻهو مشڪل رهي سگهي. سراسري طور اسان جي ديس ۾ رهڻ لائق زمين جي هر چورس ميل تي 290 ماڻهو آباد آهن ۽ اتان ئي پنهنجو جيئدان ماڻين ٿا. جڏهن ته پنجاب جيڪو اسان کان گهڻو ڳتيل آباديءَ وارو پرڳٽو آهي، اتي في چورس ميل تي 287 ماڻهو رهن ٿا.۽ گذر سفر جو ٻهانو ڳولي لهن ٿا. اسان جي پوک جوڳي زمين رڳو سنڌو درياهه جي ٻنهي ڪپرن سان لڳو لڳ هڪ سوڙهي پٽي تي آهي. جڏهن ته هندستان ۾ ٻين وطنن جي سموري زمين، گهڻي اپت ڏيندڙ ۽ پوکيءَ هيٺ آهي. اسان جا پاڙيسري، پنجابي ايئن لڳي ٿو ته ٻنهه گهڻا اجارا آهن، جو پنجن درياهن جو سمورو پاڻي به سندن اُڄ نه لاهي سگهيو آهي ۽ تنهن ڪري، انهن سنڌوءَ ۾ اسان جي حصي جي پاڻيءَ سان هٿ چراند ڪرڻ ۽ ان کي روڪڻ شروع ڪيو آهي، اچرج ۽ افسوس جي ڳالهه هيءَ آهي ته سندن سموري پوکيءَ لائق ۽ زرخيز زمين اسان جي زمين کان پنجوڻ ڇهوڻ تي وڌيڪ آهي، تنهن مان به سندن بک ختم نٿي ٿئي، تنهن ڪري انهن پنهنجون لالچي اکيون اسان جي صحرايل ڏرتيءَ جي انهيءَ پٽڪڙي آباد حصي تي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪُپايون آهن ۽ جيڪڏهن سنڌن وس پڄي ته جيڪر اها سموري زمين ئي ڦٻائي وٺن.

جيتوڻيڪ اسان جو وطن، ڪل ايراضيءَ جي لحاظ کان گهٽ آباديءَ وارو آهي، پر انهيءَ ۾ اسان جي پنهنجي ڪا خرابي ناهي. ٿي سگهي ٿو ته ان ۾ قدرت جي ڪا حڪمت هجي، ۽ اها اسان جي ماڻهن جي گهرجن جي حوالي کان واضح طور محتاط آهي، انڪري اها اسان جي زمين تي، ڪڏهن به، ان جي وِتَ کان مٿي، ماڻهو نٿي موڪلي جو متان اهي پنهنجو پيٽ نه ڀري سگهن. بلڪل ايئن ئي، اتر آفريڪا ۾ صحارا صحرا جي علائقي ۾ ڏڪيائين سان ئي ڪٿي ڪا آبادي ڏسبي، ۽ جيڪڏهن اسين هتي پنهنجي ڄڏي ڀاڏي وطن ۾، ٿوري گهڻي بچت ڪريون ۽ پنهنجين زمينن کي سڌارڻ ۽ پنهنجين وڏيڪ زمينن کي پوک لائق بڻائڻ لاءِ محنت ۽ پئسي جي سيڙپ ڪريون ته ڌاريا ماڻهو اهو چون ٿي نه، ته هوند اهي ٻنيون اسان کي ڏيو ته آباد ڪري ڏيکاريون.

ڪابه قوم پنهنجي خرچ تي پنهنجن قدرتي وسيلن کي ترقي، ٻين جي فائدي لاءِ نه، پر هلندڙ توڙي پنهنجين اڻ ڄڻين ايندڙ پيڙهين جي فائدي لاءِ وٺرائيندي آهي.

اسان جي زمينن ۽ سرڪاري نوڪرين کي ڦٻائڻ جي ڪوشش ۾ پنجاب ۽ پڻ ٻين علائقن جا ماڻهو عجيب قسم جا دليل پيا ڏين.

مثال طور، اهو مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته جيئن ته پنجاب ۽ ٻيا علائقا اڳ ۾ ئي ڳتيل آباديءَ وارا آهن ۽ اتان جون زمينون اتي موجود سمورن ماڻهن کي پيٽ قوت نٿيون ڏيئي سگهن. تنهنڪري، واڌو آباديءَ کي مجبوريءَ وچان پيٽ گُذر خاطر، سنڌ ڏانهن لڏي وڃڻو پوي ٿو. ٻين لفظن ۾، انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته جيڪڏهن ڪا قوم ايئن سمجهي ٿي ته ڪيس رهڻ ۽ گذران ڪرڻ لاءِ پنهنجي وطن ۾ مناسب جاءِ ناهي ته پوءِ ان کي اهو حق حاصل آهي ته اها ٻين قومن جي وطنن ۾ وڃي آباد ٿئي. آڳاٽي زماني ۾، آريا، پنهنجي وطن، وچ ايشيائي مٿانهين پٽ، جتي سندن مال لاءِ چراگاهه ختم ٿي ويا هئا، کان خوراڪ جي ڳولا ۾ هندستان جي سُڪين ستابين ۽ زرخيز سنڌو-گنگائي ماٿرين ڏانهن لڏي آيا، ۽ هتان جي ڏيهي اصلوڪن رهاڪن، اَڻ- آرين کي ماري، مات ڏيئي پاڻ مالڪ ٿي ويهي رهيا. يورپي لوڪن، بلڪل ساڳيي بهاني آمريڪا، ڏکڻ آفريڪا، آسٽريليا ۽ بحراوقيانوس ۽ بحرالڪاهل مها ساگرن جي ٻين ڪيترن ئي ٻيٽن کي پنهنجي بينڪيٽ بڻايو ۽ اتان جي اصلوڪن رهواسين کي تلوار سان ڪنائون ۽ رڳو زمين ڦٻايائون. اهڙيءَ ريت، وسيع سلطنت قائم ڪيائون. تازوئي جرمنيءَ يورپ ۾ پنهنجن پاڙيسري ملڪن جي هم مذهب قومن تي ڪاهون ڪري، ڪين فتح ڪيو آهي، ۽ جپانين، بلڪل ساڳيي دليل جي بنياد تي، ساڳيي نسل ۽ رنگ وارن چيني ڀائرن تي حملا ڪري لکين ماڻهن کي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو آهي. انهن وٽ پڻ اهو ئي ساڳيو دليل هو.

انسان جون مادي گهرجون، پوءِ اهي ڪنهن فرد جون انفرادي گهرجون هجن يا ڪنهن قوم جون اجتماعي گهرجون هجن، ٻئي ماڻهوءَ يا ٻيءَ قوم جي ملڪيت ۽ قدرتي وسيلن تي ناجائز قبضي جمائڻ جو جواز پيدا نٿيون



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪري سگهن. تنهن کان سواءِ جيڪڏهن فرض ڪريو ته ڪٿي، ڪنهن وطن ۾، گهٽي آدمشماري آهي، ۽ اُن جي نتيجي ۾ اتي، ڪا بيروزگاري آهي، تڏهن به، ڪين اهو حق بلڪل نٿو ڏيئي سگهجي ته اهي ٻين ماڻهن جي روزي ڪسي پنهنجو پيٽ ڀرين، يا ٻين جي روزگار ۽ وسيلن تي ناجائز قبضو ڪن. اهڙين حالتن ۾ ڪين کپي ته اهي پنهنجن ڏکيائين کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجي وطن جي حدن ۾ رهندي، پنهنجن موجود وسيلن کي ڪتب آڻيندي، يا انهن کي ترقي وٺرائي، نوان وسيلا پيدا ڪن ۽ ايئن پنهنجو گُذر سفر ڪن.

اها دعوا ٻيهر ڪئي پئي وڃي ته پنجاب جا ماڻهو سنڌ جي هارين کان وڌيڪ محنتي، زرعي ماهر، پڙهيل لکيل ۽ اڳتي اسريل آهن. ان ڪري، اُهي، هتي رهندي، سنڌ جي اڻپڙهيل ۽ پوئتي پيل عوام جي اقتصادي، تعليمي ۽ ثقافتي سطح کي اپاري مٿي ڪندا. اها دعوا پنهنجي پاڻ ۾ ئي غلط لڳي ٿي ۽ پوريءَ طرح باطل مفروضي تي ٻڌل آهي. اهو عُذر هميشه يا ته شهري بابو پيش ڪندا رهن ٿا، جن ڪڏهن سنڌ جون ٻهراڙيون ناهن ڏٺيون، جو پنهنجين اکين سان ڏسي سگهن ها ته اسان جا سنڌي هاري ناري پنهنجين ٻنين ۾ ڪيڏي نه اَورچ ۽ اڻٿڪ محنت ڪن ٿا، جو سندن اهو ايمان آهي ته ڪيتي سِرسيتي آهي! ۽ انهيءَ جفاڪشيءَ، سخت پورهيي جي نتيجي ۾ اهي ڪيڏا نه ٽڪل ٽُنل، محنت ۾ چور ٽيل ۽ اپرا ڏسجن ٿا. يا وري ان قسم جو ليکو زميندار ڏيندا آهن، جيڪي اڻ مئي ڏن جون ٽجوڙيون ڀرڻ چاهيندا آهن ۽ گهٽي کان گهٽي ڏن جي تاڙ ۾ هوندا آهن. لڏي آيل پنجابي پڻ سنڌي پورهيت جون گلائون ڪندا آهن. سندن اهڙو عمل سمجهه ۾ ايندڙ آهي، ڇاڪاڻ ته اهي ان طريقي پنهنجي سنڌ ۾ موجودگيءَ کي جواز طور پيش ڪري سگهن ٿا.

اها ڳالهه بلڪل به غلط آهي ته پنجاب جا هاري، سنڌ جي هارين کان وڌيڪ ماهر ۽ زرعي ڄاڻ رکندڙ آهن. سنڌ جي هر ايڪڙ تي پيداوار پنجابي هارين جيتري آهي ۽ ڪن حالتن ۾ انهن کان وڌيڪ آهي. پنجابي هارين به ڪن حالتن ۾ بهتر پيداوار ڏني آهي، پر انهيءَ جو سبب هيءُ آهي ته اهي ٻئي علائقي مان لڏي آيا آهن، سندن ٻي ڪا به سماجي سرگرمي نه آهي، انڪري اهي پنهنجو پورو وقت ٻنين ۾ لڳائين ٿا ۽ بهتر اپت ڏين ٿا، پوءِ به اهڙا مثال ٿورڙا آهن.

ايئن به آهي ته ڪو ماڻهو وڌيڪ پيداوار ان صورت ۾ حاصل ڪري ٿو جڏهن هو پاڻ ئي زمين کيڙي ۽ ان جي سار سنڀار لهي. پنجابي زميندار جنهن جي نيت پڻ سنڌي زميندار وانگي کوٽي آهي، سو ڪن ڪن حالتن ۾، هتي، سنڌ ۾، وڌيڪ اپت حاصل ڪرڻ لاءِ نوان نوان طور طريقا استعمال ڪري ٿو فصلن تي پئسو سيڙائي ٿو فصل ۾ پاڻ استعمال ڪري ٿو ۽ پنهنجيِ ٻنيءَ کي تجارتي بنيادن تي سنڀالي ٿو پر سنڌي زميندار، پنهنجي زمينداري زراعت جي جديد اصولن تي نٿو هلائي ۽ اهو ساڳين روايتي طريقن تي پاڙي ٿو انڪري، اها بي عملي ۽ ڪاهلي سنڌي زميندار جي چئبي. سندس ڪاهليءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ سنڌي هاريءَ کي مهڻو نٿو ڏيئي سگهجي.

جيڪڏهن سنڌي ۽ پنجابي ڪڙميءَ جي تعليمي ۽ تهذيبي ترقيءَ جي سطح ۾ فرق جي ڳالهه ڪبي، ته


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

انهيءَ ڪي سمجهڻ لاءِ اها حقيقت ئي گهڻي آهي تہ پنجاب ۾ سنڌ ۾ خواندگيءَ جي شرح يا پڙهيل لکيل ماڻهن جو سيڪڙو بلڪل ساڳيو ئي آهي. تنهن ڪان پوءِ انهن ماڻهن جن رڳو پيٽ گذر ۾ ڪاڏ خوراڪ جي ڳولا ۾ پنهنجو ڏاڏاڻو ڏيهہ ڇڏي ڏنو، تن مان ڪهڙيءَ تهذيب ۾ ثقافت جي اميد رکي سگهجي ٿي؟ رڳو يورپ ۾ نهايت ئي ڏوهن ڏانهن لاڙو رکندڙ اٽسڏريل ۾ مهم جُو عنصرن پنهنجا وطن ڇڏي آمريڪا، آسٽريليا، هندستان ۾ ٻين اهڙين بيئڪي ملڪن ڏانهن رُخ ڪيو. تازو ئي مقامي اخبارن ۾ اها خبر ڇپي آهي تہ پنجاب جي هڪ عورت سانگهڙ ضلعي ۾ چوريون ۾ ڦرون ڪرڻ ۾ پنهنجو نالو ڪڍرايو آهي.

مجڇي تہ اهي سيئي فرض ڪيل گُڻ يا خوبيون اسان جي پنجابي دوستن ۾ آهن پر ضروري ناهي تہ انهن جي پوئواريءَ مان اسان جي ماڻهن کي ساڳيي قسم جي لاڀ ملي. حقيقت ۾ پيشيوراڻي ۾ تعليمي لحاظ کان چڱي موچاري حيثيت ۾ سنو مرتبو رکندڙ انهن نون آيل دوستن جي هر ڪوشش پاڻ کي پنهنجيءَ حيثيت کان وڏيڪ وڏي ڏيکارڻ سان جڙيل آهي. ۽ ايئن ڪري اُهي هتي سنڌ ۾ هر جڳهہ ويچارن سنڌي ماڻهن کي هيسائڻ، دٻائڻ ۾ مٿن حاوي ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

وڏيڪ ايئن بہ چيو وڃي ٿو تہ ٻاهران آيل ماڻهو هتي ڳرين قيمتن تي زمينون خريد ڪن ٿا، ۽ ان ريت سنڌ جي قومي آمدنيءَ ۾ واڌ ٿئي ٿي، اها سوچ ڪيڏي نہ اياڻي چئبي! ڇو تہ ان قسم جي معاشي حالت نہ مستحڪم آهي ۽ نہ ئي پائدار، اها ڳالهہ ايئن ئي ٿيندي تہ ڪنهن غريب ماڻهوءَ کي قرض لاهڻ لاءِ اهڙي صلاح ڏجي تہ اهو پنهنجو گهر گروي رکي يا ماڳهين وڪڻي ڇڏي ۽ ايئن زندگيءَ جا باقي ڏهاڙا آرام سان گذاري، پر اهڙي صلاح ان صفا مسڪين ماڻهوءَ کي بلڪل بہ نہ ڏيئي سگهبي، جنهن جو معاشي لحاظ کان اڳي ئي ڏيوالو نڪتل آهي.

سائنسي ترقي ۾ مڇين جي صنعتن کي زور وٺائڻ، ڪسٽمز جي آمدني، آمدنيءَ تي ٽيڪس ۾ ٻڻ ٻين آمدنيءَ جي وسيلن تي ٽيڪس، فعال ۾ آمدني ڏيندڙ صنعتن جي قيام، سنڌي هارين کي مالڪيءَ جي حق جي بنياد تي قسطن تي ڏنل زمينن جي هر سال ملندڙ محصول ۾ مقرر ڪي قسطن جي اوڳاڙ جندڙ رقم، وڏن نوابن، زميندارن، جاگيردارن، دڪاندارن ۾ واپارين کان ملندڙ ٽيڪس، قرض جي روپ ۾ ڪيل سيڙپڪاريءَ مان ملندڙ رقم، فوتي کاتن جي ڪروڙين رپين، جيڪي لکها پتين وٽ منجمند صورت ۾ پيل آهن، منجهان هر سال ڪيترائي ڪروڙ رپيا سنڌ ۾ اسان جي عوامي رياست جي دولت ۾ گڏ ٿيندا.

پر، ڪا قوم ڪهڙيءَ بہ مالي ناداريءَ ۾ مبتلا هجي، ان کي مالي تنگيءَ مان وقتي آجائيءَ لاءِ اها ڪڏهن بہ صلاح نٿي ڏئي سگهجي تہ اها پنهنجو سمورو وطن گِروي رکي، يا ماڳهين وڪڻي ڇڏي ۽ پوءِ سدائينءَ لاءِ ٻين جي ڏڪار جوڳي غلاميءَ ۾ محتاجيءَ ۾ گذاري.

پنجاب جا ماڻهو هوريان هوريان اسان جي وطن ۾ داخل ٿي رهيا آهن. انهيءَ عمل لاءِ جيڪو جواز ڏنو پيو وڃي، ان جا لفظ هن ريت آهن: ”پنجابي سگها، ۽ جاننا جوان ۽ جائي جم کان ويڙهو نسل سان تعلق رکن ٿا ۽ اهڙا ماڻهو حرن ۾ ٻين اهڙن دهشت پکيڙيندڙ عنصرن، جيڪي آئي وقت ڪَرَ کڻن ٿا ۽ سنڌ جي ٻهراڙين ۾



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تباهہ ڪاري ۽ غارتگري ڪن ٿا، تن کي بهتر نموني مُنهن ڏيئي سگهندا.“

انهيءَ اڻ ثابت ٿيل دليل کي هڪدم رد ڪري سگهجي ٿو. اهو دليل ”ويڙهو نسل“ جي آڌار تي پاڻ پڏائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي، ۽ ٻي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اها سنڌي ماڻهن جي خودداريءَ ۽ عظمت جي نہ سهڻ جوڳي توهين آهي. جيڪڏهن ان دليل جو ماضيءَ ۽ حال جي بنياد تي، ڏيان ۽ ساوڌانيءَ سان اڀياس ڪبو تہ سچ پڌرو ٿي پوندو.

هيءُ سنڌو ديس،جنهن کي ” ڪمزور ۽ بزدل“ چيو ويجي ٿو تنهن، سموري هندستان ۾ انگريزن جي سنگينن اڳيان سڀ کان پڇاڙيءَ ۾ هٿيار ڦٽا ڪيا هئا. سن 1838ع ۾ ڪرنل ويلئنٽ (Valiant) جڏهن جنگي فوجي ٻيڙا منهوڙي ٻيٽ تي لنگرانداز ڪري، اتان جي قلعي جي سردار کي للڪاريو ۽ هٿيار ڦٽا ڪري، پيش پوڻ جو حڪم ڏنو تہ موٽ ۾ اُن جواب ڏنس، ”اسين پنهنجي وطن جي حفاظت لاءِ پهرين پنهنجا سِرَ گهوريندا سون!“ انگريزن پاران سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ ۽ ان کي فتح ڪرڻ کان رڳو ڪي سال اڳ، سنڌين جوڌپور جي راجا کان عمرڪوٽ جو قلعو جنگ ۾ فتح ڪري حاصل ڪيو هو ۽ خان آف قلات کان ڪراچي واپس موٽائي ورتي هئي. سنڌ پنهنجي بچاءَ ۾ آخري جيڪي بہ جنگيون- مياڻي ۽ دُبي واريون جنگيون- انگريزن سان وڙهيون هيون، سي، سر چارلس نيپئر جي اعترافي بيان پٽاندر انگريزن جي هندستان ۾ وڙهيل جنگين مان سخت ترين ۽ بيحد ئي ڏکيون جنگيون هيون. انهن جنگين ۾ سنڌي سورمن انگريزن جي فوج کي رُڪ جا چڻا چٻايا هئا. انهن ٻنهين جنگين ۾ اسان جو نعرو هو:”مروسون مروسون، سنڌ نہ ڏيسون“. ان کان سواءِ مقامي سطح تي، سنڌ ۾ قبيلن وچ ۾ چِڪتاڻ بہ بهادريءَ جي ڏس ۾ مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿي، توڻي جو ان جا اثر ۽ نتيجا منفي جا نڪرن ٿا.

هن وقت بہ سنڌي شاگرد تعليم پرائڻ جي سلسلي ۾ جتي بہ ويندا آهن، پوءِ اهو جوناڳڙهہ هجي يا بمبئي يا عليڳڙهہ، اهي پنهنجي ويڙهاڪ سُڀاءَ جون ڪيئن يادگيريون، اتي ڇڏي ايندا آهن. انگريز دور ۾ سنڌ ۾ ڪجهہ سؤ سر ڦرين ماڻهن پنهنجي ٻانهن ٻل تي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ انهن کي ڳچلڻ لاءِ جديد هٿيار ۽ جنگي ساز سامان استعمال ٿيو. ان دوران سنڌ جي عورتن کي بہ اهو سيکاريو ويندو هو تہ اهي جهيڙيڪار ٿين، تہ جيئن دشمن هٿان قيد ۽ يرغمال ٿيڻ کان پوءِ اهي کين ڇڏڻ تي مجبور ٿين. ”ويڙهو نسل“جي بهادرن، جن کي رائفلون ڏيئي، هتي، سنڌ ۾، آباد ٿيڻ ۽ اسان جي زرخيز زمينن هڙپ ڪرڻ لاءِ موڪليو ويجي ٿو انهن کان ئي محفوظ رهڻ لاءِ کين اهڙي سکيا ڏني ويئي هئي.

سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال تي ٿيندڙ اسان جو خرچ، هندستان ۾ ڪنهن بہ ٻيءَ رياست يا وطن تي ان مد ۾ ٿيندڙ خرچ کان ٻيڻو آهي. هن وقت بہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ امن امان جي صورتحال تي ضابطو اسان جو پنهنجو سنڌي سپاهي يا پوليس وارو رکي ٿو ۽ اتي امن قائم ڪرائي ٿو جڏهن تہ پنجابي پوليس وارا حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جهڙن شهرن جي سيڪيورٽيءَ کي سنڀالڻ بهاني، آرام جهڙي نوڪري پيا ڪن.حرن پاران ڪيل وڳوڙن کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس جا جيترا بہ جوان شهيد ٿيا آهن، تن ۾ هر 20 ڄڻن مان 19 ڄڻا سنڌي سپاهي هئا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪين اهڙيءَ ڊيوٽيءَ تي سنڌ ۾ مقرر ڪيل پنجابي سورما ڊي. ايس.پي. آفيسرن لڳايو هو.

انهن پڌري پَٽ حقيقتن جي روشنيءَ ۾، ۽ اسان جي ماڻهن جي دشمن سان مقابلي ڪرڻ جي انهن قطعي ۽ حتمي ثبوتن هوندي بہ، اجا تائين اسان کي "غيرفوجي" ڪونيو وڃي ٿو رڳو انڪري جو اڄوڪي "هندستاني" فوج ۾ اسان جي ماڻهن جي ڀرتي اٽي ۾ لوڻ برابر آهي. هن اونهيءَ ڳالهہ کي ڀرپور طرح هيئن بيان ڪري يا کولي سمجهائي سگهجي ٿو تہ اِها ڪن ناڪاري سياسي ۽ معاشي عنصرن جي راند آهي، تہ پوءِ هڪ پاسي اها روش رڳو جاٽي ٻُجهي اسان جي تاريخ جي توهين ڪرڻ برابر ٿيندي ۽ ٻئي پاسي اِها اُنهن جي سِڌي سَنئين ڊاڙ آهي، جيڪي ڳجهي نموني اسان خلاف سازشون سِٽيندا رهن ٿا.

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ اسان جا هاري ويچارا ڇَتي وان ۽ نهنا نِماڻا ڏسجن ٿا، پر انهن جي اِها نهٺائي، تابعداري، اُنهيءَ ڏاڍ ۽ ظلم جو اولڙو آهي، جيڪو اهي هر ڏهاڙي پنهنجن زميندار آقائن هٿان برداشت ڪن ٿا. اها ساڳي اطاعت گذاري ڪڏهن ڪڏهن نافرماني، بغاوت ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. شايد اهو ان امڪاني نافرماني ۽ بغاوت جي ڪري آهي، جو اسان جا حاڪم طبقا پنهنجي سلامتيءَ ۽ تحفظ لاءِ ڌارين ۾ تحفظ ڳولين ٿا، پر ڪين اهڙو ڊپ ڊاءُ نہ ڪرڻ کپي، ڇو تہ، جڏهن ڪنهن قوم جا هڪڙا فرد ٻين کان ڊڄن يا ڇرڪن ۽ ڌارين کان تحفظ گهُرن، تہ پوءِ ايئن سمجهبو تہ اها قوم پنهنجي آزاديءَ کي سدائينءَ لاءِ وڃائڻ جي راهہ تي هلي رهي آهي. ۽ ايئن بہ ڄاڻجي تہ اهي پنهنجن ئي نام نهاد رکوالن هٿان پنهنجي غلاميءَ کي دعوت ڏيئي رهيا آهن.

هتي ڪي اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي دليل ڏين ٿا تہ سنڌ ۾ پورهيتن جي کوٽ آهي، ۽ تنهنڪري، اُن کوٽ جي پُورائي ڪرڻ لاءِ ٻين علائقن کان پورهيت گهُرائڻ ضروري ٿي پيو آهي. اهڙا ماڻهو ظاهريءَ طرح، سماجيات ۽ معاشيات جي اڻٽر قانونن جي پَرُوڙ کان اڻڄاڻ ڀاسجن ٿا. ڪين ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن سندن اهو دليل قومن جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي انقلابي اپار جي بنياد تي هجي، تہ پوءِ، هر ڀيري، ڪا قوم پنهنجيءَ معيشت جي بحاليءَ واسطي، پنهنجين شين جي پيداوار ۾ اضافي جي مقصد، يا پنهنجن قدرتي وسيلن کي ترقي وٺرائڻ لاءِ هڪدم ٻاهران پورهيت گهرائڻ کي ضروري سمجهي، پر ايئن ناهي، ۽ جيڪڏهن ايئن هجي ها، تہ سموري سائنس ۽ سموري ٽيڪنالاجي، جيڪي اڄڪلهہ سموري دنيا لاءِ واضح طرح نعمت بڻيل آهن، ڪڏهن بہ پنهنجي سُٺي ڪارڪردگيءَ جي صلاحيت ۽ ڪماليت جي هاڻوڪين انتهائن تائين نہ پهچي سگهن ها، ۽ گهٽيءَ محنت ۽ جاکوڙ کان پوءِ حاصل ڪيل پورهيي کي گهٽائيندڙ طريقا، جيڪي ٻِيرَمُ يا لِيورَ (lever) واري اصولَ يعني ٻاڦ، بجليءَ، ۽ هاڻي جوهري توانائيءَ جي استعمال ڪرڻ وارن بنيادن تي ڪم ڪن ٿا، تن کان انسانذات اڄ پوريءَ طرح اڻڄاڻ يا اڻ واقف هجي ها!

جيڪڏهن، ڪنهن سوچيل سمجهيل ارادي سان اهو سوچيو پيو وڃي تہ اسان جا وڏيءَ حد تائين اوائلي زراعت جا طريقا جاري رهن تہ پوءِ اهڙي سوچ سائنس جي روح جي توهين هوندي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اسان جو ماڻهو هزارين ورهيہ اڳ وانگي هر هلائيندو رهي، ٻنيءَ ۾ ٻج محفوظ ڪندو رهي ۽ انهن کي پکين جي ڇڳڻ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪان بچائيندو رهي.

جيڪڏهن اهو ارادو آهي، تہ اهو ڪانيءَ وارو هَرُ، جنهن کي بہ ڏاند ڏاڍيءَ پيڙا سان ڪاهين ٿا، تنهن کي اسان جا غريب هاري قيامت تائين ڪاهيندا رهندا ۽ اُهي پاڻ بہ پنيان انهن ئي ڏاندن وانگي گهِلبا رهن. تہ پوءِ پورهيتن کي باهران ٿوڪ جي حساب سان گهُرائڻ وارو "جَسُ جوڳو" بهانو برقرار رهندو. اڄ، سموريءَ دنيا جا ماڻهو پنهنجين مادي گهرجن جي پُورائي لاءِ جوهري يا ائٽمي توانائيءَ جي استعمال کي عمل جوڳو پيا بڻائين ۽ اُن جو آڌر پاءُ وڏي اعتماد سان پيا ڪن، تہ جيئن اُهي گهٽ محنت، وڌيڪ ڌن دولت ۽ سُک تي ٻڌل هڪ وڌيڪ سُکي، هڪ وڌيڪ باوقار پري ۽ جَس جوڳي زندگي گذاري سگهن. اها چاهين ٿا تہ پاڻ کي تهذيبي طور سُوڌڻ، وڌيڪ مُهذب ۽ شانائتي بڻائڻ لاءِ وٽن جهَجِهي واندڪائي يا ذهني آسُودگي مُيسر هجي، تہ جيئن اُهي قدرت جي هِن عظيم ۽ لامحدود وُسعت ۽ ان جي تخليقن جي عميق راز تي وڌيڪ آزاديءَ، آسانيءَ ۽ ٿڌي دماغ سان غور فڪر ڪري سگهن. اڄ، جڏهن سموري دنيا، انسانذات جي نهايت ئي سخت محنت، جاکوڙ ۽ ڏکي جِدوجهُد کان پوءِ حاصل ڪيل علم ۽ پَرُوڙ جي فائدن کي ڪتب آڻڻ ۽ ان مان لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي رهي آهي، تڏهن سنڌ ۾ اسان جا ٻاراڻي طبيعت رکندڙ اڳواڻ ۽ موڳا حڪمران اسان کي چون پيا تہ اسان جي ابن ڏاڏن کان جيڪي ڪجهہ ورثي ۾ مليو تنهن تي ئي راضي رهون، تہ جيئن اسين ٻين جي پيٽ ۾ ڏاهپ ۾ گهٽ، غربت ۾ پيڙهيل، بُکيا، جسماني طرح ڏُبرا ۽ ذهني طرح پوئتي رهندا اچون.

تہ پوءِ اسين پنهنجي چوڌس موجود دنيا جي مثال جي پوئواري ڇو نہ ٿا ڪري سگهون ۽ پنهنجيءَ ڀلائيءَ لاءِ سائنسي اوزارن کي ڪتب ڇو نٿا آڻي سگهون؟ ڇو ڀلا اسان کي پنهنجي زراعت لاءِ مشيني مدد نہ وٺڻ کپي؟ ڇو ڀلا اُن کي جديد سائنسي اصولن پٽاندر نہ هلائڻ کپي؟ ايئن ڪرڻ سان اسان کي بہ ڪارائتا مقصد حاصل ٿيندا. پهريون: واڌو پيداوار حاصل ٿيندي، جنهن مان اسين نہ رڳو پنهنجين گهرو گهُرجن ۾ پاڻيرا ٿي سگهنداسون پر بچندڙ پيداوار ڏيساور اُماڻي، قيمتي پرڏيهي ناڻو ڪمائي، خوشحالي ماڻينداسون ۽ ان ريت، ايندڙ وقتن ۾، عالمي اناج منڊيءَ ۾ قيمتن واري چٽاڀيٽيءَ جو مقابلو ڪري سگهنداسون ۽ پنهنجيءَ بقا لاءِ اها ئي اڪيلي اميد آهي. ٻيو: زراعت جي ترقيءَ سان پورهيتن جي کوٽ، پوءِ اها هٿ ٺوڪي هجي يا حقيقي، واري مسئلي کي منهن ڏيئي سگهنداسين.

هن وقت، اسان کي، نڳيءَ سان، اهڙيءَ صورتحال ۾ ڌِڪيو پيو وڃي، جتي اسان جي حيثيت هڪ استعمال ٿيندڙ رديءَ جي ٽوڪريءَ يا گند جي دٻي جهڙي هجي، ۽ هندستان جي ٻين وطنن جا مٿيان ۽ طاقتور طبقا، پنهنجن ماڻهن جي غُربت ۽ بيروزگاري اسان ۾ اُڇلائيندا رهن. سموري هندستان جي اُها غربت ۽ بيروزگاري، جيڪا ايامن کان گڏ ٿيندي ۽ لڳاتار وڌندي رهي آهي، سا وڏي نهج تي پهچي چڪي آهي. جيڪڏهن اسين رڳو ڏارين جو اضافي بار کڻڻ کان نهڪر ڪريون تہ هوند مستقل مفاد رکندڙ ٽولي جي هاٺوڪي حالت (Statusquo) جتي ڪٿي، داءَ تي لڳي وڃي، ۽ ايئن اُهي پنهنجو وجود قائم رکي ئي نہ سگهن. خاص طرح پنجاب جا بالادست طبقا ان صورتحال تي اک رکيو ويٺا آهن. انڪري اهي اسان جي عقل کان آجي مٿئين طبقي سان گڏجي، لڳاتار



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ان دليل ڪي هتي ڏيئي رهيا آهن تہ هتي، سنڌ ۾، پورهيتن جي تمام گهٽي کوٽ آهي، ۽ سنڌ ۾ ٻيو ڪجهہ نہ، رڳيون ٻنيون ئي ٻنيون موجود آهن. گهرج رڳو ان ڳالهہ جي آهي تہ ڪو ماڻهو يا هر ڪو ماڻهو رڳو اڳتي اچي ۽ انهن ٻنين جي والار ڪري.اهو دليل بدنيتيءَ تي ٻڌل آهي، جنهن، اسان ڪي سياسي ۽ معاشي تباهيءَ جي ٻنهہ ويجهو پهچايو آهي. انهيءَ تي گهري سوچ ويچار ڪرڻ جي گهرج آهي.

هن وقت، اسان وٽ رُڳي 90 لک ايڪڙ زمين پوکيءَ لائق موجود آهي، تنهن مان لڳ ڀڳ اڌ زمين هر مُند ۾ ڪاهي وجي ٿي۔ اڌاِن لاءِ نہ، تہ ڪا هتي ڪُڙمين جي کوٽ آهي، پر انڪري جو زمين ڪي ويساهيءَ [جڏهن ان ۾ ڪابہ پوکي نہ ڪبي آهي] تي خالي ڇڏيو ويندو آهي تہ جيئن اُها ڪمزور ٿي اُپت واري صلاحيت گهٽائي نہ ڇڏي، ۽ ٻيو تہ، هتي نهري پاڻيءَ جي بيحد گهٽي کوٽ آهي. پنجابين ڪي اسان جي ”پورهيتن جي کوٽ“ مان فائدي پرائڻ جي ڏاڍي اون آهي، پر، اسان وٽ پاڻيءَ جي سنگين کوٽ پيدا ڪرڻ جي انهن ڪي اجا بہ گهٽي ڳڻتي آهي، تہ جيئن 90 لک ايڪڙ آباد زمين ڪي پاڻي نہ ملي. ياد رهي تہ انهن زمينن ڪي ڪاهڻ لاءِ اسان وٽ 30 لک هاري موجود آهن.

ان ريت، هر پنجن ڀاتين واري هاري ڪٽنب جي حصي ۾ رڳو 15 ايڪڙ زمين پوکيءَ لاءِ اچي ٿي. رٿيل ٻہ بئراج، وڌ ۾ وڌ 40 لک ايڪڙ وڌيڪ زمين پوکيءَ لائق بڻائي سگهندا. ان زمين تي اڌ لک کن ٻيا وڌيڪ هاري ڪٽنب ڀاڙيندا، ان ريت هر هڪ ڪٽنب وٽ وڌ ۾ وڌ 20 ايڪڙ زمين موجود ٿي سگهندي، جنهن مان اُهي هر مُند ۾ 10 ايڪڙ ڪاهيندا ۽ 10 ايڪڙ ويساهيءَ تي ڇڏيندا. ڇا اها زمين، سراسري طرح پنجن گهر ڀاتين واري ڪٽنب لاءِ ايتري گهٽي زمين هوندي، جو اُهي اُن ڪي سنڀالي نہ سگهندا؟ جي نہ، تہ پوءِ، اسان وٽ ڪهڙي واڌو زمين آهي ۽ ڪُڙمين جي کوٽ ڪٿي آهي؟

انهيءَ هوندي بہ جيڪڏهن زوريءَ ٻاهران ڪان پورهيتن ڪي هتي آندو ويو تہ پوءِ بہ امڪان هڪدم اُڀري سامهون ايندا:

1. يا تہ نيون زمينون، جاگيرداريءَ جي بنياد تي، ٻاهران آيلن ڪي ڏنيون وينديون، اُن صورت ۾ اها مڙهيل جاگيرداري، جيڪا سگهاري مقامي جاگيرداريءَ ڪان وڌيڪ ڏهڪاءَ واري هوندي. سا نہ رڳو اسان جي ماڻهن لاءِ سياسي ۽ معاشي طرح موت ثابت ٿيندي، پر هتان جا جاگيردار ۽ زميندار پڻ انهيءَ ڪاهيءَ ڪان بلڪل بي نياز ۽ بيپرواهہ آهن، جيڪا اهي پنهنجن هٿن سان کوٽي رهيا آهن، يا وري:
2. نيون زمينون بدنيتيءَ سان ٻاهران آندل ڌارين آبادڪارن ڪي هاري-حقدار نظام هيٺ ڏنيون وينديون. ان صورت ۾ ٻاهران گهُرايل زمينن جا مالڪَ ۽ هاري، ڇتي نموني، اسان جي ڏيهي يا مقامي بي زمين ماڻهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ برتر ۽ اعليٰ معيار واري زندگي گذاريندا ۽ معاشي ۽ سياسي بالادستي قائم ڪري وٺندا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٿي سگهي ٿو تہ اِهي اُهي ئي ويچارَ هجن جن سنڌ مسلم ليگ ڪائونسل کي 1945ع ۾ هڪ ٺهراءُ منظور ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو تہ سنڌ جي زمينن تي، سنڌين جو حق آهي، ۽ ڪنهن بہ غيرسنڌيءَ کي اُن جو هڪ انچ بہ نہ ڏنو ويندو.

مٿي بيان ڪيل سموري ڳالهہ کي ان روشنيءَ ۾ ڏسڻ کان پوءِ، ان رٿيل افسوسناڪ معاملي جي سخت ناانصافيءَ کي وائکي ڪرڻ جي گهرج ئي باقي نٿي بچي. اسان جي عوام جا اُهي ويري، جيڪي يا تہ اها ڳالهہ تجويز ڪن ٿا يا ان کي اڳتي کڻي وڃڻ گهرن ٿا، تن کي اسان جي هڪ سوال جو جواب ڏيڻو پوندو. حضرت موسيٰ ؑ کان وٺي حضور سائين (ﷺ) تائين، ڪهڙي نبيءَ ڪڏهن ايئن چيو هو تہ اوهين پنهنجن ماڻهن، ڌرتيءَ ڌڻين کي ٻي زمين ڪريو ۽ اوسي پاسي جي جهڙن تهڙن ماڻهن کي وڏي واڪي ڪوٺ ڏيندا وتو تہ اهي هتي اچن ۽ جيتري وٺي، اوتري زمين تي قبضو ڪن؟ اهو ڪٿان جو انصاف آهي؟ تاريخ ۾ ايئن رڳو نارمنڊيءَ جي وليم، برطانيا جي فاتح، برطانيا ۾ ڪيو هو ۽ عظيم برطانيا واسين سندس ان عمل جي سخت مزاحمت ڪئي هئي.

بلڪل اهي ساڳيون ڳالهيون اسان جي نوڪرين جي حق واري معاملي سان لاڳو ٿين ٿيون. پُورن هڪ سئو سالن تائين، جڏهن ٻيا ماڻهو ٻيون قومون، پنهنجين ڏيهي ۽ گهٽ خرچ وارين يونيورسٽين ذريعي هيڪاندا مئٽرڪ پاس ۽ گريجوئيٽ تيار ڪري رهيون هيون، اتي اسان سنڌين جي نوجوانن جو هڪ ڌاري يونيورسٽيءَ جي آڏيءَ تي تعليمي ڪوس ٿيندو رهيو. ساڳيي وقت، ظلم جي انتها تہ ڏسو اسين پنهنجي ئي ديس ۾ غيرسنڌين جي تعليم تي ڳري رقم خرچ ڪندا رهياسون، جنهن تعليم کان اسان جي پنهنجن ٻارن ۽ نوجوانن کي سازش هيٺ پري رکيو ويو هو. اُها رقم، اڄ بہ اسين اُئين ئي خرچ ڪري رهيا آهيون. اين. جي. وِي هاءِ اسڪول ۽ سنڌ مدرسو اُن جا چٽا مثال آهن، جتي اسان جي پنهنجن ماڻهن جي اولاد جي تعليم تي خرچ ٿيندڙ رقم کان ٽيڻي رقم غيرسنڌين جي اولاد جي تعليم خرچ پئي ٿئي ۽ اها سنڌ جي خزاني مان خرچ ڪئي پئي وڃي، ۽ هاڻي، جڏهن اسان کي پنهنجن نوجوانن کي همٿائڻ، تعليم ڏيارڻ، سندن تربيت ڪرڻ جو وقت آيو آهي ۽ کين پنهنجي حڪومت ۾ اهم ذميوارين سنڀالڻ جو هڪ موقعو ملي رهيو آهي، تہ اسين ڇا پيا ڪريون؟ جيئن ئي ڪو پنجابي سنڌ جي سرزمين تي پير رکي ٿو تہ ڊوميسائيل سرٽيفڪيٽ سندس هٿن ۾ معجزاتي طور تي پهچي ٿو وڃي، هتي، سنڌ ۾، ايمپلائيمينٽ ايڪسچينج سرشتو قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جو واحد مقصد، اسان جون نوڪريون، فراخدليءَ سان، پنجابين ۽ ٻين ڌارين ۾ ورهائڻ آهي، انهن جو ٻيو تہ ڪو ڪم ۽ ڪارج، هتي، سنڌ ۾، نظرنٿو اچي. اسان جي حڪومت جي اهم عهدن تي پنجابين کي سڌيءَ ريت مقرر ڪيو پيو وڃي. ايستائين جو ملڪ کان ٻاهر، اعليٰ تعليم پرائڻ لاءِ اسان جي حصي جون اسڪالرشپون، ٻين علائقن جي ماڻهن کي ڏنيون پيون وڃن. اسان مَس مَس هاڻي وڃي پنهنجي هڪ يونيورسٽي قائم ڪئي آهي، پر اُن يونيورسٽيءَ جو سربراهہ هڪ اهڙي ”جنٽلمئن“ کي مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن کي اسان جي ٻولي سنڌي، لکڻ پڙهڻ يا ڳالهائڻ نٿي اچي، ۽ نہ ئي هُو اُن ۾ ڪا دلچسپي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

به رکي ٿو ڪيس ”شاهه جي رسالي“ جي به خبر ناهي! اهڙو ماڻهو اسان جي لوڪ ادب ۽ ٻئي ادب جي ڪهڙي قدرداني ڪري سگهي ٿو! اهم ڳالهه هيءَ به آهي ته اسان جي تعليم واري وزير، حيدرآباد دکن مان اعلان فرمايو آهي ته اسان جي ٻولي، سنڌي، سنڌ يونيورسٽيءَ مان ختم ڪئي ويندي، ۽ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ نه، ته ٻي ڌاري ٻولي تعليم جو ذريعو هوندي، جيڪا اسان جي 98 سيڪڙو ماڻهن جي سمجهه کان ٻاهر هوندي.

سنڌ جي آئيندي جو درد رکندڙ جي. ايم. سيد، جڏهن سنڌ جو تعليم وارو وزير هو ته سنڌ ۾ موجود هر ڪنهن غيرسنڌيءَ کي هڪ مقرر وقت اندر سنڌي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ سکڻ جو پابند بنايو ويو هو. سندس ان ڳالهه تي، اُن وقت لاڳاپيل غيرسنڌي حلقن، هر هنڌ، وڏو گوڙ ۽ شور ڪيو هو. جڻ ته ڪنهن کين پنهنجي مذهب ڇڏڻ لاءِ چيو هجي! سنڌ ۾ غيرسنڌين پاران، اسان جي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ اهڙي ردعمل تي ڪنهن ٽيڪاٽپڻيءَ جي ڪا گهرج ناهي، ان جي اهميت ۽ افاديت کان ڪوبه انڪار ڪري نٿو سگهي. ايتريقدر جو انگريز ڪٽي ڪيترو به طاقتور هو، تڏهن به هن هتي، سنڌ ۾ اچڻ شرط هڪدم سنڌي سکڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ پوءِ جيڪو به انگريز سرڪاري عملدار سنڌ ۾ آيو ٿي، تنهن، اُن روايت جي پوئواري ڪندي، سڀ کان پهرين اسان جي ٻولي سکڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي.

اسان جا وزير جيڪي دهليءَ، لاهور يا دکن ڏانهن تڪڙا ايندا ويندا رهن ٿا، اهي، اتي پهچي، هر ڀيري جڏهن ڪو اهميت جوڳو پاليسي بيان جاري ڪن ٿا، ته ان وقت بدقسمتيءَ سان، اهو سڀ ڪجهه وساري ٿا ويهن ته سندن تعلق سنڌ سان آهي، يا، اُهي پاڻ سنڌي آهن، ۽ اُهي، پنهنجي چوڌاري موجود ڌارين خوشامندڙين سان سُر ۾ سُر ملائي، سنڌ جو نقصان ڪن ٿا. اسان جا اهي صاحب، هن قسم جا ڪنن کي راحت ڏيندڙ گفتا ٻڌي خوش ٿيندا آهن ته: ”واهه، واهه سائين! بيشڪ، اوهين ته تنگ نظر صوبائيت پرستيءَ کان ڪوهين ڏُور آهيو. اوهين انسان دوست ۽ جهانَ دوست آهيو. اوهين سچا پچا مسلمان، ۽ فرشتا آهيو!“ سنڌ ۾، پنهنجي ديس ۾، پنهنجن ماڻهن ۾، ظاهر آهي ته کين اهڙا چاپلوس ماڻهو بلڪل نه ملندا ۽ اهي اهڙي واڪاڻ جي لائق به نه آهن.

اهڙيءَ ريت، ڪو ٻاهريون ماڻهو ڪيڏ ڪيڏندو آهي، سندن گڻن کي ساراهيندو آهي، يا ڪنهن ڪنهن موقعي تي کين پنهنجي ”ڏاهپ“، جي اظهار جو موقعو ملندو آهي ته اهي ڪانون وانگي ڪانگيرو ڪري، اوسي پاسي موجود ماڻهن کي خوش ڪرڻ لڳندا آهن. کين چاڻ نه هوندي آهي ته ڪانءَ جڏهن ڪان ڪان ڪندا آهن ته سندن وات مان گرهه ڪِري، گدڙ جي وات ۾ پوندو آهي.

ڪاش! اسان جي وزيرن ۾ ٿورڙي به سمجهه هجي. ڪاش اُهي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجيءَ ذميواريءَ جو مظاهرو ڪن، ۽ سنڌ جي عوام ڏانهن ان نموني جوابده هجن، جيترو هو ڌارين خوشامدڙين ۽ چاپلوسن اڳيان ٻڌجن ٿا، جڏهن به ڪنهن قوم تي خطري، ڏک ۽ مايوسيءَ وارو وقت ايندو آهي ته اها اُن قوم جي نوجوانن، خاص طرح شاگردن ۽ وچئين طبقي جي ساڃهوند ماڻهن جي ذميواري هوندي آهي ته اهي اڳتي اچن ۽ اُن کي اُن صورتحال



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مان ڇوٽڪارو ڏيارين. ان سلسلي ۾ سنڌ جا ماڻهو ڪي ايترا پاڳوان بہ نہ رهيا آهن. ان جا نوجوان، پنهنجي وطن کي لاڳاپيل عظيم خطري کان افسوس پريءَ حد تائين اڻڄاڻ لڳن ٿا. جڏهن تہ وچئين طبقي، ايئن لڳي ٿو تہ پنهنجا مفاد پوريءَ طرح مٿي ويئل مراعت يافتا طبقي جي آڱرين تي ڳٽڻ جيترن ماڻهن سان سلهاڙي ڇڏيا آهن. اهي ساڻن ايترا تہ سلهاڙيل آهن، جو سندن سرپرستن جي زوال جو ڪو معمولي بہ امڪان پيدا ٿئي ٿو تہ سندن بچاءَ ڪرڻ واسطي پاڻ ٿرٿلي ۾ اچي ٿا وڃن. مٿيان طبقا، وچئين طبقي جي محتاجيءَ کي چڱيءَ طرح سمجهن ٿا. اهو ئي سبب آهي، جو اهي رشوت، پنهنجا نوازيءَ ۽ ڦرلٽ کي پوري اوج تي قائم رهڻ ڏين ٿا. برائين جي ڪُجهہ ڳوهہ ۾ پُٺڀرائي ۽ سرپرستي ڪن ٿا. انهن مان پاڻ بہ فيضياب ٿين ٿا ۽ انهن سماجي برائين مان جيڪي فوري طور مادي فائدا، ضرورتمند ۽ گهٽ ڪمائيندڙ وچيان طبقا، حاصل ڪن ٿا، تن تي اُهي بہ مطمئن ۽ خوش رهن ٿا. موٽ ۾ مٿيان طبقا بہ مطمئن ۽ خوش رهن ٿا.شاگرد طبقو هن مهل اقتدار پرست سياستدان ۽ مٿئين طبقي جي موقعي پرستن جي سياسي مذهبي جنگين ۾ ايترو تہ مصروف ۽ اُڪسايل آهي، جو انهن کي سماج ۾ موجود اسٽيٽسڪو کي ٽوڙڻ لاءِ استعمال ڪرڻ ممڪن نہ رهيو آهي.

بهرحال، اهڙيءَ صورتحال تي اسان کي هروڀرو دلگير ٿيڻ، همٿ هارڻ يا دل شڪستو ٿيڻ نہ کپي. ڇو تہ، هندستان ۾ هر هنڌ، هر پاسي، ٿوري گهڻ وڌائيءَ سان، صورتحال ساڳي آهي، پر اسان جي معاملي ۾ امید محسوس ڪرڻ جو هڪ واجبي، عقلائتو بنياد موجود آهي تہ اسين، جيڪڏهن رڳو اهو فيصلو ڪري وٺون يا وچن ڪري وٺون تہ اسين پنهنجين ڪمزورين ۽ اوڻاين تي سنت ضابطوآڻي وٺنداسيون. پنهنجي اصلاح ڪنداسون، ڇو تہ ايئن ڪرڻ لاءِ اسان وٽ سبب موجود آهن ۽ انهن کي اسين پنهنجي ئي رڳي هڪ صديءَ اڳ واريءَ تاريخ جي حوالي کان کولي، نروار ڪري سگهون ٿا.

ٻيو تہ هتي آپيشاهي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ زوال پذير حالت ۾ آهي، جنهن جي خاتمي جا امڪان وڌيڪ ڇٽا آهن.

بهرحال، گهڙيءَ ڪن لاءِ جيڪڏهن اسين "سَنگهہ" جي نوجوانن يا "ليگ جي محافظن" تي هڪ نظر وجهنداسين، جيڪي پريڊون ڪري يا جلوس ڪڍي، هر هنڌ "هند ماتا ڪي جئہ" يا "پاڪستان زندهہ آباد" جا ڳلي ڦاڙ نعرا پيا هڻن ، تہ ذهن بي اختيار يورپ جي اتهاس جي هڪ درد ڀري ۽ لُونءَ ڪاندار يندڙ باب ڏانهن هليو وڃي ٿو.

وچئين دور ۾ صليبي جنگيون، نيٺ، جيئن ئي ختم ٿيون، تہ اُتي هڪدم هڪ ٻي صليبي جنگ، جنهن کي اُنهن "ٻارن جي صليبي جنگ" جو نالو ڏنو هو، مُنظم ڪئي ويئي، اها ڪيئن منظم ٿي،تنهن جو قصو هن ريت هو:

"ٻہ اچي رنگ جا گهوڙا هڪ يا رَٿَ کي ڇڪيندا ٿي هليا، جنهن ۾ اڇا ڪپڙا پهريل، سونهري وارن وارو هڪ ڇوڪرو ويهاريل هوندو هو. ان رٿ پويان، ٻارن جو انبوهہ هلندو رهندو هو جنهن ۾ نينگريون ۽ ڇوڪرا شامل هوندا هئا. انهن جي هٿن ۾ سينٽ جارج جي صليبي نشان، ريڊ ڪراس وارا جهنڊا ۽ جهنڊيون هونديون هيون. جهُونا پادري



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٻارن کي تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ لاءِ زور ڀريندا ۽ ڀڙڪائيندا هئا. ڏِک اهڙي ڏني ويندي هئي ته اُها ديني جنگ، ٻارن پاڻ ئي شروع ڪئي هئي! جيڪو ڇوڪرو رٿ ۾ ڀيڻل هو، سو هڪ ريڊار هو. ڪيس ان ڳالهه جو ويساهہ ڏياريو ويو هو ته خدا ڪيس ٽُرڪن تي فتح نصيب ڪندو! ايئن اهو ڇوڪرو ۽ پادري، ننڍن معصوم ٻارن کي، صليبي جنگ لاءِ آڀاريندا هئا، ۽ نيٺ، انهن کي ذهني طرح تيار ڪري، مقدس سرزمين ڏانهن، صليبي يا عيسائي ديني جهاد تي روانو ڪيو ويو. ٽيهہ هزار ڪن ٻار، پادرين جي چُرچ ۾ اچي، پنهنجا گهر ڇڏي، مٽ مائٽ ڇڏي، مقدس ديني جهاد تي روانا ٿيا. در دروازا ۽ قُلف ۽ ڪڙا ڪين وچڻ ڪان روڪي نہ سگهيا. سندن مائٽ پڻ انهن کي روڪي نہ سگهيا. انهن مان ڪي مائٽ ته سچ پچ، پنهنجن ٻارن جي انهيءَ 'خير جي ڪم'، تي 'خدا جي راهہ' ۾ وڃڻ تي گهڻا خوش هئا.

"وڏي پوپ ٻارن لاءِ 'مقدس نعرن' وارا جهنڊا، جهنڊيون ۽ دعائون موڪليون، پادري هئا جي چوندا وتندا هئا ته 'خدا معجزو ڪري ڏيکاريندو ۽ ٻارن کي سوڀ نصيب ٿيندي!' 'مردن انهيءَ ڪري شڪست کاڌي جو اُهي گناهگار هئا، پر ٻار جيئن ته معصوم آهن، تنهنڪري خدا انهن جي مدد ڪندو ۽ اهي فتحمند ٿي موٽندا'. 'هيءَ خدا تعاليٰ لاءِ جنگ آهي، تعريف آهي پاڪ خدا جي!' جهڙا نعرا هڻندا، ٻار اڳتي وڌندا رهيا. ڪين اهو ايمان ڏياريو ويو هو ته سندن انهن نعرن سان ڪوٽ، قلعا ڪري پوندا ۽ ٽُرڪ ڊپ وچان ڀڄي ويندا. ان ريت ٻارن، اُن پنهنجي اڳواڻ ڇوڪري جي مَهنداريءَ ۾، پنهنجيءَ منزل ڏانهن اڳتي وڌڻ شروع ڪيو.

جتان جتان ڳوٺن، شهرن، وسندين، واهڻن وٽان اُهو قافلو گذريو ٿي، اتان جي ماڻهن ڪين کاڌو خوراڪ ڏنو ٿي. هلندي هلندي، اهي پنهنجا مقدس ۽ ديني گيت ڳائيندا ٿي هليا. ويچارن ٻي سمجهہ ٻارن کي اها ته خبر ئي نہ هئي ته ڪو يروشلم هزارين ميل پري هو. هر ڀيري پري کان انهن جڏهن ڪنهن شهر جا قلعا ۽ ڪُنگرا ڏٺا ٿي ته پڇيائون ٿي: 'ڇا اهو ئي يروشلم آهي؟' 'ڇا اسين اتي هاڻي پهچي چڪا آهيون؟' ايئن هلندي، هلندي ۽ پڇائون ڪندي ڪندي، ٻار ٿڪا ماندا، بيزار ۽ ٻُکن ۾ پاهہ ٿيندا ويا. نيٺ اُهي هڪ سمنڊ ڪناري پهتا. سمنڊ جي هُن پار مقدس سرزمين، يروشلم جو شهر هو. سندن خيال هو ته خدا تعاليٰ معجزو ڪري، سمنڊ جي پاڻيءَ وچان ڪو رستو ڪڍندو جيئن هُن ڳاڙهو سمنڊ پار ڪندڙن لاءِ ڪيو هو جنهن تان اُهي جوتن پُسائڻ کان سواءِ ئي گذري، يروشلم پهچي ويا هئا. سندن اڳواڻ وڏيءَ خوداعتماديءَ وچان تي ڀيرا سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ لٺ هڻي ڏٺي، پر ٿيو ڪجهہ بہ نہ. نراس ٿي ٻارن روئڻ پٽڻ ۽ پار ڪيڻ شروع ڪيو ۽ اُنهن مان ڪي ته وري واپس پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ويا. تنهن هوندي بہ، گهڻا ئي ٻار وڏي بندرگاهہ ڏانهن وڌيا، ۽ ستن سامونڊي جهازن ۾ سوار ٿيا. ٻہ جهاز ته رستي ۾ ٽڪرجي ٽُڪر ٽي ويا، باقي ٻيا جهاز آفريڪا جي سامونڊي ڪناري پهچي ويا، جتي گهڻا ئي ٻار جهلجي پيا، ۽ غلام طور وڪامجي ويا، ۽ گهڻن ته ڪڏهن بہ ٻيهر پنهنجي وطن جا نہ وڻ ڏٺا، ۽ نہ ئي پنهنجن مائٽن سان ٻيهر مليا!

هن وقت هِتي، سنڌ ۾ پڻ، هندستان جي ٻين وطنن وانگي اسان جي نوجوانن کي ڀِنيلايو پيو وڃي. اقتدار پرست طبقو نوجوانن جي اڪثريت کي، صليبي جنگ ڏانهن ڏِڪيو پيو وڃي، جنهن مان ڪجهہ بہ نہ ورڻو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ياڳ جي ڳالهه اها به چئجي جو ڪي امڪان اهڙا به آهن ته اسان جا ڪي نوجوان ڏيمائيءَ ۽ ثابتقدميءَ سان تاريخ جي انهيءَ ڪردار کان واقف ٿي رهيا آهن، جيڪو ڪين ادا ڪرڻو آهي. اميد آهي ته اهي ستايل ۽ ڌڪويل ماڻهن جي ساٿَ ۾، استحصالي ۽ جابر قوتن سان مهاڏو اٽڪائيندا. اهي جابر جن جا پير رت سان رڱيل آهن ۽ اهي بيوس انسانن کي لتاڙي رهيا آهن ۽ ڌرتي وڏيءَ پيڙا منجهان ڪنجهي رهي آهي.

ظلم ۽ وحشت جي انهن قوتن سان حساب برابر ڪرڻ لاءِ انهن نوجوانن جو همٿ ڀريو ۽ برجستو جواب هيءُ آهي:

"ترقيءَ جي درياهه آڏو اوهين بند ٻڌو ٿا،

"پلي ٻڌو: جوکم ۽ هاڃو اوهان جو آهي!

"اِهو درياهه ڌوڪيندو سمنڊ ڏانهن ويندو،

اوهين ڇا به ڪريو.

"اِهو اوهان جا بند ڀڃي ڇڏيندو ۽ آزاد رهندو!

"اوهان جي آڏڙين جي اسان کي پرواهه ڪانهي، جيڪي ان جي آڏو اوهين کوڙيا ٿا:

"ڇو ته اوهان جا اهي اٽڪا وهڪري کي وڌيڪ تيز ڪندا،

"جنهن جو ڇوهه اوهان کي نيٺ نهوڙي ڇڏيندو!

"اسان جو جهنڊو آزاد ۽ اوچو ڦڙڪي ٿو

"اسين اڳتي اچي، اوهان کي هوڪاريون ٿا،

"اسان جو آواز جُڳن جو آواز آهي،

"اسان جي اميد، عالم جي اميد آهي!"

"هيءَ ندي آزاديءَ جِي وڌندي ئي رهندي،

"هيءَ ندي ترقيءَ جي وهندي ئي رهندي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن ڏانهن 5 جون 1947ع انگريزي ۾ سنڌيءَ ۾ لکيل ۽ ڇپائي ورهايل ڪليل خط

مانوارا سائين!

هندستان جي ماڻهن کي، حتمي طرح، اختيارن منتقل ڪرڻ جي ڏس ۾، سرڪار نامدار جي تازي رٿا، اوهان جي اڳيان پيش ڪئي ويئي آهي، جنهن ۾ ٻه چونڊ جا اسم اوهان جي اڳيان رکيا ويا آهن ته سنڌ جي آئيندي رياست جو آئين:

(الف) هاڻوڪي (هندستاني) آئين ساز اسيمبليءَ اندر جوڙيو وڃي، يا

(ب) (پاڪستان واري) نئين ۽ الڳ رياست جي آئين ساز اسيمبليءَ اندر جوڙيو وڃي.

اوهين هينئر، قانونساز اسيمبليءَ ۾، پوين چونڊن جي نتيجي ۾ وينا آهيو جيڪي اٽسڏيءَ طرح، ان بنياد تي وڙهيون ويون هيون ته پارٽ هڪ گڏيل رياست (اکنڊ هندستان) هوندو يا ان ۾ هڪ ئي وقت ٻه رياستون (پاڪستان ۽ هندستان) هونديون.

ڪانگريس يا (مسلم) ليگ، جنهن جا اوهين چُڻ ڳايو ٿا ۽ جنهن سان اوهان جي وفاداري آهي، انهن ٻئي، پوئين تجويز (يعني هندستان کي ورهائي ٻه رياستون ناهيون وڃن) تي سهمت ٿيون آهن. اوهان سميت، ٻين مسلمان رياستن جي نمائندن کي هاڻي هندستاني اسيمبليءَ ۾ چٽي اڪثريت حاصل هوندي، انڪري، اوهان جي فيصلي کي سرڪار نامدار جي رٿا ۾ حتمي نتيجي طور شامل ڪيو ويندو.

ساڳيي وقت، جئين ته آهيو ئي آئين پسند ۽ جمهوريت پسند، انڪري، اوهين پاڪستان جي تجويز جي حق ۾ فيصلو ڏيندا ئي، پر هتي سڀ کان اهم ۽ بنيادي سوال هي آهن ته پاڪستان جي تجويز ڪيل سيٽ اپ ۾ سنڌ جي سياسي حيثيت (Status) جو تعين اوهان کي ڪيئن ڪرڻ کپي ۽ سنڌ جي آئيندي جي رياست لاءِ آئين ڪهڙيءَ نوعيت جو هوندو، جنهن جي هندستان جي اسيمبليءَ ۾، اوهان منجهان سنڌ جي چئن نمائندن کي سفارش ٻه ڪرڻ کپي ۽ ان جي گُهر ٻه ڪرڻ کپي. سنڌ بابت اهي اهڙا سوال آهن، جن جو ڪوبه وجود ئي نه آهي ۽ جيڪي عام منظر تي آندا ئي نه ويا آهن. اها ڳالهه ڪنهن الميي کان گهٽ نه آهي ته گذريل چونڊن ۾ اهي سوال عام سنڌي ماڻهن اڳيان رکيا ئي نه ويا هئا (جنهن جي ڪري، انهن جي وضاحت جي اڄ گهرج پيش آئي آهي).

تنهنڪري، اها ڳالهه چٽي آهي ته جڏهن اهي سوال اوهان پيش ڪندا ته اهي اوهان کي ماڻهن پاران ڏنل مئنڊيٽ جي بنياد تي مليل اختيار ۾ شامل نه هئا ۽ نه ئي وري برطانوي پارليامينٽ پاران ڏنل اوهان کي اختيار پٽاندر هوندا، (پر، اهي نقطا اهم ۽ بنيادي نوعيت جا ضرور آهن ته جيئن اوهين سنڌ جي آئيندي جي باري ۾ سوال اٿاريو).



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اوهين نمائندا آهيو جيتوڻيڪ 13 سيڪڙو ماڻهن جي ڏنل ووٽن جي بنياد تي ئي، انڪري اوها ن منجهان اها اميد رکي سگهجي ٿي تہ اوهان جو جيترو بہ وس آهي، اوهين انهيءَ نئين سيٽ اپ ۾، پنهنجي ماتر ڀومي ۽ ڀونءِ واسين جي جنمي حقن ۽ مفادن تان نہ هٿ کڻندا ۽ نہ ئي وري انهن ۾ ڪا گهٽتائي آڻڻ ڏيندا.

انهيءَ سلسلي ۾، گهٽ ۾ گهٽ ايترو ضرور ڪريو جيڪا ڳالهہ اوهان جي پنهنجي ماترڀوميءَ ۽ ڀونءِ واسين لاءِ وڏيءَ اهميت واري آهي تہ آئين ساز اسيمبليءَ جي هٿن تائين پهچندڙ آئين جي مسودي ۾ اهڙي شق لازمي طرح شامل ڪرايو تہ مٿي پيش ڪيل سوالن جي سلسلي ۾ فيصلا سڄي قوم جي منظوريءَ ۽ توثيق سان مشروط هوندا.

ساڳيي وقت، اوهان اسان کي معاف ڪجو جي، اسين، اوهان جو ڌيان هيٺين ٽن بنيادي شين ڏانهن ڇڪايون:

(1) تہ تاريخي طرح، اسين، سنڌي قوم، بلڪل حق تي هونداسين، جي، هينئر کان ئي، اسين پنهنجيءَ خودمختيار حيثيت ۽ آزاد هستيءَ جو سفر ٻيهر شروع ڪريون، جيڪا، هڪ قوم جي حيثيت ۾، اسان رڳو هڪ صديءَ اڳ انگريزن هٿان وڃائي هئي. انڪري، ٻيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ، پاڪستان جي سڀني آئيني عضون جهڙوڪ: قانونساز اداري ۽ ڪابينا وغيره ۾ نمائندگيءَ جي ڏس ۾، اسان کي مڙني شريڪ اڪاين جهڙو ۽ جيترو برابريءَ وارو درجو تہ ملڻ کپي. اهو ئي اهڙو اڪيلو بنياد آهي، جنهن ۾ برابريءَ ۽ آزاديءَ جا اصول سمايل آهن، جن تي هلندي، مختلف (هندستاني) مسلمان اڪاين وچ ۾ برادريءَ ۽ ڀائيچارو پيدا ڪري سگهجي ٿو.

(2) تہ اسان جي ماترڀوميءَ جي قدرتي ۽ اقتصادي وسيلن تي، رڳو ئي رڳو اسان سنڌي قوم جو حق آهي؛ ۽ پنهنجيءَ ماترڀوميءَ (Motherland) اندر، پنهنجيءَ رياست جي قانونسازيءَ ۽ ان جي ڪاروهنوار واريءَ مشينريءَ جي ننڍي کان ننڍي معاملي کي هلائڻ جي اسان کي مڪمل آزادي هئڻ کپي.

(3) تہ هاڻي وقت اچي ويو آهي، جڏهن اسان کي، هڪ قوم طور، مجموعي طرح، آزاد زندگيءَ جي ميون کي چکڻ ۽ انهن مان مزي ماڻڻ جو موقعو ڏنو وڃي، ۽ ڌارئين استحصال کان ڇوٽڪارو ماڻيو ٿو وڃي تہ ڀوءِ ان کي پاڻ سان گڏ، اسان جي ماڻهن لاءِ اهڙي خوشحالي آڻڻ کپي، جيڪا سندن زندگين مان هر ڪنهن گهرج، جهالت ۽ ڏپ ڏاءَ کي تڙي ڪڍي.

ٻيهرين ٻن نقطن جو پنهنجو اصلوڪو جواز [۽ پسمنظر] بہ آهي، پر اهي مسلم ليگ جي پاڪستان واري ٺهراءَ مان بہ پنهنجو منطق ۽ وزن ماڻين ٿا، اوهان جي اڪثريت، ان سان، هاڻوڪي مقصد (پاڪستان جي قيام) لاءِ، پنهنجي وفاداري ظاهر ڪري ٿي. اهو ٺهراءُ آل انڊيا مسلم ليگ جي آئين ۽ ضابطن واري دستاويز ۾ هن طرح بيان ڪيل آهي:



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

”مڪمل طرح، آزاد (Independent) رياستن جي قيام لاءِ جاگرافيائي طور هڪبئي سان ڳنڍيل اڪاين کي، ضروري زميني ڦيرڦار وسيلي، علائقن/خطن (Regions) جي صورت، اهڙي نموني، ڏني ويندي، جو اهي علائقا، جتي مسلمان عددي اڪثريت ۾ آهن، جيئن هندستان جا اتر اولهه وارا علائقا، هڪبئي سان گڏجي، مسلمانن جي آزاد قومي ماترڀومين طور، آزاد رياستن جي شڪل وٺي بيهندا، جن ۾ شامل ٿيندڙ اڪايون مڪمل طرح آزاد ۽ خودمختيار هونديون.“

انڪري، اوهين ڏسي سگهندا تہ اهو ٺهراءُ، جنهن سان اوهين لاڳاپيل آهيو ۽ جيڪو پاڪستان جي جدوجهد جو اڪيلو بنياد رهندو پئي آيو، اهو واضح نموني ڄاڻائي ٿو تہ پاڪستان جون شريڪ اڪايون آزاد ۽ خودمختيار هونديون. اڳتي هلي، پهرين اپريل 1940ع تي هڪ اخباري بيان وسيلي، مسٽر جناح، ٺهراءَ جي انهيءَ پهلوءَ جي وڌيڪ چٽائي هن نموني ڪئي هئي تہ:

”[شريڪ اڪايون ان نموني آزاد ۽ خودمختيار هونديون] جيئن پنجاب هڪ آزاد ۽ خودمختيار اڪائي هوندي.“

هر هڪ شريڪ اڪاين جي آزادي ۽ خودمختياري بہ ٽن بنيادي نقطن تي ٻڌل آهي، جيڪي آهن:

(الف) سڀ شريڪ اڪايون برابر حيثيت سان وفاقيون وينديون، جنهن جو مطلب آهي، تہ وفاقي قانونساز اداري ۽ ڪابينا وغيره ۾ سڀني شريڪ اڪاين جي هڪ جهڙي ۽ هڪجيتري نمائندي هوندي.

(ب) هر هڪ اڪائي، پنهنجي طريقي سان ۽ پنهنجن ماڻهن لاءِ، پنهنجن قدرتي اقتصادي وسيلن کي وڌائيندي ۽ ان مان فائدو ڪڍندي؛ ۽ هر هڪ اڪائي، پنهنجن ماڻهن وسيلي، پنهنجا داخلي رياستي معاملا هلائيندي؛ ۽ اها وفاقي مرڪز جي فيصلن سان رڳو دفاع، مواصلات ۽ پرڏيهي معاملن (جي اسمن) جي ڏس ۾ پابند هوندي؛ اهو بہ ان حالت ۾ جڏهن، سڀئي اڪايون، برابريءَ جي بنياد تي، اهڙا اسم، رضاڪاراڻي ۽ پنهنجيءَ مرضيءَ واري انداز ۾، پنهنجن فائدن (Benefits) ۽ گڏيل مفاد (Common advantage) کي نظر ۾ رکندي، وفاق جي گڏيل انتظام ۾ ڏينديون هجن.

(ت) هر هڪ شريڪ يا وفاق ناهيندڙ اڪائيءَ کي، ڪنهن بہ وقت، وفاق کي ڇڏي، ان مان ٻاهر اچڻ جو حق حاصل هوندو. ان ڏس ۾، اهڙي چونڊ لاءِ وقت جو تعين، هر هڪ شريڪ اڪائيءَ جي قانونساز ادارو، شروعاتي طرح، نئين سيٽ اپ جي آغاز مهل ۽ ان کان پوءِ پهرين پنجن سالن جي پڄاڻيءَ کان پوءِ ۽ پڇاڙيءَ ۾، هر ڏهن سالن کان پوءِ ڪندو رهندو.

ٽين اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ ڌارين جي غلاميءَ مان ڇوٽڪاري وارو اعلان عام ماڻهن جي دک پريءَ روزاني زندگيءَ ۾ سک ۽ سلامتيءَ جو سنيهو ٿي ظاهر ٿئي. تڏهن عملي صورت ۾ پيش ٿيندي، جڏهن هيٺيان بنيادي جمهوري اصول، جيڪي اسلامي سياست، معاشيات ۽ اقتصاديات جي انقلابي نظرين جا مرڪزي ۽ بنيادي


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اصول آهن، سنڌ جي ايندڙ حڪومتي نظام جي آئين ۾ نمايان طرح ۽ سڌيءَ ريت داخل ڪيا ويندا:

1. اقتدار اعليٰ جا اختيار الله تعاليٰ جي منشا ۽ مرضيءَ پٽاندر ساري عوام جي هٿ ۾ آهن، اهو اختيار هو حڪومت جي سمورن قانونساز ۽ قانون پرداز پرزن تي پنهنجي سڌيءَ طرح چونڊيل عيوضين وسيلي هلائيندا ۽ استعمال ڪندا.

2. عوام کي هيءُ دائمي ۽ ذاتي حق آهي تہ اهي گڏيل فائدي خاطر سماج جو آئيني ڍانچو ڪنهن بہ وقت بدلائي سگهن.

3. ظلم ۽ ڏاڍ خلاف بغاوت ڪرڻ انسان جو ابدي ۽ جنمي حق آهي.

4. حڪومت سماج جي هڪ سياسي نظام هئڻ جي حيثيت ۾ هر حالت ۾ هر صورت ۾ سموري عوام جي فائدي ۽ آواز تي ٻڌل هوندي.

5. زمين ۽ زمين مان پيدا ٿيندڙ دولت ۽ پاڻي بلڪل اهڙيءَ طرح عوام جي گڏيل ملڪيت آهن، جهڙيءَ طرح هوا، اُس يا ٻيون اهڙيون نعمتون، جيڪي قدرت سڀني جي ڀلي ۽ استعمال لاءِ مفت موجود ڪيون آهن. جن کي استعمال ڪرڻ ۽ جن جي مفيد ميون مان لاڀ ماڻڻ لاءِ رڳو هڪ ئي برابريءَ وارو شرط آهي تہ جيڪو بہ انهن نعمتن کي استعمال ڪرڻ ۽ منجهائن لاڀ ماڻڻ لاءِ ڪوشش ۽ محنت ڪري، سوئي منجهائن فيض حاصل ڪري.

6. ڪارخانن، واپار ۽ تجارت، ۽ قرض ۽ اوڌر ڏيڻ جي سمورن ذريعن ۽ ادارن کي قائم ڪرڻ، هلائڻ ۽ ضابطي ۾ رکڻ حڪومت جي ذميواري آهي.

7. پوڙهن، معذورن ۽ بيمارن جي گذران جو بندوبست ڪرڻ، ۽ انهن تندرست شهرين کي روزگار ڏيڻ يا ٻيءَ صورت ۾ سندن گذران جو بندوبست ڪرڻ، حڪومت جو فرض آهي، ۽ هر هڪ شهريءَ جو هيءُ حق آهي تہ حڪومت کان اهڙي قسم جي گُهر ڪري.

8. دولت ۽ فرصت بہ اهڙيون شيون آهن، جن جي ماڻڻ ۽ استعمال ڪرڻ جو حق رڳو محنت ۽ خدمت جي آڌار ئي حاصل ٿي سگهي ٿو.

9. 9 کان 14 سالن جي ڄمار تائين ٻارن جي مفت تعليم، ۽ وڏيڪ چئن سالن لاءِ مفت تعليم جو بندوبست ڪرڻ حڪومت جو فرض آهي، ۽ هر هڪ شهريءَ جو هيءُ حق آهي تہ هو حڪومت کان اهڙي قسم جي گُهر ڪري.

10. صفائيءَ ۽ صحت جي پوري بندوبست ڪرڻ جو فرض حڪومت جي ذمي آهي.

11. سرڪاري ملازم ۽ ڪامورا عوام جا غلام ۽ خادم آهن ۽ نہ انهن جا آقا ۽ مالڪ.

12. قانون جي نظر ۾ سڀ شهري برابر ۽ هڪجهڙو درجو رکن ٿا ۽ هر هڪ شهريءَ جو هيءُ حق آهي تہ قانون هيٺ قائم ڪيل عدالتون ڪيس مفت، پوروءِ ترت انصاف ڏين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

13. ٻاهرين ملڪن ۽ ڌارين قومن جي حملن کان پنهنجي ديس کي بچائڻ هر هڪ شهريءَ جو نه رڳو فرض آهي، پر هڪ بنيادي ۽ پيدائشي حق پڻ آهي.

14. تحرير ۽ تقرير جي آزادي هر هڪ شهريءَ جو بنيادي حق آهي.

15. مزدورن، پگهاردارن، خادمن ۽ هارين جي سياسي رتبي ۽ اقتصادي حالت کي بهتر بنائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ لاءِ تنظيم پيدا ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جي هر حالت ۾ اجازت هوندي آهي.

16. سڀني شهرين کي حڪومت پاران شخصي سلامتيءَ ۽ جسماني ايذاءَ کان حفاظت جي خاطري ۽ تسلي هئڻ گهرجي. ڪنهن به شهريءَ کي قانوني عدالت جي حڪم کان سواءِ حراست ۾ نه رکيو ويندو.

17. هر هڪ شهريءَ لاءِ سندس گهر جي چوديواري هڪ سلامتيءَ جو قلعو آهي، جتي ڪيس ڪو به هيسائي يا ايذائي نٿو سگهي ۽ هر هڪ شهريءَ جي لکپڙهه ڳجهي رهندي ۽ ان سان ڪنهن به قسم جي هٿ چراند نه ڪئي ويندي.

18. سڀني شهرين، عورتن توڙي مردن لاءِ، ذات پات ۽ عقيدن جي فرق کان سواءِ، شهريت جا حق به هڪجهڙا هوندا ۽ ذميواريون به هڪجيتريون رهنديون.

محترم صاحبو!

هيءَ حقيقت ڪنهن کان به ڳجهي نه آهي ته ڌارين جي غلاميءَ مان ڇوٽڪاري ماڻڻ جو جيڪو اٿاهه جذبو اسان جي عوام جي دلين ۾ هوءِ آهي، هن اڻ مٽي ۽ اجهاڳ اميد سان سلهاڙيل ته ڪين ان حالت ۾ هڪ اهڙو وسيع ۽ موزون موقعو ملي ته جيئن اهي هڪ بهتر، وڌيڪ سک پري ۽ وڌيڪ عزت ۽ آبروءَ واريءَ زندگيءَ گذاري سگهن. هن وقت تائين ڪين ايئن پئي ڀڏايو ويو ۽ سمجهايو ويو ته سکي ۽ عزت واري زندگي ڪين نه ملي سگهي ۽ ڪين غربت جي پيڙا ۽ بي عزتيءَ ۽ ذلت جي بي انت مصيبت ۾ گرفتار رکيو پئي ويو، تنهن لاءِ جوابدار يا انگريز سرڪار آهي يا مسلمانن جي حالت ۾ "ڪافر" هندو ۽ هندن جي حالت ۾ "مليڇ" مسلمان هئا. اهڙا سهنجا سولا خيالي ٻوتا ۽ پتلا جن تي هيل تائين سمورا ڏوهه پئي مڙهيا ويا ۽ جن کي هر وقت ۽ هر حالت ۾ پئي ننديو ويو، اڄ کان پوءِ ڪٿي به آسانيءَ سان ۽ ترت هٿ نه ايندا. جو عام ماڻهن، مسڪينن ۽ مظلومن جو ڌيان سندن ڏکن ۽ تڪليفن جي اصلي ۽ سچن پچن جوابدارن کان موڙي ڪن خيالي دشمنن تي ٽِڪائي سگهجي. انگريز اڄ وڃڻ لاءِ تيار ويٺو آهي. رڳو انتظار ۾ آهي ته ڪڏهن ٿا اوهين پنهنجي ان ۾ سلامتي سمجهو ته ڪين اهڙو اشارو ۽ اهڙي اجازت ڏيو.

هندو مسلم سوال گهٽ ۾ گهٽ هاڻي ته ختم ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته جيڪو ان جي خاتمي جو حل پيش ڪيو پئي ويو، سو حل خود عمل ۾ اچي چڪو آهي. اڄ کان پوءِ جيڪڏهن ڪٿي به، ۽ هتي ٿهندڙ پاڪستان ۾ يا هُتي هندستان ۾، اجا به اها ڪوشش ڪئي ويئي ته هندوءَ کي مسلمان خلاف ۽ مسلمان کي هندوءَ خلاف اپاريو ۽ استعمال ڪيو وڃي، ته اهو هنن ٻنهين اجا مَس جنم وٺندڙ حڪومتن مٿان هڪ دل ڏوڏيندڙ مصيبت



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪي ڪليل دعوت ڏيڻ ٿيندو.

هن وقت نہ رڳو ان ڳالهہ جي گهرج آهي تہ هن کان اڳ جيڪي رڳو زباني دعوائون هيون تن کي عملي صورت ڏيئي پنهنجي اخلاص ۽ نيڪ نيتيءَ جي ثابتي پيش ڪئي وڃي، پر ساڳئي وقت اُهي سيئي جن جي هٿن ۾ اسان جي وطن ۽ غريب عوام جي قسمت جون هاڻي واڳون آهن، سي گهڻي بصيرت ۽ صحيح سياسي سمجهہ کان ڪم وٺن ۽ اسان جي سک، سلامتيءَ ۽ امن امان لاءِ پيچاڙڪي منزل ڏانهن صحيح رهبري ڪن.

محترم صاحبو!

اوهان جا غريب بي "زبان" عوامَ هنن حالتن هيٺ اوهان ۾ اهائي اميد رکن ٿا تہ اوهين پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ تي پنهنجن چئن عيوضين کي مٿين ڳالهين جي بنياد تي ڪليل لفظن ۾ فرمان (Mandate) ڏيڻ فرمائيندا، تہ جيئن جيڪي آسرا ۽ آسون اهي پاڪستان ۾ لڳايو ويٺا آهن، سي سندن اميدون پوريون ٿين. آسمانن وارو اوهان جي دلين ۾ پنهنجي وطن ۽ پنهنجي غريب هم وطن ڀائرن لاءِ سندن پيروسي ۽ اميدن جي عيوض، جي اهي اوهان ۾ رکيو ويٺا آهن، ڪا سچي خير خواهي ۽ همدردي پيدا ڪري. آمين!

(ڪراچي، جون 1947ع)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ترِ جي ڳُتي سنڌ

(ٻئي انگريزي ڇاپي لاءِ لکيل (After Piece) جو سنڌي ترجمو)

منهنجو ڪتاب ”سنڌ بچايو – ڪنڌ بچايو“، جنهن جو پهريون ڇاپو ٽڪڙيءَ ڇپائيءَ هيٺ هو سو 15 جون 1947ع تي پڌرو ٿي سگهيو هو.

فيصلہ ڪن حالتون، جيڪي نئدي ڪنڌ جي ورهاڱي طرف وڌي رهيون هيون، سي هڪبئي پٺيان ايتريءَ تہ تيزيءَ سان رونما ٿينديون ويون، جو هيٺيون وضاحتي نوٽ ڪتاب جي سرورق واري صفحي جي اندرئين پاسي ڏيڻو پيو هو:

”...... هيءُ ڪتاب سال اڳ پڌرو ڪرڻ جو ارادو هو، پر ڪِن سببن ڪري ائين ٿي نہ سگهيو. تنهن هوندي بہ، حڪومت برطانيہ جي هندستانين کي اقتدار اعليٰ سونپڻ بابت اعلانيل ۾ تازه ترين آڇ هن ڪتاب ۾ پيش ٿيل ڳالهہ تي ڪنهن بہ طرح اثر انداز نٿي ٿئي. سواءِ ڪن ضروري تاڪيدي هيٺ مٿانهين جي اصل ڳالهہ ۾ خاص طور سنڌ بابت اُن جي بنيادي دليل جي اهميت ۾ اُن جو وزن ساڳيو ئي رهي ٿو. (م. ا. ج 15–6–1947ع)“

حڪومت برطانيہ پاران (جيڪا اُن وقت هندستان ۾ اعليٰ اختيار جو واحد سرچشمو هئي) اقتدار اعليٰ سونپڻ بابت ”تازه ترين آڇ“ جو اعلان 21 مئي 1947ع تي ڪيو ويو هو ۽ اُن جون خاص ڳالهيون هيٺينءَ ريت هيون:

1. ”هندستان جي (زير عمل) آئين ساز اسيمبليءَ جي ڪم ۾ خلل نہ وڌو ويندو پر اُن اسيمبليءَ پاران تيار ڪيل آئين ملڪ جي ڪنهن بہ حصي تي اُن حصي جِي مرضيءَ کان سواءِ قبوليت يا تعميل لاءِ لاڳو نہ ڪيو ويندو.

2. ”ملڪ جي مختلف حصن جِي مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ بہ طريقا تجويز ڪيل هئا، يا تہ: (الف) زير عمل آئين ساز اسيمبليءَ جي ذريعي، جنهن ۾ اختلاف رکندڙ حصن جا نمائندا شامل هجن يا ٿين: يا (ب) اُنهن اختلاف رکندڙ حصن جي نمائندن تي ٻڌل جدا جدا آئين ساز اسيمبلين جي نمائندن ذريعي.

3. ”صوبن جي حوالي سان ڪنهن هڪ اختلاف رکندڙ صوبي يا اُن جي حصي کان ٻئي صوبي يا اُن جي حصي لاءِ، انتظام ڪجهہ مختلف هئا. جيستائين سنڌ جو تعلق هو اُن جِي ليجِسليٽِو (قانون ساز) اسيمبليءَ کي پنهنجي حڪومت جي آئين سازيءَ لاءِ، ڪهڙي آئين ساز اسيمبليءَ سان شامل



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٽيڻ گهرجي.

4. ”عمل پذير پاليسي اُها ئي ساڳي قائم رهڻي هئي جيڪا برطانيہ حڪومت جي ڪئبينيٽ مشن جي 12 مئي 1946ع واري ميمورينڊم ۾ واضح ٿيل هئي، جنهن موجب ”يونين“ يا ”گروپن“ جي آئين ۾ ”اِن ڳالهہ جي گنجائش رکي ويندي تہ جيڪڏهن ڪو صوبو چاهيندو تہ اُهو شروعاتي ڏهن سالن کان پوءِ ۽ اُن بعد هر ڏهن سالن جي وقفي کان پوءِ، پنهنجي قانون ساز اسيمبليءَ جي اڪثريت راءِ سان، آئين ۾ موجود شرطن تي نئين سِر وِيچار ڪرڻ جي مطالبي ڪرڻ جو حقدار هوندو.“

ان کان اڳ مارچ 1942ع ۾ لارڊ پِروِي سيل سَر اسٽئفرڊ ڪِرپس کي برطانوي حڪومت جِي ”جنگي مشاورتي مجلس“ هندستان جي دوري تيِ اِهو اختيار ڏيئي موڪليو هو تہ حڪومت برطانيہ جي ڪيل اعلان (Declaration) بابت هو هندستاني اڳواڻن سان ڳالهيون ڪري ۽ اِن ڳالهہ جو جائزو وٺي تہ اُهو اعلان وٽن ڪيتري قدر قابل قبول هو جيڪا ڳالهہ اُن اعلان جي مقصد جِي ڪاميابيءَ لاءِ نهايت ضروري هئي.

مذڪوره اعلان ۾ بين ڳالهين سان گڏ هيٺين ڳالهين جو بہ احاطو ٿيل هو:

ٻِي مهاڀاري لڙائيءَ (45-1939ع) جي خاتمي کان هڪدم پوءِ هندستان ۾ هڪ چونڊيل مجلس (Elected Body) قائم ڪرڻ لاءِ اپاءَ ورتا ويندا، جنهن کي هندستان لاءِ نئون آئين ٺاهڻ جو ڪم سونپيل هوندو ۽ اُن آئين کي قبول ڪرڻ ۽ هڪدم لاڳو ڪرڻ جو ذمو حڪومت برطانيہ پنهنجي سِر تي کڻي رهي هئي. آئين ٺاهيندڙ اها چونڊيل مجلس انڊين يونين لاءِ آئين تيار ڪندي، پر ان آئين جِي تياريءَ جي آخري مرحلي تي، جيڪڏهن ڪو صوبو پنهنجي قانون ساز اسيمبليءَ جي ووٽ سان اُن آئين کي قبول ڪرڻ تي پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪندو تہ اُن صورت ۾ اُهو صوبو انڊين يونين جي حاڪميت اعليٰ کي قبولڻ کان انڪار ڪرڻ ۾ آزاد هوندو. اُن صورت ۾ اُهو صوبو پوءِ پنهنجو آئين پاڻ تيار ڪري سگهندو، جنهن کي اُهو ئي درجو اُها ئي حيثيت ۽ ذميدارين جا اُهي ئي اختيار حاصل هوندا، جهڙا انڊين يونين کي هوندا.

برصغير هندستان جي سيني صوبن کي عام طور تي ڏنل اِن پسند يا چونڊ (Option) جي اختيار ۽ اُن جي ورجاءَ جِي خاطري هندستان جي وائسراءِ، لارڊ ويول (Lord Wavel)، گهٽ ۾ گهٽ ٻن موقعن تي 1944ع ۽ 1945ع ۾، شملا ۾ ڪوئايل ڪانفرنسن ۾ لڳ ڀڳ ساڳين لفظن ۾ ڏيڻ ضروري سمجهي هئي.

آخري ڀيرو برطانوي وزيراعظم مسٽر اَٽلِي (Mr. Attlee) 20 فيبروري 1947ع تي واضح طور تي چيو تہ ”حڪومت برطانيہ جو ارادو آهي تہ جُونَ 1948ع کان اڳ ۾ اقتدار اعليٰ، ذميوار هندستانين جي هٿن ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ ضروري اُپاءَ ورتا ويندا، پر اهڙو آئين ذڪر ڪيل وقت کان اڳ ۾ جيڪڏهن تيار ٿي نہ سگهيو تہ حڪومت برطانيہ اِن ڳالهہ تي بہ ويچار ڪندي تہ اُن متوقع تاريخ تي برٽش انڊيا جِي مرڪزي حڪومت جون واڳون ڪنهن جي حوالي ڪيون وڃن..... آيا، جيئن آهي تيئن، برٽش انڊيا لاءِ مرڪزي حڪومت جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪنهن اختياري نظام ڪي يا ڪِن علائقن ۾ موجود صوبائي حڪومتن ڪي، يا اهڙي ڪنهن ٻئي طريقي سان، جيئن سڀ ڪان وڌيڪ مناسب يا واجب سمجهجي ۽ جيڪو هندستاني عوام جي بهترين مفاد ۾ نظر اچي.“

هندستان جو آخري وائسراءِ، لارڊ مائونٽ بيٽن، جڏهن تہ موڪليل ٿي هو سَر وِنسٽن چرچل جي قول جِي نَفِي ڪرڻ لاءِ (جنهن چيو هو تہ ”آءٌ برٽش انڊين ايمپائر جي ڏيوالي لاءِ مقرر ٿيل نہ آهيان“). اُن اچڻ سان هڪ موقعي تي، اِهو چوڻ ضروري سمجهيو تہ: ”بادشاهہ سلامت جي برطانوي سرڪار عاليہ پاران برصغير هندستان ۾ اقتدار اعليٰ تان دستبردار ٿيڻ واري تازه ترين طريقي ڪار ڪي ووٽ جي آسان کان آسان عمل ۾ آڻڻ جو فيصلو ٿيل آهي، جيڪو صوبن جي ووٽ کان شروع ٿيندي، رياستن جي گروپن وسيلي مرڪزي حڪومت جي آئينن جي سَرانجامي تائين پهچندو. اُهو طريقي ڪار پنهنجي اصل مقصد ۾ سيني لاڳاپيل ڌرين کي بااختيار حڪومت جي درجي (Dominion Status) وارِي آچ هُئي ۽ اڳتي وڌي، آزاد مرضيءَ سان اُنهن گروپن مان نڪري اچڻ وارو سندن اختيار سچ پچ تہ سندن خودمختياري/آزاديءَ (Independence) جي برابر هو.“

هاڻي اِتي هڪ اهم سوال پُڇي سگهجي ٿو: ”خودمختياري/آزاديءَ جي حق حاصل ڪرڻ واري اُن سڄي قصي جي بار بار ورجاءَ ۾ اُن تي ايتري قدر زور پرڻ کان پوءِ بہ هندستان جو ڪو ’صوبو‘
پنهنجي آزاديءَ لاءِ جدوجهد جي عمل ۾ شامل نہ ٿيو. اِهو ڪيئن ممڪن ٿِي تي سگهيو؟“

اِن کان اڳ جو اِنهيءَ سوال جو جواب ڏجي، هڪ حقيقت ذهن نشين ٿيڻ گهرجي تہ سنڌ پنهنجي هڪ مجيبل اڳواڻ، عزت مآب جي. ايم. سيد ذريعي پنهنجي آزاديءَ جِي گهُر ڪئي هئي. تنهن هوندي بہ اُها ڪوشش ڪامياب ٿِي نہ سگهي. اِها ڳالهہ جيڪا مُستند سچائيءَ سان رڪارڊ تي آيل آهي، تنهن کي ٿورن لفظن ۾ هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو:

سنڌ مسلم ليگ جي صدر عزت مآب جي. ايم. سيد 1943ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ هڪ قرارداد پيش ڪئي، جنهن ۾ گهر ڪئي وئي تہ ”پاڪستان آزاد قومي رياستن جي يونين طور قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ سنڌ بہ آزاد ۽ خود اختيار اڪائيءَ طور شامل هجي.“ (جلال 1958: 110).... پاڪستان جو تصور ”آزاد“ (Independent) ۽ اعليٰ اختيار رکندڙ (Sovereign) رياستن جي يونين طور ڪيل هو جيئن 1940ع جي لاهور واري قرارداد ۾ اُهو پيش ٿيو هو. (مهتاب 1997: 49). ڪراچيءَ مان انگريزي ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ اخبار ”سنڌ آبزرور“ (Sindh Observer) موجب، ”عزت مآب جي. ايم. سيد شروع شروع ۾ هڪ ’سنڌي پاڪستان‘ ناهڻ تي گهريو. پر 1946ع ۾ مسلم ليگ جي سحر مان صاف صاف نڪري اچڻ کان پوءِ هن (برطانيہ جي) ڪئبينيٽ مِشن کي، جيڪا تِن ڏينهن ۾ هندستان جي دوري تي آيل هئي، آگاهہ ڪيو هو تہ هُن هاڻي پنهنجيءَ گهُر کي بدلايو هو ۽ هاڻي هُن هڪ ’سنڌي پاڪستان‘ بدران ’آزاد سنڌ‘ چاهِي ٿي. (جلال 1985: 187).“

”....... اهڙيءَ طرح، 1947ع ۾ پاڪستان ۽ هندستان جي آزاديءَ کان اڳ، سنڌين وٽ پسند جون ٽي ڪليل راهون هيون: ڪانگريس جي حڪمرانيءَ هيٺ يَڪ-انتظامي مرڪزي هندستان (Centralised India) جِي راهہ،


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مساويانہ نظام تي ٻڌل ڪانفيڊرل پاڪستان جِي راهہ يا مڪمل آزاد سنڌ جي راهہ.“ (مهتاب 1997ع: 50)

وقت جِي اُن گهڙيءَ تي، جنوري 1946ع ۾ ڪُل هند مسلم ليگ جي اعليٰ قيادت جِي مجلس عمل (Committee of Action) عزت مآب جي. ايم. سيد کي ليگ جِي مرڪزي تنظيم ۾ سنڌ ليگ، ۽ پنهي مان ڪڍي ٻاهر ڪرڻ جو قدم کنيو.

اِنهيءَ سوال جي جواب لاءِ تہ صوبا بشمول سنڌ، پنهنجي خودمختياريءَ/آزاديءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ مضبوطيءَ سان اُتي ڪڙا ٿيڻ ۾ ڪيئن ناڪام رهيا، پوري هڪ ڊيان طلب بيان جي ضرورت آهي.

هندستان ۾ برطانوي ”صوبن جي حڪمران ڌرين جا ماڻهو (Elites) ”برصغير ۾ موجود برطانوي شهنشاهت جِي سخت مرڪزيت ۽ وسيع پهچ جي عين مطابقت ۾ ڪُل-هند بنيادن تي هِريل ۽ منظم ٿيل هئا. جيئن ئي برطانوي شهنشاهت اقتدارَ اعليٰ ”ورهايو ۽ راڄ ڪريو“ واريءَ چال ڪي سياست جي بساط تي آندو تہ ڏيهي راجائن ۽ شهزادن ۽ صوبن جي سڪر ماڻهن پنهنجا پنهنجا مُهرا سنڀاليا، بلڪ سڀ کان اَڳرا پاڻ ئي اُن سخت مرڪزيت جِي راند جا مُهرا بڻجي وينا ۽ طئي ڪيل ڪُل هند بِساط جي وسيع ۽ عريض فاصلن تان ڊوڙندي ۽ بلند آسماني خلائن تائين تِپندي ۽ ڪِرندي، هڪڙن ڪُل – هند قومي ۽ ٻين ڪُل – هند مسلم فضائن ۾ انگريز بهادر سان ۽ پنهنجي پاڻ ۾ هڪٻئي سان زور آزمائِين ۾ محو جنگ وجدل ٿِي، هڪ ڌر برصغير ۾ مخصوص قومي ”شهنشاهت“ ۽ ٻي ڌر مخصوص مسلم

”شهنشاهت“ جي اَنڌ ۾، بلڪ ”اک نہ ڏسي پير واري ڏنڌڪار“ ۾ وڃي ويئي، ۽ ٻئي ڌريون مڪاني طور پنهنجي پنهنجي پيرن هيٺ موجود جيئري جاڳندي ڌرتيءَ تي نظر وجهڻ کان رهجي ويون، ۽ صوبا، جيڪي تاريخي طور برصغير ۾ قديم ۽ اپرنڌڙ جديد قومن جا وطن هئا، تن جي شعوري مسئلن سان سندن ڪوبہ سَروڪار نہ رهيو. ٻَئي ڌريون، انڊين نئشنل ڪانگريس ۽ مسلم ليگ، پنهنجو پنهنجو ڪُل هند نمائندگيءَ وارو مرتبو ماڻهن جي محض 4 کان 6 سيڪڙو هائوڪارِي ووٽن جي آڌار تائين، جيڪي ووٽ بہ سياسي طرح ”ڏار چونڊ سرشتي“ تحت کين حاصل هئا، محدود ڪِن اختيار جي گادين تي مڳ بنجي ويهي رهيا. صوبن جا اهي شُرفاء، جن کي اِنهن ٻِن مَت مُوڙهيل (Crazy) جماعتن جي حمايت حاصل هئي، سي برطانوي حڪومت جِي آشيرواد هيٺ آڪڙ ۾ پريل ۽ حڪومت برطانيہ جي تيار ڪيل فوجي ۽ عملدار شاهيءَ جي ساڀي ۾ سُک ۽ سلامتيءَ سان رهندي، اِن سودي ۾ پنهنجي منهن پاڻ کي فائدي ۾ سَمجهندي، ڏُکئي ٻُکئي، محروم ۽ مظلوم عوام جِي اَڻ اُٿيل ۽ اَڏ سُتل عوامي طاقت کان ڪجهہ ڪجهہ خائف، مٿان ئي مٿان پنهنجن انگريز آقائن کان اقتدار جون واڳون پوريءَ فرمانبرداريءَ سان، ماٺ ميٺ ۾ ۽ پرامن طريقي سان پنهنجن لالچي هٿن ۾ وٺي وينا. آڪسفورڊ پڙهيل جمهوريت پسند سماجوادي ڪانگريس اڳواڻ پنڊت نهروءَ جِي صلاح ۽ مسٽر جناح جِي حمايت سان، جيڪو ٻيءَ پارٽيءَ جو اڳواڻ هو، حالتن جو مزيد فائدو وٺندي ٻنهي لارڊ مائونٽ بيٽن کان اِها رعايت ورتي تہ صوبن ۽ ڏيهي رياستن کي آڇيل خوداختياري/ آزاديءَ واري حق جي ڳالهہ کي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پاسيرو رکنديءَ، پنهنجي پنهنجي حصي واريءَ مملڪت ۾ ڪين حڪمرانيءَ جو اعزاز عطا ٿئي ته آزاديءَ جي بيک وٺندڙ ڏيندڙ ٻنهي ڌرين، يعني ڪانگريس ۽ ليگ، هڪ ڌر ۽ حڪومت برطانيه ٻي ڌُر، جي سچي پٽ رهجي ايندي. اِن طرح جي ڪجهه سمجهوتي تي متفق ٿينديءَ "لارڊ مائونٽ بيٽن پوءِ سچو وقت صوبن ۽ ڏيهي رياستن کي فقط هندستان يا پاڪستان جي ٻن رياستن مان هڪ سان شامل ٿيڻ لاءِ زورائتن مشورن ڏيڻ ۾ ٿي پُورو رهيو." (جلال: 1985ع: 285).

اِئين، "برطانوي دولت مشترڪ جي دفاعي گهُرجن جي وسيع تر مفادن لاءِ برطانيه حڪومت اِن صورتحال تي پوريءَ طرح مطمئن رهي ته هندستان جو ٻن رياستن ۾ ورهاڱو ئي ڪافي هو ۽ اُن جي ٻئي امڪان طور ڏکڻ ايشيا ۾ عالمي سامراج مخالف/ موافق ڪيترين ئي رياستون قائم ٿِي وينديون. تنهن ڪان برصغير بچي ويندو."
(جلال 1985ع:254).

"بندرگاهه وارو شهر ڪراچي، مثال طور، جيڪو دولت مشترڪ جي جنگي توڙي تجارتي حڪمت عملي لاءِ سوئيز ڪئنال ڪان آسٽريليا جي وچ ۾ رابطي لاءِ نهايت ضروري منزل تي هو برطانيه نٿي چاهيو ته اُهو جي. ايم. سيد جهڙي هڪ انقلابي، جذباتي ۽ زورآور شخصيت جي هٿن ۾ وڃي." (مهتاب 1997ع:50).

مسلمانن جي اڪثريتي صوبن جي معاملي ۾ اُنهن جي خودمختياري/آزاديءَ جي امڪاني صورتن ڪان خاص طرح سنڌن مڪاني حڪمران گروهن جِي ڳڻ لاتار جو مزيد سبب هِيءُ به هو ته ڪين پنهنجن وطنن ـ اڏ پنجاب، اتر اولهه سرحدي صوبي، بلوچستان، سنڌ ۽ اڏ بنگال ۾ حاڪميت لاءِ هڪ ته ٿوڌِل مسلم اڪثريت اڳ ئي حاصل هئي ۽ ٻيو ته منجهائن خاص ڪري ڪمزور صوبن، ڪجهه اڳيرو ڏسندي قرارداد پاڪستان جي شرطن ۾ به پاڻ لاءِ خودمختيار رهڻ جِي آئيني صورت ۾ ضمانت موجود ڏٺي ٿي ۽ هنن اُن تحفظ جي واعدي تي تيستائين ته اعتماد به ڪيو ٿي. پر، اِها ڳالهه سچ پچ ته هڪ سخت پڇتاءَ واريءَ صورت طور سنڌن سامهون هونديءَ يا اِئين به ٿي سگهي ٿو ته ڪين هڪ متوقع خوشيءَ جِي صورت سامهون هئي، جيئن ڪانگريس، جيڪا هڪ وحداني (Unitary Raj) حاڪميت لاءِ ضد ٻڌيو بيٺي هئي، اُتي هندستان ۾ صوبا رياستون سڏجن پيا ۽ سياسي، معاشي ۽ ثقافتي طرح مڪاني آزاديءَ جا مزا ماڻي رهيا آهن. پر پاڪستان جا صوبا خودمختياري/آزاديءَ وارِي ڏنل ۽ ڏيکاريل چَٽِ پويان لڳا ۽ اجا تائين ته دست نگر ۽ زيردست صوبن جِي صورت ۾ ئي رهڻ تي پاڻ کي سڙندي ۽ مرندي پيا ڏسن ۽ وفاق جي محض ٽُڪرن تي، محتاج طور رهڻ ۽ وقفي وقفي سان "هٿين پيرين مُونڙين بند" وفاقي فوج جي مارشل لائِي گهاٽي ۾ پِيڙبا پيا رهن!

بهرحال، برصغير هندستان بظاهر ته آسانيءَ سان ۽ امن امان جي حالتن تحت، جيئن ڪجهه حلقن پاران پوري فخر سان دعويٰ ڪئي وڃي ٿي، 1947ع ۾ آزادي ماڻِي، اُن خوش فهم دعويٰ جي باوجود، ڌرتيءَ ۽ اُن جي ماڻهن کي جيڪي اُن آزاديءَ جِي جِدوجُهد ۾ شامل هئا، وڏي هڪ منظم انساني ڪوس مان گذرڻو پيو. اَڻ ڳڻيون معصوم انساني جانيون ضايع ٿيون ۽ ماڻهن جِي ايڏي وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ٿِي، جنهن جو اڳ ۾ ڪوبه



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اهڙو مثال ڪٿي موجود ڪونهي، ۽ نتيجي طور مها ڪال ۽ ورڇ جي پئماني جيترين سماجي ۽ ثقافتي تباهه ڪارين به رونما ٿيون. جدوجُهد هلندي ڪُل – هند مسلم ليگ پنهنجن برطانوي آقائن تي الزام هڻندي رهي ته اُهي ڪانگريس سان ملي، آزاد هندستان کي هڪ اڪثريتي هندو راڄ ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ڪري رهيا هئا. تنهنڪري، اُن جُڙتو ۽ هٿرادو خطري کي ٽارڻ لاءِ ڏار رياستن جِي گهُر ڪئي وئي ۽ چيو ويو ته "جيڪڏهن ممڪن هجي ته خونريزي ۽ گهرو ويڙهه کان ضرور پاسو ڪجي، پر اُن جِي ڪابه گنجائش نه ٿي بچي...... سو جيڪڏهن اڳلا جنگ چاهين ٿا ته اسين اُن کي به قبول ڪريون ٿا." (ڊَئِوِڊ مِلِسٽيڊ 1996: 100). اِها مسلم ليگ جي حوالي سان، اُن جي بغض جي شڪار ۽ خِفَتَ جي آخري آڙاهه جِي گويا هڪ جهلڪ هئي. اِنهيءَ سڀ ڪجهه جي باوجود، 15 آگسٽ 1947ع تي بادشاهه جارج پنجين، پاڪستان ڏانهن اُماٽيل پنهنجي مبارڪباد واري پيغام ۾ چيو ته "اهڙيءَ ريت پُراَمن ٺاهه ذريعي پنهنجي آزادي حاصل ڪري اوهان سڄيءَ دنيا جي آزادي پسند ماڻهن لاءِ هڪ مثال قائم ڪيو آهي!" (ڊَئِوِڊ مِلِسٽيڊ 1996: 102) بولن جي ڪڇه جيئن نازڪ خاموشي، تحقيق ڪيڏي نه بي حِس به هُجِي سگهي ٿِي!

**انسان جي برابري ۽ قومن جي برابري:**

ساڳئي سال، 1947ع ۾ جين پال سارتر پنهنجِي جڳ مشهور تصنيف Existentialism is Humanism "وجوديت ئي انسانيت آهي" ۾ ٺُلهي ليکي اِن نتيجي تي پهتو ته "انسان تي سزا ٻڌل آهي ته هُو آزاد رهي." " Man is Condemned to be free!" (ڊَيوِڊ مِلِسٽيڊ 1996ع:98)

1947ع کان اڳ، ڪراچيءَ ۾ رهندڙ گجراتي ڳالهائيندڙ ڪڇهه (زردشت ڌرم وارن) پارسين کان علاوه، سنڌ ۾ رهندڙ سيئي رهاڪو، پوءِ اُهي هندو هئا يا مسلمان، گهڻو ڪري سيئي سنڌي هئا. پاڪستان ٺهڻ وقت ڪراچيءَ ۾ 75 سيڪڙو هندو هئا. (پِٿاوالا 1951: 7) اُنهن سيني ۾ سنڌي ٻولي روز مرهه جي ميل جول لاءِ رابطي جو ذريعو هئي ۽ صوبي جِي سرڪاري ٻولي به سنڌي هئي، اُها هندن توڙي مسلمانن ۾ هڪجهڙي عام هئي. "ارڙهين صديءَ جي شاهه لطيف ڀٽائيءَ جِي صوفياڻي ۽ مَتِيپيد کان آزاد شاعريءَ سچ پچ تهِ اِن ٻوليءَ کي ٻنهي مذهبن جِي هڪ مقدس زبان بنائي ڇڏيو هو. لطيف جي بيتن سان، جن ۾ وطن دوستي، انساني برابريءَ ۽ عالمي ڀائيچاري جو پيغام سمايل آهي، پاڪستان کان اڳ وارِي سنڌ، ثقافتي ۽ لساني لحاظ کان هندستان جو هِڪُ–سَمانُ–جاتِي (Homogeneous) صوبو هئي." (مهتاب علي 1997ع:46). سنڌ اُن وقت به سنڌي ماڻهو جو هڪ آزاد وطن هئي، جڏهن 1843ع ۾ اُها انگريز فوجن هٿان شڪست کائڻ کان پوءِ پنهنجي آزادي وڃائي ويٺي هئي.

ها، سچ پچ ته "انسان تي سزا ٻڌل آهي ته هُو آزاد رهي." قومن جي مقدر ۾ به آزادي ماڻڻ سنڌن خاص حق به آهي ۽ سزا طور اُها مٿن مَڙهيل فرضُ به آهي. پر ماڻهو فرد طور آزاديءَ جو دفاع ۽ آزاديءَ جو لطف فقط ان وقت ماڻي سگهي ٿو جڏهن سماج ۾ انفرادي طور، انساني برابريءَ واريءَ حيثيت کي مڃتا ۽ قبوليت ملي ۽ قومون



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آزاديءَ ڪي پنهنجو ڪري، اُن جو دفاع بہ فقط اُن صورت ۾ ڪري سگهن ٿيون، جڏهن سڄيءَ دنيا ۾ موجود قومن ڪي اجتماعي طور قومن جِي برابريءَ واريءَ حيثيت ۾ مڃتا ملي. هر ڳالهہ جي باوجود، تلخ حقيقت اِها آهي تہ پاڪستان ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن ڪي پنهنجي آزاديءَ وارو ڏينهن اڃا حاصل ڪرڻو آهي. هيءُ ئي اُهو وقت جو دؤر آهي، جڏهن پاڪستان ڪي قومن جي هڪ جيل خاني مان ڦيرائي، هڪجهڙين آزاد ۽ خودمختيار قومن جِي جنت بڻايو وڃي، جيئن اُن جو واعدو ڪيو ويو هو ۽ سڄي هيڏي رتا اُن لاءِ رِتي وئي هئي. اُنهيءَ مقصد جِي حاصلات لاءِ سنڌ جا سيئي محب وطن – مرد، عورتون ۽ ٻارڙا – پنهنجِي حياتيءَ جي آخري ساهہ تائين پنهنجو اِهو فرض نڀائيندا رهندا.

پهرين مئي 1998ع



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## Selected Bibliography


1. Jalal, Aysha (1985), "The Sole Spokesman: Jinnah, the Muslim League and the Demand for Pakistan." Cambridge University Press, Cambride.
2. Mehtab Ali Shah (1997), "The Foreign Policy of Pakistan: Ethnic Impacts on Diplomacy", I.B. Tauris & Co. Ltd. London, New York.
3. David Milsted (1996), "Chronicle of the 20th Century in Quotations", Guinness Publishing, 33 London Road, Enfield, Middlesex, EN 26 D.




Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944